اَمُلھ اَسٽوَريا
رسالي شاھ عبداللطيف جا لڌل بيت

اَمُلَهہ اَٽڪوريا

[رسالي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ جا لَڏل بيتَ]

بندرَ ديسان ديسِ، سُلهه نہ سلي وارٿين،

فقيراڻي ويس، اَسُلَهه ڏين اٽوريا.

(شاهه)

سنڌ جي نوجوانن لاءِ
جن جي اڳو زندگيءَ جو ڏونگر اڀو آهي
جنهن کي سَر ڪرڻ لاءِ انهن کي اڃا وڌيڪ جدوجهد
جي ضرورت آهي.

منزل ڏور م َ مَت، چڙهُ م َ سَير لڪن جو،
اُنءَ جي وات م َ لَت، لُنءَ ري حرفُ هُڻ ڪي.
(شاهہ)

ٻي ايڊيشن بابت

شاهه عبداللطيف سنڌ جي عظيم شاعر جو ڪلام مختلف قلمي نسخن ۽ مختلف ماڻهن جي سينن ۾ ٽڙيو پکڙيو پيو آهي. شاهه عبداللطيف جي سوانح ۽ ڪلام تي تحقيق ڪندڙن ڪڇ ڀڄ ۽ راجستان ۾ شاهه جي ڪن قديم، قيمتي ۽ ناياب قلمي نسخن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اتي رهندڙ ڪيترن پيرسن بزرگن ڪي شاهه جي ڪلام جي ياد هئڻ جي ڳالهه ٻڌائي آهي. ان ڳالهه جي ضرورت گهڻي وقت کان محسوس ڪئي پئي وئي ته شاهه جو اڻ ڇپيل مواد هٿ ڪري ڇنڊي ڇاڻي شايع ڪيو وڃي جيئن اهو قيمتي سرمايو جيڪو سينن ۾ سمايل ۽ پراڻن پنن ۾ پيتيل آهي محفوظ رهجي وڃي.

ان ڏس ۾ شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي جي صدر سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي سهڪار سان ورتل پهرين ڪوشش "املهه اڻ توريا" جي نالي سان سنڌ جي عوام اڳيان نهايت عقيدت ۽ احترام سان پيش ڪئي وئي هئي.

سنڌ ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ شاهه جي چاهيندڙن جي ورزور گهر تي شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي جي صدر سائين غلام مصطفيٰ شاهه ان کي وري شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ڪتاب جو ٻيو ڇاپو اوهان جي اڳيان آهي. اميد آهي ته شاهه جي ڪلام جو مطالعو ڪندڙ محقق، دانشور، اديب ۽ عالم هن ڪتاب جي اڀياس مان گهڻو لاڀ حاصل ڪندا.

اسان آدمجي فائونڊيشن جا شڪرگزار آهيون جن اسان کي هن ايڊيشن لاءِ پنهنجو عطيه طور ڏنو.

ڊاڪٽر اياز حسين قادري

سيڪريٽري

شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي

ڪراچي

۱۱ مئي ۱۹۸۸ع

اَمُلهه اَڻٽورِيا

[رسالي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رحه جا لٽل بيتَ]

تمهيد

سيد غلام مصطفيٰ شاهه

شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي، سنڌ،
ڪراچي
١٩٨٥ع

هي ڪتاب ڊاڪٽر اياز حسين قادري، سيڪريٽري شاهه عبداللطيف
ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي، اسحاقيه پرنٽنگ پريس ڪراچي
مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

پهريون ڇاپو] ١٩٨٥ع [ڪاپيون هڪ هزار
ڇاپو ٻيو] ١٩٨٨ع [ڪاپيون ٻه هزار

قيمت : چاليهه روپيه

ملڻ جو هنڌ :
مڪتبه برهان اردو بازار ڪراچي
فون :- 219221

هي ڪتاب
آدمجي پيپر ۽ بورڊ ملس لميٽڊ
جي تيار ڪيل ڪاغذ تي ڇپيو ويو
ڪاغذ
آدمجي فائونڊيشن کان
عطيه طور مليو

فهرست

تمهيد — سيد غلام مصطفيٰ شاهه — ٣—٨

عرض حال — فقير امداد علي سرائي — ٩—٤٦

(١) عرض حال — ٩

(٢) شاهه رحه جو شاعري شان، علمي عروج،
۽ سندن سونهاري شخصيت — ٢٢

(٣) شاهه رحه — جڳ سڳرو، پيغمبري صفت
۽ الهامي شاعر — ٣٣

(٤) ساڄن سڃاڻان سهڻو — ٤٣

اماهه اڏوريا — ٤٧—٢١٤

گڏ ڪندڙ: فقير امداد علي سرائي،
مولوي حاجي خميسو چانڊيو، ۽ فقير رمضان جت
سهيڙ ۽ ترتيب: ڀانهون خان شيخ

سُر يمن — ٤٩

سُر سراڳ — ٥٢

سُر کنڀات — ٦٥

سُر سامونڊي — ٦٨

سُر سهڻي — ٧٠

سُر سارنگ — ٧٨

سُر کيڏارو — ٨١

سُر آبري — ٨٤

سُر ديسي	٩٥
سُر ڪوهياري	١١٢
سُر حسيني	١١٣
سُر سورٺ	١٢١
سُر ٻروو سنڌي	١٢٤
سُر راڻو	١٣٣
سُر کاهوڙي	١٤٢
سُر رامڪلي	١٤٦
سُر رپ	١٥٩
سُر کهاٽو	١٥٩
سُر ڏهر	١٦٠
سُر ليلان	١٦٥
سُر بلاول	١٦٦
سُر پورب	١٦٩
سُر آسا	١٧١
سُر ڪارايل	١٧٧
سُر مارئي	١٨٢
سُر ڪاپائتي	٢١١
سُر پرڀاتي	٢١٢
سُر ڪامود	٢١٣

تمهيد

آءٌ پروردگار جا ٿورا ٿو مڃيان جو اسان ڪيترن سالن جي محنت ۽ خرچ کان پوءِ هي شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة جي اڻ ڇپيل بيتن جو ڪتاب پورو ڪري، ڇپائي، توهان جي اڳيان پيش ڪيو آهي. مون کي خبر آهي ته منهنجي دوستن ۽ اسان کي هن ڪتاب جي مشتهر ڪرڻ تائين ڪيترا مسئلا پيش آيا آهن ۽ خدا جي فضل سان اسان ڪاميابيءَ سان حل ڪيا آهن.

مون کي ياد آهي ته هن ڪم لاءِ اسان مستعد تڏهن ٿياسين جڏهن سرائي اميد عليءَ جهرڪن جي پرسان، ٽنڊي - حيدرآباد رستي تي، اونگر ڳوٺ جي ويجهو، هڪ رڻ ۾ دعوت ڏني، اسان کي گهرايو ۽ اسين ڪيترا دوست ۽ يار سرائيءَ وٽ گڏ ٿياسين، ۽ اتي پهرين مون ڪانئس سندس ارادي جو ذڪر ٻڌو. مون ساڻس، دوستن جي اصرار تي، شاه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽيءَ طرفان سندس ڪم جي مدد ۾ ٻني پورت ڪرڻ جو واعدو ڪيو. سرائيءَ اميد عليءَ ان ڳالهه جو پنهنجي تحرير ۾ ذڪر به ڪيو آهي.

ڪافي سالن کان، نوجوانيءَ جي ڏينهن کان وٺي، اسين شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي اڻ ڇپيل بيتن جو ذڪر ۽ ڳالهيون ٻڌندا رهيا آهيون. مگر کوجنا جو ڪم ڪنهن به بزرگ ۽ چڱي مڙس همٿ رکي هٿ ۾ نه ڪنيو. شاه جا رسالا اڳ ئي گهڻي ئي ڇپجي چڪا هئا، مگر اڃا به رهيل بيتن جو ذڪر سڀني مصنفن ۽ شاه جي بيتن جي سهيڙيندڙن ضرور ڪيو آهي. سرائي امداد عليءَ سان اسان هن ڪوشش ۾ تيار ٿي ڪم لاءِ واعدو ڪيو. سرائي امداد عليءَ سان گڏ به شاه جا شيدائي به هٿ چڙهي ويا، جيڪي گڏجي ٽيئي ڇٽا هندستان موڪلياسون. سرائي امداد عليءَ

پنهنجي تمهيد ۾ ڪڇ ڀڄ ۽ راجستان جو ذڪر ڪيو آهي. پر سندن پوئتان اسان کي سڄو وقت اهو انتظار رهيو ته خبر نه آهي ڪهڙي ڪشالي ۾ آهن يا وڃي ڪنهن ماڳ تي به پهتا يا نه! مگر واپس اچڻ کان پوءِ اسان سرائيءَ ۽ سندس سائين جو چهرو سرهو ڏٺو.

سرائي امداد عليءَ سان گڏ سندس ٻيئي ساٿي منهنجا هڪ قسم جا ڳوٺائا هئا. هڪڙو مولوي صاحب مولوي حاجي خميسو چانديو ميرپور بٺوري جو عالم هو، جنهن کي وڏيءَ عزت سان چوڌاري ماڻهو ڏسندا هئا: عالم هئڻ جي حيثيت سان سندس تلفظ صاف ۽ بيان بلڪل صحيح هو؛ کيس شاه صاحب جي ڪلام تي وڏو عبور حاصل هو، ۽ ڳوٺن ۽ شهرن جي ڪچهرين ۾ ميرپور بٺوري جي آسپاس ماڻهو کيس گهرائي شاه جي ڪلام مان مستفيض ۽ دعائن جا حقدار ٿيندا هئا.

ساڻس گڏ وري هڪ ٻيو بزرگ هو — آهو هو فقير رمضان جت، ڪورواهه جو، جنهن سان به منهنجو ذاتي تعلق نڪتو. هيءَ عمر رسيده بزرگ مرحوم مولوي صاحب احمد ملاح سان تعلق رکندڙ هو، جن سان اسان جو خانداني تعلق رهيو هو ۽ اسين سندس معتقد هئاسين. منهنجي ڏاڏي مرحوم سائين عبدالرحيم شاه وٽ گهڻو ايندا هئا ۽ شاه جا بيت وڏي شان ۽ ڌوم سان پڙهائيندا هئا.

مون کي اها به خبر آهي ته اسان جي سڄي لاڙ جي حصي ۾ جت هڪ وسيع ۽ بااثر قوم آهن. ڪراچيءَ کان وٺي هندستان جي سرحدن تائين سڄي سمنڊ جي ڪناري کان تقريباً هڪ سؤ ميل اندر، ملڪ تي جتن جو آهي. هي هڪ وڏي قوم آهن ۽ شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري ۽ ڀٽائي شاه سان سندن وڏو لڳاءُ رهيو آهي. آزاديءَ جي وقت جڏهن هندستان ۽ پاڪستان ڌار ٿيا، ته جت به هڪ قسم جي تقسيم جو شڪار ٿي ويا. اسان جا ملڪائي سردار راڄ سڱڪ وارا، وڏيءَ عزت ۽ وڏي اثر رسوخ جا مالڪ هئا، ۽ مون کي ننڍي هوندي کان وٺي ان وقت جي ۽

هائي جي سردارن جي سڄاڻپ جي عزت نصيب رهي. مون کي مرحوم محمد عثمان ملڪائي ننڍي هوندي وڏي پيار جي نظر سان ڏسندو هو ۽ هن وقت به مون کي سردار محمود خان ملڪائيءَ جي دوستي نصيب آهي.

جتن ۾ شاهه جو ڪلام بلڪل عام رهيو آهي. ننڍي وڏي کي ۽ زالن کي شاهه جا بيت ياد آهن ۽ زالن جي ڳيچن ۾ به شاهه جو ذڪر ايندو آهي. جت هڪ عجيب قسم جي قوم آهن، جن جو تعلق نه صرف رڻ سان ۽ اُٺن سان مگر ڍڳي مال سان به گهڻو رهيو آهي. جت سمنڊ جا به بادشاهه آهن ۽ سڄو ڪارو سمنڊ وارو حصو سندن محنتن جو ميدان رهيو آهي. جت وڏا دلير ملاح ۽ ڌاڙيل به رهيا آهن. ڳوٺاڻن جي ڳالهين ۾ اهو ذڪر به ٻڌندا رهيا آهيون ته تاريخ ۾ جت احمد آباد ۽ گجرات مان به ڌاڙا هڻي ۽ چوريون ڪري ۽ مال جا وڳ وٺي ايندا هئا ۽ ٻيڙين ۾ سمنڊ جي ڪناري جو شڪار ڪري ايندا هئا. مون کي جڏهن سرائي امداد عليءَ هنن ٻن بزرگن سائين جو ٻڌايو ته آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس ۽ مون کي اسان جي ڪاميابيءَ ۾ ڪجهه اعتماد اچڻ لڳو. مون کي يقين هو ته سرحد پار هندستان ۾ جتن وٽ شاهه جي بيتن جا ذخيرا موجود آهن.

سرائي امداد عليءَ سندس ۽ سندس دوستن جي هندستان ۾ آڪريائهِ جو ذڪر وڏي چش ۽ مش سان ڪيو آهي. اسان کي خبر پيئي ته نه صرف سندن روزمره جي زندگي وڏيءَ مهمان نوازيءَ ۽ خاطر تواضع ۾ گذري مگر ڪافي نذر نياز ۽ ننڍا وڏا تحفا تحائف به کين مليا. جن هندستان جي چڱن مڙسن سنڌين جو — جتن جو ۽ هندن جو — ذڪر سرائي صاحب ۽ سندس سائين ڪيو، تنهن مان اهو محسوس ٿيو ته ڪيترن ڏينهن جي واپس اچڻ کان پوءِ به سندن دل ۽ دماغ مان آنان جي مهمان نوازيءَ جو ذائقو اڃا ختم نه ٿيو هو.

اسان کي اسان جي دوستن کان هڪ وڏو بيتن جو مواد مليو، جنهن ۾ چند هزار بيت ۽ ڪجهه وايون هيون. اسان کي هن مواد جي چنڊڇاڻ ڪرڻ جي سخت ضرورت محسوس ٿي، ۽ اسان اهو ڪم اسان جي دوست محترم ٻانهي خان شيخ کي ڏنو، جيڪو بورڊ آف روينيو حيدرآباد ۾ ڊپٽي سيڪريٽري آهي. ٻانهو خان هڪ تمام عجيب طبيعت ۽ خُلق جو مالڪ آهي: وڏيءَ خوشيءَ سان اهو ڪم ڪرڻ جو واعدو ڪيائين. شاه رحه جي ڇپيل رسالن جو وڌ کان وڌ مواد اڳي ئي موجود هو ۽ سندس چوڻ تي ٻيا جيڪي ڇپيل رسالا، نوان پراڻا، ضروري سمجهيائين سي کيس اسان مهيا ڪري ڏنا.

سائين ٻانهو خان خود پڻ شاه جو رهواسي آهي، شاه جي ڪلام جو ڪافي مطالعو ڪيل اٿس ۽ ان تي وڏو عبور اٿس. اسان کيس هڪ تمام وڏيءَ محنت جو ۽ دقيق نظر جو ڪم حوالي ڪيو ۽ ان ڪم ۾ اسان کي ٻه سال کن لڳي ويا. ٻانهي خان جو تيار ڪيل مواد اسان منهنجي بزرگ دوست محمد ابراهيم جوڻي جي حوالي ڪيو، نظرثاني جي خيال کان، ۽ ان کان پوءِ ڇپائيءَ جي ڪم لاءِ.

ٻانهي خان پنهنجي ڪم لاءِ چند اصول رکيا — هڪ ته اهي بيت ڪڍيا ويا جيڪي صريحاً شاه صاحب جا نه هئا، ٻيو اهي بيت به ڪڍيا ويا جيڪي ڪن رسالن ۾ ڇپجي چڪا هئا. انهيءَ کان پوءِ ٻانهي خان ۽ محمد ابراهيم جوڻي جي گڏيل مشوري ڪافي وقت ورتو ۽ وس آهر باريڪ بينيءَ سان چنڊڇاڻ ڪئي ويئي. محمد ابراهيم جوڻي سرائي امداد عليءَ جي تمهيد کي به ڪافي ڪوشش ڪري متوازن اختصار جي شڪل ڏني. سرائي امداد علي وڏو شاه جو مست ۽ شيدائي آهي ۽ ڪنهن کي جهل ڏيڻ وارو به مشڪل آهي. کيس ڪافي نظم و ضبط ۽ اعتدال جي صورت ۾ رکڻو پيو مگر ان حقيقت کان انڪار نه آهي ته هڪ وڏو ڪم ڪيو اٿس ۽ اسان سڀني جو جس لهڻي.

اسان جي شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي، ڪراچي، هڪ ننڍڙو ادارو آهي ۽ ان کي زنده رکڻ ۾ به اسان وڏا ڪشالا ڪيا آهن. پروردگار جي مدد پڻ رهي آهي ۽ هر ڪم پڻ پورو ٿيو اٿائون. اسان نومبر ١٩٨١ع ۾ هڪ وڏي عظيم الشان ”سنڌي ادبي ڪانفرنس“ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائي هئي، جنهن ۾ تقريباً چوڏهن هزار دوست ۽ دل رکندڙ سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان اسان وٽ سنڌ مدرسي ۾ ان ڏينهن لاءِ اچي گڏ ٿيا. اسان سان انهن ڏهن ۾ جن دوستن، بزرگن، اخبارن، صحافين ۽ معتبر وسعت رکندڙ شخصن جيڪا مدد ڪئي، اسان ان لاءِ سندن هميشه شڪرگذار رهنداسين. هيءَ نومبر ١٩٨١ع واري سنڌي ساهت ڪانفرنس اسان جي بيداريءَ جو وڏو مثال هئي — ۽ هڪ قسم جو سنڌ جي معاشري ۾ نئين دور جو آغاز هو. اسان ان کان پوءِ ترت ئي اپريل ١٩٨٢ع ۾ ”سنڌي عورت ڪانفرنس“ ڪوٺائي، جنهن ماڻهن کي متاثر ڪيو ۽ تعجب ۾ وجهي ڇڏيو. اسان جون ساڍا ٽي هزار اديبون ۽ امائون سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان گلستان شاهه عبداللطيف ڪراچيءَ ۾ اچي گڏ ٿيون — ۽ ڇا ته منظر هو سندن اخلاص ۽ صلاحيتن جو! اهي ڪانفرنسون به سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجي قسم جي پهرين تحريڪ هئي ۽ اسان هنن ڪانفرنسن کان علاوه پنهنجو ادبي، ثقافتي ۽ طباعت جو ڪم به جاري رکيو آهي، جنهن ۾ اسان پنهنجي دوست ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو شاهه عبداللطيف جي شعري فن ۽ فڪر بابت ڪتاب ڇپايو. اسين هي شاهه جي اڻڇپيل بيتن جو ڪتاب ”ملهه آڻيو رهيا“ هڪ وڏي تحقيق تي بنياد رکندي ۽ وڏيءَ کوجنا ۽ محنت کان پوءِ سنڌ جي اديبن ۽ عوام کي دل جي گهراين سان ۽ دعائن سان پيش ڪري رهيا آهيون. هيل تائين ڪيترن صاحبن ڪافي پڻ ڪڍيا آهن مگر اسين هام هڻي چئي سگهون ٿا، ته اسين شاهه جي بيتن جي مواد ۾ هڪ وڏو حصو شاهه جي محبتين ۽ سنڌ جي شيدائين کي پيش ڪري رهيا آهيون.

جن دوستن ۽ بزرگن اسان جي مدد ڪئي آهي — خاص طرح سائين سيد قمرالزمان شاه ۽ ڀائي تيرٿ داس لکميائي قابل ذڪر آهن — الله تبارڪ ڪين جس ڏيندو.

اسان جي هن ڪتاب جو ناشر ۽ ڇپائيءَ جو ذميدار اسان جو دوست ۽ سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري ۽ منهنجو پراڻو شاگرد ۽ هاڻي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادري آهي، جنهن جي مخلصانه ۽ خاموش ڪم جي جيتري تعريف ڪجي ٿوري آهي.

دعا ڪندا — والله المستعان و عليه التڪلان.

سيد غلام مصطفيٰ شاه
چيئرمن، شاه عبداللطيف
ڪلچرل سوسائٽي

بسم الله الرحمٰن الرحيم

(١)

آن مالڪ مهربان، جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو ڪيڙي کي ڪڻ هاٿيءَ کي مڻ، ۽ هر انسان، جيو ۽ جانور کي ڪاٽو ۽ ڪاج سندس ڀاڱي ۽ ڀت آهر ڏئي ٿو — جيڪي جنهن جو مرڪ ۽ ڪرمن ۾ لکيل آهي. هر حال ۾ ان پياري پالڻهار جو شڪر ڪرڻ، سندس ساراهه ڪرڻ، اڳيانس ڪنڌ نمائڻ يا سجدو ڪرڻ هرڪنهن نه پر ڪري خاص ماڻهوءَ تي اخلاقي، پيدائشي ۽ فطري فرض آهي — پوءِ ڀلي ڪهڙي به مذهب تي هجي ۽ ڪهڙي به نموني سان پنهنجي سچي صاحب کي سرچاڻي پرچائي، پر پنهنجي پانهپ جي وات نهايت نهٺائيءَ سان پڌري ڪري. آن پاڄهه پرڻي موليٰ جي اڳيان هر ويل ”رحمي ٿون رحم ڪر!“ اهڙي لات لونڊڙ انسان کي ”وما خلقت الجن والانس الا ليعبدون“ جي جدول سان اشرف المخلوقات چوائڻ جو حق آهي — منهنجو اِن ۾ ويساهه آهي. آءٌ بي تعصب مسلمان آهيان، جيڪي ڪيس الله چون ٿا انهن مان آهيان، ۽ جيڪي ڪيس ڀڳوان چون ٿا انهن جو به ڀائي آهيان. زمين ۽ آسمان ۾ سندس نور جا چمڪاٽ آهن ۽ هر رنگ ۾ سندس سوجهري ۽ پرتوي جون جهاتون جرڪي رهيون آهن. هو ”حق موجود ۽ سدا موجود“ آهي ۽ اسان ساڻ آهي، اسان سندس امر جا بندا آهيون. هو قادر آهي، اسين نادر آهيون. هو غني آهي ۽ اسين سڀ سندس اڳيان محتاج آهيون. هو سندس ذات کي، وحدانيت کي، مڃيندڙن ۽ نه مڃيندڙن جي نيڪي ۽ سٺو ڪم پسند ڪري ٿو ۽ نٺو وڃائي. هو طاقتن جي مٿان

طاقت ۽ اقتدار مٿان قدرت رکي ٿو. جيڪي سندس ذات جا قائل ناهن، تن کي به هو مصيبت، بيماريءَ، ڏک ۽ ڏڪ ۽ سور سختيءَ ويل، پنهنجي زوريءَ نالي چوائڻ جي اهڙي ڇڏي ڏئي ٿو، جو هو ان اگهائيءَ ۽ عذاب ۾ اوچتو "ابا ڙي!" "گهوڙا ڙي!" سان گڏ "الا ڙي!" به چون ٿا ۽ ائين چئي، سندس هجڻ جي ساک ڏين ٿا ۽ کيس مدد لاءِ پڪاري "ڪارڻي" ڪهن ٿا!

ان ڪان پوءِ مان پنهنجي مرشد هاديءَ ڪي پاڻوهه سان درود پڙهي ثواب بخشيان ٿو، جو هو نبين جي چام حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جن، جي صالح آل ۾ آهي، ۽ منهنجي عقيدي موجب درود جو ثواب کيس به پهچي ٿو.

حضرت شاهه سائينءَ سان منهنجي ڪا ازلي لڳڻ هئي. ننڍپڻ ڪان اسان جي ڳوٺ نصيرآباد، ضلعي لاڙڪاڻي، ۾ منهنجي چاچي سرائي ملڪ داد خان جي اوطاق ۾، مسافرن کي ماني به ملندي هئي ۽ رات جو ڪچهري هڪ ٻجي تائين به هلندي هئي. آنهيءَ سُرهيءَ ۽ سُريليءَ ڪچهريءَ، جنهن ۾ پيرن فقيرن ۽ مٿيرن مڙسن جو ذڪر هوندو هو، سگهڙائي صحبت ۽ مردائي محبت جي ميٺ جي اهڙي سٺي پياري، جو اسڪول ۾ جڏهن مان چوٿون درجو پاس ڪري انگريزيءَ ۾ ويس ته ڪورس تي رکيل شاهه صاحب جي بيتن ويتر منهنجو بگل ڦيري، لطيفي عشق ۾ اڌ مجنون نه ته اڌ فرهاد ضرور ڪري ڇڏيو، ۽ مون مئٽرڪ تائين شاهه صاحب جا سڀ بيت ياد ڪرڻ ۽ ڪوڏ سان پڙهڻ ۽ جهونگارڻ ۾ جس ڪٽيو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان پوءِ، جو ڳپور مان ڦري ساماٽيل ٿي، ٿورو ٿورو سالڪيءَ جي سرهاڻ سنگهڻ لڳس، ته ڏٺم ته شاهه سائينءَ ڪلام ۾ اسان واريءَ اتراڏي ٻوليءَ جي ٻڪ به ڪانه آهي. ان ڪري مون وچن ڪيو ته نوڪري ڪندس ته لاڙ ملڪ ۾ وڃي ڪندس ۽ لاڙي ٻولي سٺي، سمجهي، سکي، شاهه صاحب جي هن اجهاڳنڌڙ ۽ مهاڳر مثل علمي رسالي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندس.

انسان عزم جو پختو هجي، سندس اندر ۾ ڪنهن به ڪم ڪرڻ جو ڪوڏ ۽ نيت نيڪ هجي، ته خاوند به ڪيس ڪيرون ڏيئي، اهڙيءَ سرسيءَ سان ورسائي ٿو. ۽ اِئين مون کي ٺٽي ضلعي ۾ نوڪري ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي آفيس ۾ ملي، ۽ منهنجي مقصد جي معراج جي ڏاڪڻ ڏنڻ لڳي. خدا تعاليٰ ڪنهن جي محنت ڦٽو وڃائي. مون لاڙ جي ٻوليءَ ۽ رسالي کي سکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ٻري ٻري جي فقيرن ۽ رسالي جي ڄاڻن سان صحبت ۽ سنگ رکڻ شروع ڪري، جيڪي ڪجهه پرايو، ان ٻوڪ جي سلي جي سنگ اهڙو ته رنگ رچايو، جو مون هڪ فقيراڻو ٽولو تيار ڪيو، جيڪو شاهه جي ڪلام جي ڇاڻ ۾ سڄاڻ ۽ پنهنجي مٽ پاڻ هو. انهن پارسن سان لڳي ۽ گهڄي، آءٌ به هاڻي شاهه جي رسالي جي ڄاڻو فقيرن ۾ ڳڻجڻ لڳس. منهنجا استاد فقير برابر مون کان رسالي ۾ وڌ هئا، پر آءٌ به شاهه جي عقيدت ۽ عشق ۾ ڪانئن گهٽ ڪونه هئس. هو مون کي ان ڪري ڏي ته رسالو پڙهائيندا ۽ سمجهائيندا ۽ انمول بيت ڏيندا هئا، جو هنن کي خبر هئي ته هي شاهه پٺاڻيءَ جو سچو پروانو آهي ۽ ان ڪري مون سان بخل نه ڪندا هئا ۽ مون کي لطيف سائينءَ جي لڪل دولت يعني بي بها انمول اڻ ڇپيل ۽ بيتن جي کاڻ مان ڪجهه ڏيندا ويندا هئا. انهيءَ سڪيا ۽ جاکوڙ جي دوران مون ڇپيل رسالن جو به گهرو مطالعو جاري رکيو. مون کي يقين ٿيو ته شاهه سائينءَ جو ڪافي ڪلام رسالن ۾ ڪونه اچي چڪو هو ۽ ڇاپي رسالن ۾ به ڪافي چڪون ڏسڻ ۾ آيون. مون برک فقيرن جي مدد سان رسالي ۾ آيل چڪن جون درستيون يا ڪُٺل سٽون پڇي، نوٽ ڪري ڇڏيون.

۱۹۶۳ کان ۱۹۷۸ع تائين منهنجي اها جاکوڙ ۽ ڪوشش جاري رهي. پوءِ مون خيال ڪيو ته شاهه سائينءَ جي ڪلام کي گڏ ڪرڻ، رسالي مان آيل ناڪاٽا ڪيڻ، ۽ مڪمل رسالي ڇپرائڻ لاءِ ڪي ڪارون ڪجن، ۽ ڪن هلنديءَ وارن عالمن ۽

عملدارن کي آن ڪارڻ ۾ مدد لاءِ پڪاريو وڃي. مون آن سلسلي ۾ ٽي چار ڀيرا شاهه سائينءَ جي رسالي جي مها ڄاڻو فقيرن جون ڪچهريون ڪرائي، سنڌ جي ممتاز عالمن، اسڪالرن ۽ رسالي جي سڄاڻن کي آنهن ڪچهرين ۾ مدعو ڪيو. اهي سڀ ڪچهريون مون ڀهراڙيءَ ۾ فقير حاجي هاشم مرحوم جي ڳوٺ، تعلقي ٺٽي ۾ رکايون، ۽ انهن ڪچهرين ۾ شاهه جي شيدائين هزارن جي تعداد ۾ گڏجاڻي ڪئي، ۽ جن عالمن، محققن، اديبن اسان جي ڪچهري ٻڌي، انهن ۾ سائين مرحيات پير حسام الدين شاهه راشديءَ، مرحيات نواب نور احمد لغاريءَ، شيخ اياز ڏهوڪي V.C، ڊاڪٽر جي الانا، مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ، مرحوم ٻيڙي فقير ڪنيار، مراد علي مرزا، ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ، محترم الياس عشقي ڊئريڪٽر ريڊيو پاڪستان، سائين ظفر حسن شاهه، غلام رباني آگري (سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ)، معشوق علي خان پٺي، خان محمد پنهور، ڊاڪٽر سليمان شيخ (صدر سنڌ گريجوئيٽس سنڌ)، جناب عنايت الله هدايت الله بلوچ، تاجل ٻيوس ۽ پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه، محمد ابراهيم جويي، ۽ ٻين قابل عزت و احترام عظيم انسانن ۽ عالمن اسان کي ٻڌو. اسان جي فقيرن حضرت شاهه صاحب جي رسالي ۾ آيل چڪن ۽ غلط معنائن ۽ اڻ ڇپيل بيتن جون سنگهرون سڻائي، کين مطمئن ڪيو، ته برابر شاهه جو ڪلام ڪافي تعداد ۾ رسالي ۾ ڪونه ڇپيو آهي، ۽ رسالي ۾ ڪافي چڪون اچي ويون آهن. پر آن سلسلي ۾ سرڪار جي طرفان ڪنهن به اسان کي آنهيءَ ڪم جي پوري ڪرڻ لاءِ مدد وٺي ڏيڻ جي دلداري نه ڏني. چاڪاڻ جو منهنجو عرض ٿي اهڙو وڏو هو — ته سرڪار طرفان هڪ ادارو منظور ڪرايو وڃي، جنهن ۾ "مؤلف شاهه جو رسالو" جي آفيس کولي وڃي، جنهن ۾ رسالي جي ڄاڻو فقيرن کي نوڪري ڏني وڃي ۽ ٻيو عملو رکيو وڃي، جيڪي سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان، بلوچستان ۽ هندستان

مان، شاهه سائينءَ جو لڪل خزانو يعني اڻ ڇپيل بيت ۽ ڏکين اکرن جي لغت تيار ڪري، هڪ مڪمل رسالو تيار ڪن.

پر مون کي جهوريءَ جهوري ڇڏيو ۽ هر هر آن نيڪ ڪم لاءِ مون وڏن ۽ هلنديءَ وارن اڳيان رڙيون ٿي ڪيون. ويچاري مرحيات پير حسام الدين شاهه راشديءَ کي ڏاڍو اسان جي محنت، لوچ ۽ جاکوڙ جو احساس ٿيو، جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ وارن، خاص ڪري ڊاڪٽر جي الانا، کي ٿي پيرا ڇيو ته اسان فقيرن کي ان ڪم لاءِ مقرر ڪري، اهو ڪم ڏنو وڃي. پر ان اهم ۽ نئين ڪم لاءِ جيئن ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ "فنڊس" ڪونه هئا، تنهنڪري اسان جي دلي مراد پوري ڪانه ٿي.

آخري ڳنڍجائيءَ ۾ مون محترم سيد غلام مصطفيٰ شاهه کي عرض ڪيو ته هندستان ۾ ڪي وڏيءَ عمر جا فقير آهن، جن وٽ شاهه صاحب جو اڻ ڇپيل ڪلام سيني به سيني هلڻ ۾ اچي ٿو، جن سان اسان جي خط ڪتابت به جاري ٿي چڪي آهي، تنهنڪري اسان کي ترت هندستان مان اڻ ڇپيل ڪلام لاءِ رواني ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وڃي — نه ته آهي جهونا فقير پرڏيهه جا جيڪڏهن فوت ٿي ويندا، ته سنڌي ادب کي وڏو ڪاپاري ڌڪ لڳندو ۽ شاهه صاحب جو اهو انمول ڪلام به انهن جهونن فقيرن جي مرڻ تي وڃائجي، هميشه لاءِ غائب ٿي ويندو. سدا جيئي غلام مصطفيٰ شاهه، تنهن آيل مهمانن کي اسان جي ان نيڪ ڪم لاءِ اپيل ڪئي ۽ هڪ فقير جي اوٽ موٽ ٽڪيٽ لاءِ پاڻ آڇ ڪئي. اهڙيءَ طرح ٻئي هڪ مخير مسٽر محمد حسن عقيليءَ به هڪ ٽڪيٽ جي لاءِ واعدو ڪيو. جنهن تي ڊاڪٽر جي الانا سنڌيالاجيءَ طرفان اسان جي پاسپورٽن ۽ ويزا جي خرچ پکي جو ذمو ۽ بندوبست ڪرڻ جو واعدو ڪيو. اسان کي ڊاڪٽر سليمان شيخ ۽ ڊاڪٽر بوهي خان بلوچ (صغرا هائي اسپتال ۽ ٽرسٽ جي ائڊمنسٽريٽر) پڻ ڪجهه مدد ڏني، ۽ اسان ٽي فقير هندستان ڪچ پچ وڃڻ لاءِ تيار ٿي وياسين.

مون ان وچ ۾ هتان جي جت فقيرن جي مرشد، ميڻهڙين، ۽ ٻين کان هندستان وارن رسالي جي ڇاپو جت فقيرن کي خط لکرائي روانا ڪرايا، ۽ سفارشون وٺي، الله جي آسري پرڏيه ڀوريو.

اٺين اسان ٽن فقيرن جو ٽولو، الولا جهاز ۾، بمبئيءَ پهتو، جتي اسان جي پاڪستان مان لڏي ويل هندن عالمن، صوفين ۽ شاهه سائينءَ جي شيدائين ڏاڍي آجيان ۽ سهڻي پليڪار ڪئي، جن ۾ پروفيسر ڪليان آڏوانيءَ، پروفيسر رام پنجواڻي (بمبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي سربراهه)، مشهور ايڪٽ اتم ۽ سنڌس ڌرمپتني سندري اتمچندانيءَ، ماستر چندر، سنڌي "هندستان" اخبار جي ايڊيٽر ديوي واسوانيءَ، ۽ ٻين گهڻن سنڌي ساهت جي شائقن ۽ اسان جي مُلڪين محبت سان ۽ ڀاڀوهه سان اسان جو ساٿ ڏنو، دل ۾ جايون ڏنائون، ۽ اسان جي نيڪ ڪم لاءِ ڏاڍا خوش ٿيا. اسان انهن سڀڻن کان مانَ ۽ مهمانوازي وٺي، ڪڇ ڀڄ ريل ۾ روانا ٿياسين.

ڪڇ ڀڄ بمبئي کان اٽڪل ايترو پري آهي، جيترو ڪراچيءَ کان لاهور. اسان کي VIP جي رزرويشن (سڪالرس جي حيثيت ۾) سنڌي هندن ڀائرن رياوي ڪٽي کان ڪرائي ڏني ۽ اسان آرام سان ٢٦ ڪلاڪن ۾ وڃي ڪڇ ڀڄ جي گانڌي ڌام اسٽيشن تي لٿاسين. جتان ڀڄ پهچي، ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ پاسپورٽن جي داخلا جو ڪم لاهي، پٺياري ڳوٺ پهتاسين، جيڪو ڀڄ ضلعي هيڊڪوارٽر کان ٦٥ ميل ڪن پري آهي.

اسان اُتي فقير حاجي ولي محمد جت وٽ رهياسين، جنهن وٽ 'پراڻي گنج' جيَ يعني ته قلمي رسالي جي پڪ هئي. حاجي ولي محمد اسان کي آڳونيو ۽ شاهه سائينءَ جي هن نيڪ ڪم لاءِ ايندو ڏسي، اکين ۾ جايون ڏنيون ۽ دلداري ڏني ته هو اسان جي هر ممڪن مدد ڪندو. اسان کي هُن، پنهنجي غريبي حال آهر، پنهنجي اوطاق ۾ مرشد وانگر مانُ بخشيو، ۽ ٻن سڀ ڳوٺاڻان اسان تان ساهه صدقي ٿي ويا. اسان انهن سان سنڌي ٻولي ڳالهائي،

۽ سنڌن مهمانوازيءَ جو عجب رنگ ڏسي، حيران ٿي وياسين. بلاشڪ سنڌ جي مهمانوازيءَ جي اثر ڪڇ تي ايترو ته قبضو ۽ اثر ڪيو آهي، جو سنڌ کان به ٽڙ هو مهمانوازيءَ ۾ ڏسڻ ۾ ٿي آيا. ڪچهريءَ جا اهڙا ته ڪوڏيا هئا، جو پهرين رات اسان کي ٿڪل ڏسي به هڪ بجي کان اڳ سمهڻ نه ڏنائون ۽ بعد ۾ ٢-٣ بجي رات تائين ڪچهريون قائم ٿينديون رهيون ۽ پري پري جا ڳوٺاڻا اسان جو ٻڌي، گڏجڻ ۽ مزمانيون جهلڻ لاءِ اٿين ٿي آيا، ڄڻ ته اسان انهن جا پير هياسين.

قصو ڪوتاهه صبح جو سويري نماز تي سڀ گڏ ٿياسين ۽ نماز بعد وري حاجي ولي محمد جي اوطاق ۾ جتي اسان جو ٽڪاڻو هو، اتي اچي ويٺاسين. حاجي ولي محمد فقير هڪ وڏو عالم، نيڪ نمازي ۽ شاهه جي رسالي جو وڏو ڄاڻو ۽ شاعر هو. هن فقير اسان کي نيرن ڪرائي چيو ته ”ادا فقيرو، مون وٽ منهنجي والد صاحب مرحوم جو گڏ ڪيل گنج برابر آهي، جيڪو مون اڳ ڪنهن کي به لکڻ لاءِ نه ڏنو آهي، پر ان نيڪ مقصد لاءِ، ۽ چاڪاڻ جو اوهان مرشد لطيف جي ملڪ کان اميد ڪري آيا آهيو، تنهنڪري اوهان کان اهو عوامي شاعر جي ملڪيت ڪانه لڪائبي.“ ائين ڪندي، هيءُ پيرمرد اٿيو ۽ پنهنجي نماڻي نجهري ڏانهن رمي ويو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ حاجي ولي محمد فقير، هڪ سهڻيءَ ٿِڪ جي بچڪيءَ ۾ ويڙهيل ميراث آڻي اسان جي اڳيان رکي. پاڻ چيائين، ”هن ملڪ ۾ مينهن تمام گهٽ پوندو آهي ۽ پرسال تمام وڏي ٻوڏ آئي هئي، جنهن ۾ اسان جو ڳوٺ ٻڏي ويو هو؛ پيو ته هن قلمي گنج کي ابا مرحوم ١٢ سال ته هٿ ۾ رکي ٿي لکيو ـــ مطلب ته لکڻ ۾ ١٢ سال لڳا هئس.“

هن نعمت جي پوءِ اسان ائين زيارت ڪئي: ويڪر اٽڪل ٦ انچ ۽ ڊيگهه ١٢ انچ کن هيس، مٿئين ۽ هيٺين پاسي کان گهڻو پراڻو ٿي ويل هو ۽ ڦاٽل هو، اندر به ورق ڪٿي ڪٿي اڏوهيءَ

جو ڪاڄ ڏٺس ٿي: بهرحال بيت ۽ وايون ثابت ۽ سلامت هيس: تاريخ ١٥ روز جمعي، سن ١٣٣٦هه ۾ لکجي پورو ڪيو ويو هو. ان جي مرحوم ليکڪ حاجي عبدالمطلب جت منڌائي (وينڌل ڳوٺ پٿارو، تعلقو کاهڙا، ضلعو ڀڄ ڪڇ) کي ١٢ سال لڳا ۽ هو ٩٧ ورهيه عمر ۾ فوت ٿي ويو. هن نسخي کي لکڻ ۾ هن کي ڪافي محنت ۽ ڪشالا ڪرڻا پيا هئا، سنڌ ۽ هند جي عالمن ۽ قلمي رسالن تان جيڪي صحيح بيت ۽ وايون کيس ڏسڻ ۾ آيون هيون آهي قلمبند ڪيون هئائين. انهن نسخي جي لکجي وڃڻ کان پوءِ به آن ۾ نوان بيت حاشيءَ تي لکيل نظر آيا، جيڪي مرحوم پاڻ يا سندس حال حيات پٽ حاجي ولي محمد جا لکيل هئا. سڄي نسخي جا اکر ڪلڪ سان ڪاريءَ مس ۾ عربي اکرن وانگر هئا ۽ تمام سهڻا لکيل هئا — آن جي زيارت ۽ اکرن جي سونهن ۽ صحت ڏسي اسان جا ڏک لهي ويا ۽ اکيون ٺري پيون — آن تي مرحياتي لکندڙ جو نالو ۽ شجرو پڻ هيٺينءَ ريت لکيل هو:

"الراقم حاجي مطلب بن پرته بن ڪيڪو بن مندو بن سوهند بن سراج بن مندو بن رکيو بن همر بن ميرا شاه بن ميرمحمد بن عبدالله بن عامر بن همزو بن همر بن هوت بن پنهو بن آري بن بلوچ بن بهادر بن ابويولان بن امير همزو."

مرحوم کي وفات ڪئي ٤٧ ورهيه گذري ويا هئا. ۽ سندس پٽ حاجي ولي محمد جت جي هن وقت ٧٤ ورهيه عمر آهي.

رسالي جي هن متبرڪ نسخي جي متن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي:—

جريان نمبر	نالو سُر جو	بيت	وايون
١	ڪلياڻ	٧٧	٦
٢	جمن	٢٣٦	١١
٣	سريراڳ	١٦٩	١٤
٤	ساموندي	٨٩	٨
٥	سهڻي	٢٥٥	١١
٦	ڪنڀات	٨٦	٥

جريان نمبر	سُر جو نالو	بيت	وايون
۷	سارنگ	۹۶	۷
۸	ڪيڏارو	۷۹	۶
۹	آبري	۱۰۱۶	۱۴
۱۰	معذور	۲۰۶	۱۳
۱۱	ديسي	۲۹۲	۱۳
۱۲	ڪوهياري	۱۸۲	۱۳
۱۳	حسيني	۱۷۶	۲۶
۱۴	سورٺ	۶۴	۵
۱۵	ٻيراڳ	۱۷۵	۶
۱۶	هير رانجهو	۱۴۸	۱۴
۱۷	ٻروو سنڌي	۱۰۰	۸
۱۸	مومل راڻو	۱۷۵	۱۴
۱۹	ڪاهوڙي	۳۹۰	۱۵
۲۰	رام ڪلي	۳۱۳	۱۹
۲۱	رپ	۵۲	۹
۲۲	ليلا چنيسر	۸۴	۴
۲۳	بلاول	۷۰	۶
۲۴	ڏهر	۱۷۱	۷
۲۵	ڪاپائتي	۳۱۱	۱۲
۲۶	پرڀاتي	۴۸	۵
۲۷	گهاتو	۴۳	۳
۲۸	سيهڻ ڪيڏارو	۲۷	۲
۲۹	آسا	۵۹	۸
۳۰	مارئي	۴۷۶	۲۳
۳۱	ڊول مارئي	۵۲	۲
۳۲	ڌناسري	۵۶	۱۰
۳۳	پورب	۵۱	۱۰
۳۴	ڪاموڏ	۵۴	۳
۳۵	ڪارايل	۹۶	۵
۳۶	بسنت	۳۲	۲

اُئين هي ڪُل ۳۶ سُر هن درويش لکي تيار ڪيا مرحوم جي عمر سات نه ڏنو ورنه اڃا ان ۾ واڌي بيت لکي ها. حاجي ولي محمد چيو ته ابا مرحوم ٻڌايو ته "ابا، هن گنج ۾ نوان نوان اڻ ڇپيل بيت ٻڌي آئي حاشيءَ ۾ لکيا اٿم، جيڪي پڻ تمام عمدا ۽ نهايت پيارا ۽ اڻ ٻڌل ۽ اڻ ڇپيل آهن."[۹]

آءٌ ۽ منهنجا ساٿي فقير جيڪي اُئين اڻمول موتين ميڙڻ لاءِ هن سفر تي نڪتا هئاسين، پوءِ هن نسخي جي پڙهڻ ۾ لڳي وياسين، ۽ ڪوشش ڪري آهي بيت ڳولياسين، جيڪي ڇاپيل رسالن ۾ اسان جا ڏٺل نه هئا. اُئين مون اهو لکڻ جو ڪم ۱۵ ڏينهن ڪيو، جو مون وارن ساٿين جا هٿ پٺي ڏکيا ۽

هُن لکڻ ۾ ڪافي اوير پئي لڳائي، ۽ اهو ازاي ڪوڏ ۽ پورهيو منهنجي ڀاڱن ۾ مون کي پلئه پيو.

جت فقيرن وٽ ڪٽ تي سمهڻ جو رواج اصل ڪونه هو، تهنڪري اسان ٻه پٽ تي ٿي ويٺاسين ۽ سُتاسين. ۽ اِٺين هيٺ ٽنڊي تي راهي وجهي، نوار بيت پڙهڻ ۽ لکڻ شروع ڪياسين، جن جي لکڻيءَ ۽ اَن ويهڻيءَ مون کي ته تباهه ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ جو مون کي اُٺين هيٺ ويهڻ جي اڳي ئي تڪليف هئي، بلڪ ڊاڪٽرن جي منع هئي. پر هن رسالي جي نون ۽ اڻ ڀڏل بيتن جي خوشيءَ ۾ منهنجي جنون جو هي حال هو:

ماڻهو مون کي مهڻا ڏيئي ڪندا ڪوهه،
جنهن ڇوريءَ ۾ ڇوهه، سا پٽون ٿيندي پير تي.

ڪو جو اُتس ڪوڏ پاروچاڻيءَ ذات سان،
هو چونس ڀوڏ، هيءَ جيءَ سڻائي جڳ ڪي.

اسان کي ڪڇ جي رڻ ۾ حاجي ولي محمد جت فقير جي قلمي رسالي سان گڏوگڏ هڪ تمام پيرسن فقير حاجي بصريي جت جي پڻ خبر سنڌ ۾ ملي هئي، جنهن جا واقف مائٽ ۽ دوست ٺٽي ضلعي ۾ هئا. حاجي ولي محمد کان ٿي، اسان حاجي بصريي فقير جي زيارت ۽ خدمت ۾ سندس ڳوٺ ”گهوناؤ“ لاءِ تيار ٿياسين، پر رستي ۾ آغا خان جت جيڪو اتان جي جتن جو چڱو مڙس ڪائونسلر ۽ سانولي فقير جي اولاد مان يعني سانولاڻي جت هو، ان جي ڳوٺ، پير گولائيءَ، پهتاسين، جنهن کي پڻ جاتيءَ سنڌ، سنڌ جي مرشدن جا خط ڏنم. هُن اسان لاءِ وڏا بندوبست ڪيا ۽ پلا آٽ تيار ڪرايا، پر وڌيڪ اسان کي تڪليف کان ڇڏائڻ خاطر حاجي بصريي جت کي پلي ڊڳي گاڏي موڪلي مرڳو گهرائي ورتائين. حاجي بصريو جت عمر ۾ سؤ سالن کان مٿي هو، لٺ تي هلندڙ هيٺو ماڻهو هو، پڙهيل اصل ڪونه هو، مگر رسالي ۾ حافظ ۽ تلفظ جي آچارڻ ۾ سٺو ماهر هو. پوءِ هن پيرمرد ويٺي

تحت لفظ رسالو پڙهيو، ۽ رات جو ماني کائي هڪ بجي تائين اسان کي لڳاتار سؤ وار پئي بيت ٻڌايا. سندس عمر وڏي ۽ ڏندن نه هئڻ ڪري، اسان کي جيڪو سندس بيت سمجهه ۾ نٿي آيو، سو بيت ڪانئس ورجائي ٿي پڇيوسين. هن فقير کي اسان هڪ هفتو پاڻ وٽ رهايو، ۽ جيڪي اڻ ٻڌل بيت هئا، سي هن درويش کان پڻ ائين هٿ ڪري لکياسين. بس، منهنجي جاکوڙ جي دوران، ١٨—٢٠ سالن ۾، مون فقير عظيم بلوچستان واري، جنهن جي ڄمار پڻ هڪ سؤ ڏهن ورهين کان مٿي هئي، ان کي ۽ هن فقير کي اڻ پڙهيل پر رسالي جو ماهر حافظ ۽ شاهه جي ڪلام ۾ استاد ڏٺو. اِن جي معنيٰ ته شاهه سائينءَ جو ڪلام ڄاڻڻ ٻه هڪ خدا جي ڏات آهي، ۽ مرشد لطيف جنهن تي راضي ٿئي، ان کي مالامال ڪري ٿو ۽ ابوجهن سان سندس خاص پيار آهي ۽ هنن سان اِها مهرباني ڪرڻ وارو پاڻ ئي ڪريم پوٽو آهي—

جي ڄاڻي ته به نه ڄاڻ، ايءُ در ابوجهن جو،
اِن در سي ئي اگهيا، جنين نه ڄاتيو پاڻ،
ريجهائو راڄاڻ، آهي ابوجهن سين.

حاجي بصريي جت کان پوءِ به اسان گهڻن ڳوٺن، جهڙوڪ سراڙو، آسالڙي، گهوناؤ، ابڙاسر، گهريواري، نريوسٽري، حاجي پير، لونيا، هيه ۽ ٻين ڳوٺن ۾ ڳوٺاڻن ڀائرن جي دعوت ۽ رسالي جي ڳولا ۾ پنڌ ڪياسين، ۽ اسان کي هر ڳوٺ مان ڪافي ڪجهه، اڙيا ٿيڙيا بيت پئي مليا، پر اهڙو ڪو به ڳوٺ يا ڳوٺاڻو نه ڏٺوسين، جيڪو شاهه صاحب جي بيتن کان خالي هجي. هرهڪ ڪچهريءَ ۾ واري وٽيءَ تي ڪجهه نه ڪجهه، سگهڙن سچاڻن خدا جي ڏني مان پئي ٻڌايو. اسان اهڙن فقيرن جي اولاد سان پڻ ملياسين، جيڪي سائين شاهه ڪريم کان لطيف سائينءَ تائين پشت بپشت سندن مريد ۽ مجتنا ۾ پنهنجي مٽ پاڻ هئا. اسان جو هڪ ماڙيءَ مٽان سان پڻ ملڻ ٿيو، جيڪا تمام بزرگن فقيرن جي اولاد

مان هئي. هيءَ مائي رسالي جي وڏي ڇاڻو هئي، پر افسوس جو اسان کيس ڏاڍو بيمار ۽ پوين پساهن ۾ ڏٺو، تاهم به ڳوڙها ڳاڙيندي، مائي صاحبه ڪجهه نوان بيت لکرايا.

اسان کي آئي اِها پڻ خبر ملي ته ڪڇ ۽ ڀڄ کان به وڌيڪ رسالي جا ڇاڻو ۽ بيتن جي کاڻ جيسلمير، هالار، ڄامنگر، جي طرف آهي، پر افسوس جو اسان کي آنان جو ويزا ڪونه هو، تنهنڪري اوڏانهين ڪونه وڃي سگهياسين.

منهنجي من ۾ مولي هڪ ئو ڇائي ته ايترو ڪوڏ، شوق ۽ اشتياق آهي، جنهن جي پوري نه ٿيڻ ڪري شايد آءٌ بي‌مقصد ۽ هار ڪائي مرندس! ان قادر رب کي سوال آهي ته منهنجي من جون مرادن پوريون ٿين، ۽ شاهه سائينءَ جو سمورو ڪلام گڏ ٿي وڃي ۽ هڪ جامع ۽ مڪمل رسالو منهنجي ڏينهن ۾ ڇپجي وڃي، ته مان ان سعادت ۽ خدمت کي سڀني حجن کان افضل ٿو سمجهان: ڇو ته شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ قرآن، حديث، تاريخ ۽ انسانيت جي سبق ۽ سنئينءَ راهه جي عجيب ۽ آسان واٽ سمايل آهي، جيڪا هر انسان لاءِ اونداهي، اوجهڙ ۽ ظلمات کان بچائڻ ۽ پناهه ڏيڻ لاءِ قدرتي سوجهري واري ٽارچ آهي. تحقيق شاهه جا بيت قلب تان ڪٽ لاهين ٿا ۽ ڪتبل دل کي ڪتلئي ڪرڻ جو ڪم ڪن ٿا — ڇو ته هي ڪلام اهڙي مرشد هاديءَ ۽ الهامي ۽ عوامي شاعر جو آهي، جنهن جي عظيم مرتبي کي ڪو به شاعر يا عارف شايد ئي ڪو پهچي سگهي: شاهه صاحب انهن صوفي فقيرن مان هو، جيڪي وحدت‌الوجود جا قائل ۽ مالڪ آهن.

وحدت جن وجود، ڪعبو ڪوڏيو تن جو،
سي ڪنهن کي ڪن سجود، مڪو جنين من ۾!

اوهان خود اندازو لڳايو ته مٿين بيت جي شاعر جو ڇا درجو ٿي سگهي ٿو! پوءِ ڇو نه اسان سنڌي ۽ اسان جي سنڌ

اھڙي عظيم پٽ ۽ سچ-جڙاءُ عالم ۽ صوفيءَ دل صاف ۽ فقيرن جي پڳدار، سچي عارف تي ناز ڪري!

ڪيرون ھجن اسان جي سنڌڙيءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي، جنھن کي لطيف سھڻي جي زبان مبارڪ جي سعادت ۽ پيار ۽ پنھنجائپ پاڻ ۾ ملي. دعا ڪريو ته مالڪ مھربان اھا به وڏيڪ مون گنھگار ٻانھي کي لطيف سائينءَ جي بيتن گڏ ڪرڻ ۾ ڪاميابي عطا ڪري، ۽ وري جيسلمير جي طرف وڃي، ٻيا به لطيفي ماڻڪ موتي آڻي، اڃا ھن مشن ۽ نيڪ مقصد کي توڙ تائين پھچايان ۽ اوھان شاھ جي شيدائين جون دعائون کڻي مران، ته مون لاءِ جنت حاصل ڪرڻ کان وڌ سعادت ٿيندي.

جيستائين ان مُنھنجي مقصد ۾ الله سائين سرسي ڏني، تيستائين سائين غلام مصطفيٰ شاھ صاحب جن مجبور ڪيو ته آنڌل نون بيتن کي ھڪ ڪتاب جي شڪل ڏني وڃي، ته جيئن ماڻھن ۾ شعور جو شعاع جاڳي، ۽ پوءِ اُن نيڪ ڪم ۽ پاڪ مقصد جي وڌيڪ پوري ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪوشش ۽ ڦوڙي ڪري، اھو ڪم پورو ڪرائجي. مون سائين بادشاھ کي انڪار ڪونه ڪيو، ۽ چريائپ ۾ ھاڪار ڪئي، پر ايترو عرض ڪيم ته مون اڪيلي کان اھو وڏو ڪم نه ٿي سگھندو، ڇا لاءِ جو بيتن ۾ آيل ڏکين اکرن جي معنيٰ عربي اکرن جي معنيٰ، بلوچي، بروھڪي، جاتي ۽ ٻين غير سنڌي اکرن جي معنيٰ وغيره مان اڪيلو ڪيئن لکي سگھندس! بھرحال شاھ صاحب مون کي دعا ڪئي ۽ مٿم جوابداري عائد ڪري ڏني. تنھنڪري آسري الله جي ھن ڪٺن ڪم ۾ اڪيليسر ھٿ وجھي، رنڊا روڙڻ شروع ڪيا اٿم. مون وارا يار فقير به ھٿ ڪڍي ويا ۽ اڪيليسر اھو پھاڙ ڏکڻ شروع ڪيم. ڪا غلطي ڏسو ته خدارا معاف ڪجو، جو ھي ڪم سواءِ ڪنھن ٻيليءَ جي مدد جي وڏو مشڪل آھي.

---

(٢)

شاهه رحه جو شاعري شان، علمي عروج، ۽ سندن سونهاري شخصيت

سيد پير سمونڊ، هي ڄامن سندو ڄام،
اڳهيو در الله جي، تنهن ڪامل جو ڪلام،
ٻُري ٻڄيو پانڌيا، تنهن گوهر سندو گام،
جن ڏنو لعل لطيف کي، آيو تن آرام،
ڪونه رهيو ڪو خام، سڀ سڪي ٿيا صالح چوي.

(مرحوم صالح فقير، ڪڇي، شاگرد ۽ مريد شاهه رحه)

هي آهن ٻاجهارا ٻول هڪ ساڃهي سدا ڌوري مريد ۽ ورسايل شاگرد جا، جيڪو اصل ڪڇ جو رهاڪو هو، پر هن پوري ڄمار پنهنجي مرشد هاديءَ جي صحبت سنگ، رياضت ۽ اگهڻ ٻهارڻ ۾ گذاري هئي. هن فقير پڻ شاهه سائينءَ جي شاعرائي پڪ پي، پنهنجي مرشد ڪامل جو شان عظمت، الهامي ڪلام ۽ گوگاءِ پرڏي گام (ڀٽ شريف) جي تعريف ۾ عقيدت جي گلن جي ورکا پنهنجي متئين شعر ۾ اهڙي ته بي نظير ۽ بي مثال ڪئي آهي، جو بيت جي هڪ هڪ سٽ ۾ "لطيف نامون" سمايل آهي — جنهن سان پڙهندڙ ذاهن کي شاهه سائينءَ جي شان ۽ سونهاريءَ شخصيت جي ڪافي ڪل پوي ٿي. حقيقت به ائين آهي ته شاهه جو شان ۽ بيتن جو بيان به جيڪي سندس اصحاب، رنگ رچيل فقير ۽ محبتي ملوڪ ڪندا، سو ٻيا مشڪل ڪي ڪري سگهندا. چوندا آهن ته فقير جي گودڙيءَ جو وارث به فقير ٿيندو آهي، ۽ اهو ئي

سبب آهي، جو شاهه سائينءَ جي غريبائي، فقيرائي ۽ نمائي نجهري ۽ برڪت پرڻي ميخاني جا حاضري خدمتگار فقير* به شاعريءَ ۽ فقيريءَ ۾ پنهنجا مٽ پاڻ هئا، ۽ لاٽ جي پرواه نه ڪندا هئا، چاڪاڻ جو شاهه سائين بادشاهه جي شاعريءَ، فقيريءَ ۽ عاشقائي اوبر سان نيرن ڪيل هين. تنهنڪري سندن اندر جي اوت پنهنجون نڪون ۽ حقيقي عشق مٿانئن آرانيا ڪري، ڪين سماء ويرَ پنهنجي مرشد جو ڪلام ۽ ڪاملپڻي جو ڪمال ۽ عشق جي جمال جون جهاتون پسائي، مرشد جي ساراهه ۾ نعرا هڻائيندو هو-

”صـدق سيد تنهنجي سـاراهه تـ-ان!“

منجهن ڪي فقير ته پنهنجي مرشد ڪامل جي نور پرڻي نرت جو منڊ پي، اماڪ وجد ۾ واڳجي، اهڙو ته جولان ۾ ايندا هئا، جو هو سڀ منصور ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

---

* چيو وڃي ٿو ته شاهه سائينءَ جا ١٣٠ حاضري فقير هئا، جيڪي سندس ايري آستاني تي رهندا هئا. هرهڪ فقير تي جدا جدا ڪم سونپيل هو. منجهانئن جيڪي پڙهيل هوندا هئا، سي اڻ پڙهيل فقيرن کي قرآن شريف ۽ بي ضروري تعليم پڙهائيندا هئا. اهڙيءَ طرح عشاق فقير نوح فقيرن کي سالڪيءَ جا سلوڪ ۽ سوات سڻائيندا هئا. فقيرن جو اميو عشق ڏسي، پڻ ڏي گهوٽ چوندو هو ته ”فقير منهنجو اولاد آهن ۽ مون کي تمام پيارا آهن“. شاهه صاحب فقيرن کي چوندو هو ته ”ابا، اوهان سان جيڪو ڏاڍائي يا اڱرائي ڪري آنهي سان ساموهون نه ٿيندا ڪريو، جيڪڏهن صبر ڪريو ته پلو نه ته مون کي اچي دانهن ڏيندا ڪريو، پوءِ مان آن جو پاڻ ئي ڪو بلو ڪندس.“ انهن مڙني فقيرن جو سرڪردو فقير تمر هو، جيڪو خليفو اول پڻ سڏبو هو. عمر ۾ ڪي فقير ڪمئس وڏا هئا، پر خليفي اول جو درجو هين سائينءَ کي مليو.

اوڦابيل اکين ۾ تـوکـي تکا تـيـر
ساڄن انهي سيگ سين ڦٽيئي گهڻا فقير
پيو ۾ مارج ميرِ، تنهنجو پهرو ڏي پورو ٿيو.

اُنهن شاهه سائينءَ جي صادق عاشقن ۽ عشاقن کان پوءِ جس هجي مرحياتن عالمن، شاهه سائينءَ جي محبتين، سنڌي ساهت جي ملوڪ ليکڪن ۽ اديبن کي، جن شاهه سائينءَ جي سوانح ۽ رسالي تي ڪوڏان قلم کنيو، پنهنجي علمي پندار آهر، ڪافي ڪجهه شاهه جو شان ۽ بيان لکي، پنهنجو وارو وڄايو. انهن مرحياتن ملوڪ مڙدن ۾ مير عبدالحسين ”سانگي“، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، علامه دائود پوٽو، ڊاڪٽر گربخشاڻي، علامه امداد علي قـاضي، دادا چيتل پرسرام، ڊاڪٽر عثمان علي انصاري، موسوي ساداتن عطا حسين شاهه ۽ عبدالحسين شاهه، محمد عثمان ڏيپلائيءَ ۽ ٻين لاڏائو ڪري ويل سڄاڻن ۽ شاهه سائينءَ جي شيدائن جا نالا شاهه سائينءَ جي سوانح، رسالن ۾ سندن موتين ڳتيل لطيفي مضمونن ۾ اڃا تائين جرڪي، سندن علمي اهاءَ ۽ اوليڙيءَ سان اسان کي سندن سنڌي ساهت جي نيهن پريءَ نوڪريءَ جي نشاندهي پسائي رهيا آهن.

اهڙيءَ طرح اسان جي جيئرن جاڳندن برک عالمن، محققن، سُليکڪن ۽ سلڇڻن اديبن جي به اِن باري ۾ علمي خدمت، قلمي ڪاريگري ۽ سنڌي ساهت جي ٻنان نائي نوڪري ياد رهندي، جن پنهنجي ملڪي سنڌي شاعر حقيقي (يعني انهيءَ ڪامل ۽ قدرتي شاعرَ جيڪو هن جدول تي پورو هو ته ”شاعري جزوي ست از پيغمبري“) جي حق گو ڪلام تي ڪست مان قلم کڻي ڪافي ڪجهه لکيو ۽ سٺايو آهي — ڇا لاءِ ته اسان سنڌي فطري سماجهڙا، وفادار، اشراف، نمڪ حلال، وطن جا پروانا، ٻاڙي جا ننگپال، وڙيتا، قربن هاڻا، ڪل مک، مهمانوازيءَ ۾ خان، آڌرڀاءُ ۽ آجيان ۾ اول، هٿ ٻڌي بسم الله چئي پليڪار ڪندڙ، ننڍي وڏي جي ماڻ پيڇ ۽ نيائين سيائين جي ساڃاهه ڪندڙ، پرگهر سان پاڻ وهه

سان پيش ايندڙ، تڏي آئي خون بخشيندڙ، غازي ۽ غيرتي ۽ پيرن فقيرن جا محبتي ۽ مجوتي (مجتو) تہ آهيون ڏي، پر آنهن سلکڻ ۽ سگهڻ سان گڏوگڏ اسان سچن سنڌين جي سنڌ ستنڌ ۾ ازلي ۽ آسيو اهو سروگ سمايل آهي، جو اسان پنهنجي سُرهي، سونهاري ۽ ماں واري ۽ پومي ماتا ۽ امن جي ڌرتيءَ، سهڻيءَ سنڌڙيءَ ۽ سدا حيات سدا ملوڪ سپوت پٽڙي جڳسکري ۽ پيغمبري صفت واري شاعر، سنڌي ٻوليءَ جي ڪرميءَ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جا ٻنان نالي نوڪر ۽ ٽوڪ ٽورائتا آهيون، جنهن ان وقت جي جاڪماڻي ۽ درٻاري فارسي ٻوليءَ کي ڇڏي، پنهنجيءَ پياريءَ ۽ مٺڙيءَ مادري زبان ۾ شاهہ جو رسالو جوڙي، جس ڪٿيو، ۽ اسان لاءِ چڻ تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن ۽ هندن لاءِ گيتا نظم ۾ نروار ڪري، اسان کي سوات (صراط المستقيم) ڏانهن، اسان جو ڏٺي ۽ ڏنار (ڏراڙ) تي، ڏکڻ ۽ ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي — جيئن اسان قرآن ۽ حديث جي مفهوم ۽ مطلب لاءِ عربي ٻوليءَ ۾ وچڙڻ، منجهڻ ۽ پوريءَ طرح ان کي نہ سمجهڻ جي بدران، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻڌي ۽ پڙهي، سنڌس الهامي ڪلام ۽ تحريري تبليغ کي سمجهي، پنهنجو انساني ”مااعظم شانيءَ“ جو مقصد ماڻي سگهون، ۽ لائق لطيف جي لاثاني سوات سُهائيندڙ ۽ لڏون ڪانڌاريندڙ ڪلام تي عمل ڪري، پاڻ کي آدميءَ ۾ آن انسان جي اعليٰ شان جي لائق بہ بڻائي سگهون. تحقيق شاهہ جو رسالو هر انسان لاءِ هڪ ڪامل مرشد جي برابر آهي، جيڪو انسانيت، صداقت، شرافت، ديانت، محنت، وطن جي حب، شجاعت، سخاوت، مروت، نوڙت نياز ۽ ياٿيءَ سان پرپور ۽ پنهنجي مٺ پاڻ آهي.

قسم آ خدا جو جيڪڏهن ڀٽائي بادشاهہ عربي، فارسي يا ٻيءَ ڪنهن غير مادري زبان ۾ شاعري ڪري ها، تہ بہ اهڙي ڏي سٺي ۽ سهڻي شاعري ڪري سگهي ها جهڙي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪئي اٿس، ڇاڪاڻ جو هن اشراف سيد، پُرياڻي، ولي ابن ولي،

چمندي چام، الله لوڪ فقير ۽ شاعر سان خدائي پسڻ ٿيو، ۽ داور جي علمي ديگ جو ڀريون ڪپگر هن صابريءَ سچي سيد ۽ عظيم انسان جي جهول ۾ پيو، ۽ هو خدائي خضري مدرسي جو شاگرد بڻيو، جتي دنيا جي سچي علم ۽ لدني عرفان جو سبق حاصل ٿيندو آهي، ۽ آهو خضري ۽ غيبي علم خدا تعاليٰ پنهنجي خاص ۽ ٿورڙن نيڪ بندن کي عطا ڪندو آهي، جيڪي هن جدول سان نهڪي اچن ۽ جن جي ڪڙهه اندر حضرت عشق جي الستي چڻنگ چمڪي، برهه جي باهه ڀيڙ ۽ ڀڙڪاٽ اختيار ڪندي آهي، ۽ جيڪي ڪک پن ۾ الله، سڀڪنهن ۾ الله، پسندا ۽ چوندا آهن ۽ وحدة الوجود ۽ حق موجود جو نعرو هڻندا آهن:-

هورين* هاڙهو لنگهيو ڳوريون پاسي ڳوٺ
ڪيچ تنين کي ڪوٺ، ڪين جنين جي ڪڇ ۾.

—

سي اڻ پڙهيا ٿي پڙهيا ٿيا، جن کي پڙهائي پاڻ
پيا ڪوڙيين ڪتابن ساڻ، هڻيون وتن هلندا.

هن خدائي خضري علم جي مدرسي مان عطا ٿيل علم وارا طالب پنهنجي زندگي ڀريائين ڪندن تي گودڙي وچائي گوندرن ۾ گذاريندا آهن ۽ هو پنهنجي علم جي گهڻو ڪري نمائش نه ڪندا آهن — "ان در سيئي اگهيا جنين نه پانيو پاڻ" واري وات اختيار ڪندا آهن، ۽ بکن ڏکن ۾ ڏيل ڏهيون ڪري، ٽرن ٻرن جي آسن ۾ آمڙڪي ۽ لڪن ۾ لوساڻجي ويندا آهن. اهڙيءَ ريت آهي رامڪليءَ جا راڻا ۽ الله لوڪ فقير ڏکن ۾ ڏاڍيرا ٿي، جيءَ جنجال ۾ وجهڻ لاءِ اچا ٻه اگهي وڃي، قاسيءَ جي تختي کي هيٺ بيٺ چئي، موت کي جرئت سان منهن ڏيئي، سر جي بازي

---

* هوريون = خدا جي زمين تي آهستي، ادب سان جهڪي هلندڙ:
عباد الرحمان الذين يمشون الارض ذرها.

لڳائي، سسي ترڙيءَ تي رکي، حق جو نعرو، ”حق موجود“ جو نعرو، هڻن ٿا، ۽ جولان ۾ اچي حق جي پڙڏائي ڪن ٿا. اهو ئي سبب هو، جو حضرت سچل سرمست کي وقت جي شرعي رکپال عالمن جي تلوار جي ڌار ڪجهه نه ڪيو ۽ حضرت منصور کي سوريءَ تي لٽڪايو ويو ته به هو نه مڙو، چاڪاڻ ته جو ”حق“ سندس اندر ۾ موجود هو، اهو ”سدا موجود“ ئي آهي. اسان وارا عالم سڳورا آٺ ڪتابن جا پڙهي، گيرب ۽ گاءِ ۾ اچيو ٿا وڃن ۽ شيطان جي ڀهرئين ئي جاڻي سان دسجيو پون يا منجهيو پون. پر پيتائيءَ جهڙا پلارا سڳورا جيڪي ”اقرا“ واري سبق جا شاگرد ٿيا، انهن جو ڪلام عوامي هوندو آهي ۽ اهو هٿ سان نه پر سچ سان ڀرپور هوندو آهي، جنهن ۾ هر انسان جي لاءِ ڀلائي، هدايت ۽ سنئينءَ راهه جو سڏ هوندو آهي ۽ اهو مذهب جي تعصب ۽ ذات پات جي پليتائيءَ کان پاڪ هوندو آهي، چاڪاڻ جو حق شناس، حق گو ۽ حق لاءِ سر گهورينڌڙ شاعر جو ڪلام ۽ شاعري سوچ مولا جي مخلوقات جي باري ۾ ۽ ان جي واسطي هوندي آهي ۽ ان ۾ اها ئي حق ”حق سدا موجود“ جي صحي ساراهه ۽ نمائندگي سمايل هوندي آهي.

۽ اهي سڀ صفتون اسان جي پيغمبري لکڻ واري شاعر حضرت شاهه صاحب ۾ ميسر آهن. تنهنڪري اسان پنهنجي پريتم شاعر حضرت شاهه صاحب کي درگاهه ايزدي يا دربار نبويءَ جو شاعر چئون، ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. اهڙا سچا ۽ الهداد بزرگ شاعر پنهنجي حقيقي مالڪ، ملڪ (وطن) ۽ مادري ٻوليءَ جا واڪائي (مداح) ۽ فطري وفادار هوندا آهن. هو ڪڏهن به پنهنجي مادري ٻوليءَ کي ڇڏي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ پنهنجي الله نواز شاعريءَ جي نمائش ڪانه ڪندا آهن — حالانڪ هنن جو علم ڪامل ۽ وسيع هوندو آهي، ۽ جي چاهين ته ٻيءَ ٻوليءَ ۾ به اهڙي شاعري ڪري سگهن: پر هو پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ جو ننگ سڃاڻي، ان جي تعظيم ۽ حق ۾ شاعري پسند ڪندا آهن.

انهيءَ ڪري اسان جي ڀٽائي بادشاهه جو اسان سنڌين تي اپر احسان آهي، جو هن پنهنجي بي‌مثال، بي‌نظير الهامي ۽ عوامي شاعري سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪري، پنهنجي سهڻيءَ ڌرتيءَ ۽ مادري زبان جو شان ۽ مان مٿانهون ڪري، قومي قدرشناسي ڪئي آهي، ۽ سنڌ وارن کي پنهنجي ڌرتيءَ جي ٻوليءَ سان وفا ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. پر افسوس، جو اسان ان اصيل ۽ محسن جو ليک جيترو به ٿورو نه لاهي سگهيا آهيون ۽ نه اهو املهه ۽ امٽ احسان لاهي سگهنداسين ۽ نه وري اسان ۾ ڪو هن وير تائين ڪو پورو ان احسان جو شعور آيو آهي يا ڪو اونو اُپڙيو آهي ته پنهنجي جڳسڪري شاعر ۽ ٻوليءَ جي مهاڳرو ۽ رکپال کي ڪي موٽ ۾ ڏيون. هيترا سارا وڏا زميندار، مها وڏيرا، واپاري ۽ قاروني خزاني جيترا سنڌي شاهوڪار سنڌ ۾ رهن ٿا، جيڪي لطيف جو لطف ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سنڌس حفاظت به تسليم ڪن ٿا، مگر ڪڏهن به منجهانئن اهڙو سخي مڙد ڪونه اٿيو آهي، جيڪو ڪا لطيف يونيورسٽي (جامعه) ٺهرائڻ ۽ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪري ۽ ان لاءِ ڪوشان هجي، جتي لطيف جي پکڙيل ۽ اڻ ڇپيل ڪلام کي ڪٺي ڪرڻ، شايع ڪرڻ، ۽ پاڙهڻ لاءِ، ۽ لطيف جي ميوزڪ لاءِ تحقيق، ترقيءَ ۽ ترويج جا، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي ڪوٽ جي تڪميل جا ادارا کلن ۽ ڪم ڪن، ۽ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ انهن جي انساني پيغام جي حفاظت، واڌاري ۽ توسيع ۽ نفاذ جا اقدام سوچن ۽ اهتمام ٿين. اتي هڪ وڏو ميوزم هجي، جتي مثلاً، رسالي ۾ ذڪر ڪيل ٻيڙيءَ جا پرزا، مزورن جا اصلي اوزار، ڪورين جي اڏائن جا اوائلي ٽڪرا ۽ پارت، سنڌ جا گل ۽ ٻوٽا، جيت ۽ پکي ۽ ٻيا سنڌ جا حيواني ۽ معدني عجائبات ۽ جملي سنڌي ثقافت جو پڻ دائمي نمائش ڪرايو وڃي، ۽ اتان رسالي جي پڙهائڻ يا سمجهائڻ وقت معنائن جي تشريح ۾ مدد ملي، ۽ انهن جا فوٽو ڪڍي، سنڌي ٻوليءَ جي

ڪامل لغت ۾ تصويري سمجهاڻيءَ طور لڳن، جي علمن جي ڳولن ڪي ۽ عام پڙهندڙن ڪي ڪم اچن.

اسان جي هن وڏي محسن، شاهن جي شاهه، حق جي رڪوال، لعلون لعل لطيف سچ پچ ته اسان جي رڳو ماتا جهڙي ٻوليءَ ۾ ٻه اوپرن ۽ ڌارين اکرن کي نه سٺو آهي، ۽ هن آن تان اوپرن اکرن جي اثر وارو ڪٽ ۽ لٽ لاهي، آن جي ملاوٽ ميٽي، آن کي چنڊي چاٽي ۽ صداقت جي سيرهاڻ تي چاڙهي، اهڙو اڇو اجرو ۽ پاڪ صاف ۽ نج ڪيو ۽ بڻايو آهي، جو هاڻ هيءَ ٻولي ڪنهن به ٻوليءَ جي محتاج يا پرائيءَ ٻوليءَ جي اکرن اوڌارڻ يا واپرائڻ جي غرض نه ڪيندي، ۽ هر انقلابي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ساڙ ساڙيلن (حاسدن)، مٽائيندڙن ۽ مقابلو ڪندڙن جو ذوالفقارحيدري ٿي، ڪنڌ ڪپيندي، ڪترا ۽ ڳترا ڪندي، جونجهارڪو جهيڙو جهيڙيندي ايندي، ڇاڪاڻ جو هن ڀاڳيريءَ ٻوليءَ کي ڀلاري ڀتائي بادشاهه، ٻوليءَ جي مسيحا، جي مضبوط ميخ لڳل آهي، جيڪا قيامت تائين قائم دائم ۽ زنده رهندي، ۽ هن سون ساريکي سنڌي ٻوليءَ جو سونهري رنگ ڪڏهن به ڪونه ڍهندو يا لهندو، ڇاڪاڻ جو اها سڀاڳي، سُرهي ۽ سريلي ٻولي لطيفي پارس سان سڄيل، رچيل ۽ ڳنڍل آهي، ۽ ٻيو ته هن ”لعلي“ ٻوليءَ کي لعل لطيف صادق اليقين جي سچار زبان مبارڪ جو شرف ۽ لبن جو لعاب مليو آهي، ۽ سنڌن عمر نبويءَ، يعني سڄا سارا ٦٣ سال، اها ڀاڄهاري ٻولي شاهه سائينءَ جي سڳورن ۽ مٺڙن چپڙن مبارڪن تي ”آوان - آوان“ جي گونج سان نيڪري ۽ گل ٿي، آڪاس جي سرهاڻ بڻجي، آڪاس واڻي ٿي، سندس بيتن ۾ اچي، الاهامي ۽ عوامي شاعريءَ جي ازحدي حد ۽ حيثيت ۽ عظمت حاصل ڪئي آهي:

”بيت نه ڀانيو ماڙهوا اي آيتون آهين،
نيڙو من لائين، ٻريان سنڌي پار ڏي“!

هيءَ پڻ وسهڻ جهڙي حقيقت آهي ته جنهن زماني ۾ لطيف سائينءَ پنهنجي آيبٽ ۽ فطري فائق ڪلام ۾ ڏاناري ذات

ڏسي، مٿين بيت سان پنهنجي فن جي نمائش ۽ دعويٰ ڪئي هوندي، ته هن اشراف ان بين‌الاقوامي ۽ شرعي ڇرڪائيندڙ عام تي سؤ ڀيرا سوچڻ سمجهڻ ۽ پرجهڻ کان ڪم ورتو هوندو. ڇو ته اوهير (اُنهي وقت) سنڌ ۾ جاڏا ۽ جيّد عالم ۽ قاضي، شرعي ڇيه، ڪنڌڙ شارع ۽ مخدوم ۽ ٻيا پڻ بادشاهي ٻلچا هيڪانڌا هئا، جيڪي شاهه جي اُن ”بيت نه ڀانيو“ جي دعويٰ تي ضرور مڇرجي پيا ۽ ورچي اُٿيا هوندا، پر ڇاڪاڻ جو شاهه سائينءَ جي اِها دعويٰ يا شاعري نعرو پاڻُ پڏائهي کان پاڪ ۽ حقيقتائو هو ۽ اها سندس الهامي اندر جي اوت آجهل هئي، تنهنڪري شاهه پنهنجي واليءَ کان مليل علمي ۽ شاعري وڻ ۽ وٽ ۽ فضل جي پالوت جو اظهار مٿي ڏنل علمي معراج مائيل بيت جي سون سارڪن سٽن سان ثابت ڪري ٻڌايو، ۽ اِها وڏي علمي ۽ غيبي شاعري وَٽَ طالب کي تڏهن ملندي آهي جڏهن هو وچا جي وائي وساري ڇڏي ۽ هيڻائينءَ سان هن جدول تي عمل ڪري:

ٻ‍ڙهڻ ته پرجهڻ، نه ته ٻ‍ڙهڻ آهه مجاڪَ
سبق سپرين جي اندر ڪئي اوتاڪَ
تون پڙدو رکج پاڪ، آن حرف نه ڇاڻان هيڪڙو.

—

ڏڏ تي ڏان گهريج، ڇڏ وچا جي وائي
سپڙ رات سنڀاليا، تاجتي تو لائي
جو ڇاڻي نه ڳائي، تنهن سين ٻيلي ڏٺيءَ ٻاجهه ڪئي.

—

جي ڇاڻين ته ٻه نه ڇاڻ، اِي در ابوجهن جو
اِن در سيئي اگهيا جنين نه ڀانئيو پاڻ
ريجهائو راڇاڻ، آهي ابوجهن سين.

انهي هيڻائينءَ واري سبق ۽ سبب ڪري (ڏسو ته اِن ۾ استاد ڪامل، حضرت لطيف سائين، ڇاڻي ٻجهي لفظن جا اچار به اڻ پڙهيان، اڻ ڇاڻن جهڙا ڪم آڻي ڏو!) شاهه صاحب حاسدن کي

حيرت جي حراست ۾ ڦاسائي ڇڏيو. ٻيو اهو به سبب صحي ٿو لڳي ته انهن وقت جي عالمن ۽ ادني مولوين جو علم دنيوي ظاهري مدرسن جو پيرائيل هو ۽ هن بادشاه جو علم ”سي اڻ پڙهيا ٿي پڙهيا ٿيا، جن کي پڙهائي پاڻ“ يعني خدائي مدرسي جو حاصل ڪيل هو. ان ڪري آهي شاه سائينءَ جي الستي علم ۽ الهامي شاعريءَ جي اِها سٽ ”بيت نه ڀانيو“ واري، نه سمجهي سگهيا، نا ته شاه مسڪين آنهن مها مذهبي مولوين يا ان وقت جي پيرن، مخدومن يا بادشاهي ٻيلاڇن يعني پڳهاردارن مفتين يا ٻين ’علم جي پندار‘ مشهور عالمن ۽ مالڪن ڪان ڪيئن پاڻ بچائي سگهي ها، جن جي شرعي تعزيرن يا فطري ممڪن هوس ۽ حسدن کان هي لڪڙ جهڙو سنهڙو ۽ ايرو سادات الائجي ڪيئن بچي ويو! منهنجي نذر عقل موجب اهي مذهبي ۽ علمي بلڪا ان ڪري بيوس رهيا، جو انهن ويچارن جي وچا شاه رحه جي علمي مهاساگر، شاعرائي رمز ۽ اندر جي عاشقاڻي اوت ۾ هرهڪ بيت جي اکري ۽ اندروني معنيٰ جي منزل ۽ انت کي هو صحي سمجهي نه سگهيا. هو صاحب شاه سائينءَ جي ڪلام کي پڙهڻ کان پوءِ شاه رحه جي شاعري رواني، تجنيس حرفي، خداداد تخيل، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي آبشار ۽ سهڻن اکرن جي زيبدار جنسار ۽ آن ۾ قرآن ۽ حديث جا نوراني چمڪاٽ ۽ تاريخي تجلا ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا ۽ سندن نيٺ حالت هيءَ رهي:-

روحؤن ٿيا ريهاڻ، منجهه ٿسي هو حل ٿيا،
نڪنجائي نڪونج ٿيا، پاتارئون پرياڻ،
آت منجهي وڃن ماڻ، عقل نه آجهي عاقلين.

—

اونهي ٻريان ڳالهڙي، لهي نه سگهي ڪوءِ،
آت حاذق حيرت ۾ پيا، پرو ڪنهن نه پوءِ،
ڳري ٻڌيو ڳالهڙي رت سيڪو روءِ،
ڪمتر آهي ڪوءِ، جو ڪين ٻروڙي ڪيترو!

شاهه لطيف رحه بنان ڪنهن دنيوي سند جي فيلسوف هو. هو عامل، ڪامل ۽ متقي هئڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ساڳئي وقت پاڻ خائف خدا، انڪساريءَ، عاجزيءَ ۽ هيڻائيءَ ۽ نياز نوڙت ۾ به اول هو. صبر ۽ معاف ڪرڻ ته، شاهه سائينءَ جون فطري خوبيون هيون، جيڪي کيس سندس ڏاڏي شاهه ڪريم رحه کان ورثي ۾ مليون، ۽ وٽانئس جڳ سکيون هونديون. هو عاشقن جو استاد ۽ متوڪلن ۾ چوٽيءَ جي درجي جو توڪلي هو. ۽ آخر ۾ آءٌ ائين به چوڻ لاءِ قسم کڻندس ته، شاهه سائين وطن جو وڏو ۽ سچو حبدار ۽ وفادار چوڪيدار ۽ دعاگو هو ۽ پنهنجي وطن (سنڌڙيءَ) سان ايڏو پيار هئس جيڏو حضرت بلال جو رسول پاڪ سان، ته حضرت حر جو حسين عليه‌السلام سان.

آءٌ شاعرن جي پڳدار ۽ سنڌ جي شهنشاهه ڪامل ۽ عظيم انسان جي اِن ٿورڙيءَ واکاڻ بعد سندس سونهاري شخصيت ۽ داوري درجو هيٺين بيت سان لکي، هن باب کي بند ڪريان ٿو:

”نانگ به نمن ان کي، جي ڪيڙيءَ پر ڪنهن
الله اوباهي ان کي، جـي انهيءَ پوءِ پڇن
ان اولياءِ تحت قبا، هي پوڙا ڪين پجهن
ڪُجهان ڳُجهه وڃن، احد جي اسـرار کي.“

(۳)

شاهه رحه ــ جڳسڪرو، پيغمبري صفت ۽ الهامي شاعر

روح راڻي جي ناه ڪو سوڍو سِين سونهن
لاثائين لطيف چئي مِـٽـي دلِـين دونهه
ڪانهي ٻي ورونهن ٽيو مڙوئي مينڊرو.

—

سچ ڏنـو جن تن ڳچيءَ سر ڳهه ڪيو
ٻيون ڪوه ٻجهن قـدر ڪيماڻين جـو.

—

سرها ڏنم سي جٽن، ساڃاهه سرهاڻ جي
تيغ تني جي ڪي ڪٽ نه لڳي ڪڏهين.

هاڻي ڏسو سنڌي ٻوليءَ جي سچاڻ ڪڙميءَ، هڏ ڏوڪي هاريءَ، جي ٻوڪيل ٻوڪ جو واڌارو، ۽ آن جي ٻڌائي ۽ آسيٻي آپت (تخليقي مضبوطي، بنيادي معتبري، ساڪائتي سونهن ۽ سلاست).

شاهه رحه جي سنڌي ٻوليءَ جي ٻوڪ ۽ واپرايل اکرن ۽ سندس ٻوليءَ جي لطيفي جنس جا پارکو آهي ابوجهه ڳوناٺا ٽي سڳهن ٽا، جن لاءِ لائق لطيف فرمايو آهي ”ان در سيئي اگهيا جنين نه پانئيو پاڻ“. سندن ٻوليءَ جي ٻوڪ ۽ شاعريءَ ۾ جنهن ۾ الف جي اوڙ ۽ عشق جي ٻج جي الستي چٽڻ ۽ سرهاڻ سمايل آهي، آن جي پرک ۽ صحي ڄاڻپ ۽ سمجهڻ لاءِ عالمن، فاضلن ۽ اديبن جي وڃا ۽ عقل اوچهون ٽيو ٻوي — ايتري قدر، جو سندن ڪلام صحي سمجهڻ ته پري پيو، آن کي صحيح پڙهڻ

لاءِ ٻه ڪڏهن ڪڏهن اسان جا شهري عالم ۽ اديب آنهن ئي ڳوٺاڻن جا، اڀوڄهن جا، محتاج ٿيو پون، جن جي ٻاجهاري ٻوليءَ کي شاهه صاحب بي پندار سمجهي، شرف بخشي، چڙهي چنڊي، اچو اَجرو ڪري، اهڙي ته ذاتي پاڪائي ۽ پختائي بخشي آهي، جو سندس شعر ۾ شرفائتي ۽ برڪت ڀري عربي ٻولي ٻه جاهه لهڻ لاءِ ماندي آهي. اهو ئي نوس ثبوت بس آهي، جو شاهه سائينءَ جي بيتن ۾ قرآن شريف جون آيتون، حديثون ۽ عربي محاورا اهڙا ته نهن ٿا، جو چڻ ته ٻنهي ٻولين ساڳيءَ سهڻيءَ صورتخطيءَ، بنيادي صداقت، بناوت ۽ اکري مهاندن ۾ پاڻ ۾ ڀيڻون ٿيون لڳن ۽ منجهن ڪا ڪهني قرابت ٿي ڏسجي. اهو ئي سبب آهي ۽ قدرتي ڀلائي آهي، جو هڪ سنڌي ماڻهوءَ کي قرآن پڙهڻ ۾ چند مهينا لڳن ٿا، پر اردو، پنجابي ۽ ٻين ٻوليءَ وارن کي "لنگهيو ورهيه وڃن پاڙهي پوندا پيش مون" وارو حساب ٿئي ٿو. تحقيق، "جهڙو پنهون پاڻ تهڙي سينا سات جي".

جهڙو ڀتائي ڀلارو هو، اهڙي ڀلي ٻولي پنهنجي قادري ڪلام ۾ ڪم آندي اٿس، ۽ ڏاتر ڪنان ٻوليءَ ۾ اهڙي ذات ملي اٿس، جهڙي حضرت دائود عليه‌السلام کي لوهه تي دسترس ۽ مهارت حاصل هئي. منهنجي هيجان ۽ ڪوڏان مطالعي موجب، شاهه صاحب کي بيشڪ سنڌي ٻوليءَ جو ڪڙمي ٻه سڏي سگهجي ٿو ته خالق ۽ درزي ٻه چئي سگهجي ٿو.

شاهه صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ اڳ آيل اوڻايون، گهٽتايون، ڀرائپ، ولهائپ، ٽيڏائپ ۽ بناوتي ڀڙا ڏسي، اڳين عالمن، اديبن، محققن ۽ شاعرن کي ٻوليءَ جي سارسنڀال يا رکپالي نه ڪندي ۽ ڪين ٻوليءَ جو گهڻگهرو نه ڏسي، سندن اهڙيءَ بيوفائيءَ يا لاپرواهيءَ، فراموشيءَ يا خاموشيءَ تي ڀڙڪو ڏيئي، پنهنجي مادري ٻولي سيني سان لڳائي، بسم‌الله چئي، مسيحا ٿي، اُن کي جيارڻ، سڌارڻ سنوارڻ ۽ ڪٽي اکرن جي ٽيڏائپ ۽ ڪچائپ ڪيڻ سان گڏوگڏ اُن ۾ آيل اوپرن ۽ ڌارين اکرن کي ٽڙي،

انهن جي بدران پنهنجا نوان سنڌي اکر ٺاهي، ٻوليءَ کي ٺٽ وڻائڻ ۽ ٺيٺ بڻائڻ لاءِ جيڪا ڪوڏان ڪوشش ۽ محنت ڪئي آهي، تنهن هيڪاري هن سڀاجهڙيءَ سون ساريڪي ٻوليءَ کي هيڪاندي حياتي ۽ لساني قوت بخشي آهي، ۽ اُن کي اصلي بنيادي بناوت ۽ روپ ڏيئي، تمام گھڻو شاهوڪار، بي عيب ۽ بي ڪاٽيو بڻايو آهي. اِن لطيفائي لاڳت، ڪڙمت ۽ محنت اسان جي آريج ۾ آيل سنڌي ٻوليءَ جي ٻنيءَ يا نيٺي کي بنيادي ۽ صداقتي ريج ڏيئي، اسان سنڌين کي آباد، شاداب ۽ خوشحال، سرندي وارو، آسودو ۽ گھڻو شاهوڪار بڻائي ڇڏيو آهي. ائين اسان جي ٻوليءَ کي جيڪا شاهه صاحب ڪان تخليقي طاقت ملي آهي، سا اسان جي ٻوليءَ لاءِ سڄي معجون ثابت ٿي آهي، جنهن جو مثال سندس سنڌي ڪلام مان پڌرو آهي. سندس ڪلام ۾ ٻوليءَ جي پختائي ۽ پختگي، پڪائي ۽ پاڪائي، اصليت ۽ اصيلائپ، ۽ اڻ بدل، اڻ لپ ۽ اماهه، اکرن جي زيبائتي ۽ جيءَ جياريندڙ جڙاوت ۽ وَلپَ، علم وڌائيندڙ اندار بيان ۽ اکرن جي سُهڻائپ ۽ تجنيس حرفيءَ جي جنساري جهالر جي نئين پيشڪش، علمي عروج ۽ نيهن ڀريو نظارو، قافين جي نزاڪت، مضبوطي ۽ بي مثال بيهڪ، قدرتي شاعري رواني ۽ رونق، ۽ ٻيون خاصيون خوبيون، تازيون تخليقون، تمثيلون ۽ تاڙيون هڻائيندڙ تشبيهون، تخيل جي لاريب صداقت ۽ بي پناهه بلندي سندن نرمل نوري ڪلام کي عالمي آسماني تيج ۽ عالمي اورنگزيب (تخت جي سونهن) ڏيئي ڇڏي آهي. جا اسان جي شاعر جي هيءَ عالمي سرسي اسان لاءِ وڏي وٿ آهي ۽ ميراث آهي، جنهن جي سرمايي تي اسان سنڌي غيرن اڳيان ٺڏي سگھون ٿا.

مون تورو اڳي ائين چيئي ڇڏيو آهي ته شاهه سائينءَ کي سنڌي ٻوليءَ جو ڪڙمي به سڏي سگھجي ٿو ته خالق به، ۽ ساڳئي وقت ڪيس ٻوليءَ جو درزي به چئون ته بجا ٿيندو، پر آءٌ سائين بادشاهه کي ٻوليءَ جي اکرن جي فيڪٽري به تسليم ڪريان

ٿو. چاڪاڻ ته شاه صاحب ڪٿي ٻوليءَ جي اکرن جي بناوٽي زيب کي وڌيڪ زيبدار ڪري ٿو، ته ڪٿي اکرن کي ڪتري ڪوري ٿو، ته ڪٿي ڪوٽ ٽوٽ ۾ پنهنجي ٻوليءَ جي قدرتي فيڪٽريءَ مان نوان نرالا، مهلائتا ۽ نئين مانڊل جا اکر ٺاهي، اسان جي ٻوليءَ کي ڪافي ڪجهه ڏنو اٿس، ۽ پرائي ٻوليءَ جي اکرن اوڌارڻ ۽ محتاجيءَ کان بچائي مٿانهون ڪيو اٿس، ۽ ائين ڪرڻ سان ٻين شاعرن کي شعر جي بحر وزن، سونهن ۽ نزاڪت جو پڻ سبق ۽ جدول سيکاري اٿس.

۽ آءٌ خدا جو قسم کڻي ٿو چوان، ۽ حقيقت به ائين اٿوَ، ته جنهن شاعر کي ٻوليءَ ۾ مهارت ۽ ڪامل دسترس هوندي، اهو شاعر به سٺو هوندو. هڪ سٺي شاعر ٿيڻ لاءِ ڀرپائين ٻوليءَ ۾ پڙ ۽ ماهر ٿيڻ ضروري آهي. لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي ڀلائپ ۽ عالمي سوڀ انهي سبب جي ڪري به آهي، جو هي سڳورو، سڏڳڻو سادات ٻوليءَ جو خالق به سڏي سگهجي ٿو، ته ڪڙمي به، ته درزي به، ته ابو ۽ امان به. تحقيق هو سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت جو مالڪ به آهي.

آءٌ هاڻ موضوع کان ٿڙي، ٿورو هي لکڻ واجب ٿو سمجهان ته جيڪو شاعر پنهنجي مادري زبان ڇڏي، پرائيءَ زبان ۾ شاعري ٿو ڪري، اهو پنهنجي ٻوليءَ جو گنهگار آهي. مثلاً الف جي زبان پنجابي آهي پر هو اردوءَ يا فارسيءَ ۾ شاعري ٿو ڪري، ته آهو هن پنهنجي ٻوليءَ جو وڏو زيان ڪيو، ۽ آن سان بيوفائي ڪيائين. اهڙيءَ طرح "ب" جيڪڏهن پنهنجي مادري زبان سنڌي ڇڏي، اردوءَ ۾ ٿو شاعري ڪري، ته اهو به خطاڪار ٿيندو. اهو ئي سبب آهي ته الله لوڪ شاعرن پنهنجي مادري زبان ۾ شاعري ڪرڻ پسند ڪئي آهي — مثلاً مولانا روم، حافظ شيرازي، ڀٽائي گهوٽ، بولا شاه، شاه باهو، خواجه غلام فريد وغيره. البت ڪي اهڙا شاعر ٿوري ٻين ٻولين ۾ به شاعري ڪري، پنهنجي وسيع علمي حيثيت جي جهلڪ ڏيکاريندا آهن، جيئن سچل سرمست

ٻا ٽئين شاعرن مان ڪي هجن، پر بنيادي طرح هو سموري شاعري نمائش پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڪندا آهن، ۽ اهڙا شاعر، مثلاً حضرت شاهه صاحب جهڙا الهامي شاعر ۽ ٻوليءَ جا ماهر، جيڪڏهن پنهنجي ڪلام ۾، وائي ۽ ڪافين ۾ ساڳئي قافيي يا شاعري قانون جي ڪا اهڙي حد ٽوڙي به وجن، ته انهن کي جائز، پر اسان ائين ڪنداسين ته تنقيد جو گهنگهر ڳچيءَ ۾ ٻڌو ويندو ۽ ڇٽ شاعر ليکيا ويندا سين.

مثال طور، لقمان حڪيم جيڪڏهن ڪنهن مريض کي مٽي جي سور لاءِ هڪ سُٽي ڏئي ۽ ٻئي بيمار کي الٽيءَ يا دست بند ڪرڻ لاءِ به ساڳي ڦڪي ڏئي، ته جائز آهي، ۽ مريض کي يقيناً فائدو ٿيندو، ڇاڪاڻ جو هو صاحب حڪمت آهي ۽ حڪمت ۾ سچو ماهر آهي. پر ٻيو ڊاڪٽر يا حڪيم جيڪڏهن ائين ڪندو، ته اول ته بيمارَ دوا ٻاهر وڃي هاري ڇڏيندا، يا ڪِس چوت پٽل جي سمجهندا ته هي اندو اوندو وبچ هر بيماريءَ لاءِ ساڳي ڦڪي ٽو ڦڪائي! اهڙيءَ طرح شاعري قانون جي جڪڙيل ۽ دنيوي مدرسي جي پڙهيل شاعرن لاءِ اهو روا نه آهي ته هو اهڙي غلطي ڪن، پر لطيف سائينءَ جهڙن خضري تعليم حاصل ڪندڙن ۽ الهامي شاعرن لاءِ مباح آهي.

واڪائي بحث هلي رهيو هو لطيف سائينءَ جو ۽ آخري سٽ اِها هئي ته هو سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت جو مالڪ هو وغيره .... آءٌ رکو سگهو ٿو ڇئي ويس ته لطيف سائين هيئن آ، هيڏي هستي آ، ته اهو منهنجي عقيدي موجب ته صحي آهه، پر مون کي هڪ ليکڪ ۽ اديب جي حيثيت ۾ ثابت به ڪرڻو پوندو. ورنه منهنجي لکڻي بي سوادي ۽ پڙهندڙن کي ڪک ڪري ڇڏيندي. هاڻي اچو ته بسم الله ڪريون — مرشد لطيف جي علم ۽ عرفان جي اڳين صفحن تي مون ڪافي صفت ڪئي آهي، ۽ هلندڙ موضوع سنڌس ٻوليءَ تي ”لقماني“ دسترس ۽ شاعري ڪاريگريءَ بابت هو. آن سڀ جي مثالي وضاحت هيٺ ڏجي ٿي:-

سڀ کان اول آءٌ هتي چند اهي اکر لکان ٿو، جيڪي شاهه صاحب کان اڳ جي شاعرن کي هٿ نه آيا ۽ نه هو اهڙا گهڙي ٺاهي سگهيا. هن مان ثابت آهي ته اها اکري تخليق يا دررِيپَٽو شاهه سائينءَ جي ڪماليءَ جو اعجاز ۽ سندن ايجاد آهي:

معنوي ايجاد:

(١) مونسٽ = مون + سٽ. وڏائيءَ ڪي اڇلائي ڇڏ.
(٢) ريڪڙياريا = ري + ڪڙياريا. ڪڙين کان سواءِ يعني پيرن تي هليا.
(٣) ڪانارٿا = ڪان لڳل، تير لڳل، گهايل.
(٤) دُني = دنيا.
(٥) ڏاگهنٿون = ڏاگهن مان، اٺن مٿون.
(٦) خُشيان = خوشيءَ مان.
(٧) شاته = شايد ته.
(٨) آبهين = بيهي سگهين.
(٩) ڇپيري = ڪُڙهي مڇي مارڻ جي، جنهن کي ڇهه ڪانيون پڌل هونديون آهن
(١٠) حجر = حضر، سفر جو ضد (حاضر هجي).
(١١) ڇپاٽا = ڇپ ڇاپ مرءِ ڇوري ڇوري.

لطيفي گهڙيل ۽ ٺليڪا اکر:

(١) سواٽ = سنئين واٽ (صراط المستقيم).
(٢) زاف = ضعيف.
(٣) پترٽ = پتريٽ، ڌوپيائي (پيش ڏيڻ سان مذڪر ٿيندو).
(٤) ڏِٺ = ڏيٺ = ملاقات.
(٥) دِلا = دل تان.
(٦) ستسي = رڍ يا گهيٽن جي ٻهرڻ پڻيءَ واري نرم اُنَّ، جيڪا چم کان پوءِ ٻهريون پيرو لاهجي يا ڪترجي.

(٧) آپنڌي = اڻ ہڏل ڳالهہ، (مڪان).
(٨) آپيري = جنهن تي پير نہ پهچي سگهي.
(٩) ڪپيري = جنهن تي ڪنهن جو بہ پير نہ لڳي سگهي، سواء انهن عظيم انسانن جي جن کي ان منزل تي پهچڻ جو الاهي امر ٿئي.
(١٠) ڪيپڏي = جيڪا ڪنهن بہ نہ ہڏي سڻي هجي، لامڪان، لاحد.
(١١) آڌوتي = پاڪ (جنهن کي وضوع يا غسل جي ضرورت نہ ٿئي).
(١٢) سافرن = مسافرن.

آهي سنڌي اکر جيڪي شاهہ صاحب کان سواء اڳ جي شاعر حضرات کان گُسي ويل هجن يا انهن کي هٿ نہ اچي سگهيا هجن:

(١) راسيون = سج لهڻ وقت هيٺ زمين تائين ڪرندڙ ڳاڙها شعاع.
(٢) ڏير = راڄ، رعيت.
(٣) وڙهہ = اپرو، جڏو.
(٤) اڌ لڳيون = نيم‌خواب اکيون.
(٥) مُل = وٽ (ڪيئن ڏئاريان ڏہرا ويندس ڪنهن نہ وهانءُ مون مُل مارو نانهہ، اچا اوڍيان ڪن سان!)
(٦) جيان = زيان (جيڏيون مون سين جيان، نسورو ڏي نيهن ڪيو)
(٧) ڪِرہ = ڪنجهڻ، دانهون ڪرڻ.
(٨) واديوڙڪي متتهين = ڳهايلن جو گهر.
(٩) سيرو = زهر، وهڻ.
(١٠) نيهو = بنياد (پڙيان آهي پڏرو، تن نانگن جو نهو)
(١١) مُلاقي = ملاقات ڪندڙ، ديدار ڪندڙ.
وغيره وغيره

لفظن جي چاڙهپ جو ڪمال:

(١) لٽا == ڪپڙا، وڳا، جوڙا، پٽڙهو، پڇ، لڱڙ، ڏيل، اوهندر، لپيا، ٽيگڙا.

(٢) غني == ڏاتار.
خوش == سٺرهو، سٺرو.
پيغام == پارابو، نياپو.
انجام == پڇاڙي پول.
ناخدا == ملاح، ناکوو.
صراط المستقيم == سوات.
المغضوب == ڪُواٽي.
انعام ڪيون == موڪيون.
زخم == ودي، ڦٽ، گهاو.
چادر == سپر.
برداشت == سهپ.
ضعيف = اپرو.
مصيبت = پيڙا.
شڪاري = پارهيڙي.
تاج = ڇٽُ.
راڻي = جهپرياڻي.
سردار = سرواڻ.
زنگ = موريا.
ماهر = سچاڻ.
قاصد = پيامي، پهي، پانڌي، پهر.
منڌ = شراب.
غم == ورهه.
فڪر == وماس، اندوهه.
ملاقات == ڏيٺ.

راز = مَنجهه، ڳُجهه.
شوق = ڪوڏ.
باز = سيچاڻو.
خاندان = ڪُڙَ.
نسل، بنياد = پُڙ، نسُو.
شهه انبيا = نبيان ڄام.
طعنو = اوڀالو، مهڻو، ويڻ.
خبر = سُڌ، ڪل، ڪَڙ.
جنگ عظيم = وڏاندري وڙهه.
خدا حافظ = الله بيلي.

(٣) ور = مڙس، ڪانڌ.
ور = پوئتي موٽ.
ور = پاڪر. وجهو ور ونجهه کي روئي ونجاري.
ور = سلوار، ڪلائيچ يا سٿڻ جو ور.
ور = وڪڙ، ڦيرو.
ور = پٽڪي جو ور، نانگ جو ور.
ور = ڦير، ڏنگائي. ور ۾ ناهي ور منهنجو ڏيرن ور وڏڪيو.
ور = چڳر، پلي، شال. ور اڪن جي لوڏ گهوريا سڪ پنهور ڄا.
ور سي وطن جاهون صحرا ستر جن.
ور = قبضو، داءُ. فلاڻو منهنجي ور ۾ آيو ته....
ور = گهنج. منهن ۾ اهڙو ور وڌائين....
ور = پهچ. ور ولهين جا وسيل عاصي تنهنجي آسري.
ور ڙي فلاڻا، يعني تڪڙو موٽ يا پهچ.
ور = چڪر، گهمرو. زمين نان ور ڏئي اچ. پاڻيءَ جو هڪ ور اچا ايندو.
ور = ڳوٺ جو نالو.
ور = زيور جو نالو، پير جي آڱوٺي ۾ زالون پائينديون آهن.
ور = پيچ.

قافين جو ڪمال درجي جو چونڊو ۽ تجنيسي زيب:

(١) سسئي سرواڻن سين ڪهڙو لائين لڳوءِ
جنن جڙون هنيئڻ ڪري پاڻهي نيهن ڳتوءِ
ڏاڏيپوٽو ڏيهه ۾ ڏکي ڪونه ڏٺوءِ
هاڻ ڪلي جو ڪنيوءِ سو متان ور وسارئين.

—

(٢) ڪيچ نه آهي ڪوٽ ۾ چنن ڇڄي هيٺ،
ته به لوئيءَ ساڻ لطيف ڇني پيڙدو پڌي پيٺ
هٿ سڄي اُنَ سسن جي هيٺ رڄائي ريٺ
سرهيون سي سرتيون وطن جن جي ويٺ
مارئيان شال ملير ۾ منداڻتي ميٺ
ڏهاڪجان ڏيٺ منهنجي مدد مارُئين.

شاعري زيب زينت ۽ سهڻو تخيل:

(١) ڪانگل قريبن جا اکين مٿي آ
ويهي وصل سنڌڙي ڪر تون وائي ڪا
منَ اچي سنجهه صباح، آن آسر پري آهيان.

—

(٢) ڪانگل قريبن جا وڻن مٿي ويهه
تو تتائين آئين جت سڄڻن جو سانيهه
پاڙي پاڙي پيهه ڏي پارايا پرين جا.

—

(٣) سوڙهيءَ گهٽيءَ سپرين مون کي گڏيا هيرَ
ڪالهونڪر ڪيڏانهن هيا وڏي لايان ويرَ
پرين تنهنجا پيرَ اُکهان شال اکين سان.

(۴)

ساجن سيڻئان سهڻو

هن کان اڳ مون سونهاري سادات جي سنڌي ٻوليءَ تي دسترس، بي مثال ۽ بي نظير شاعريءَ ۽ علمي عروج جا مضمون لکيا آهن، پر انهن اوصاف حميده کان علاوه شاهه سائين جن القابن جو صحيح حقدار ۽ مالڪ آهي، آهي پڻ هيٺ ڏيکارڻ ضروري ٿو سمجهان.

چالو گهرجي ته شاهه صاحب کي جيڪي ڏاتر ڪنان ڏانَ ۽ ڏيج، ڏات ۽ انعام مليا آهن، آهي جملي درجا يا لقب هن بزرگ ۽ درويش ۽ ڪامل فقير پنهنجي ڪمائيءَ سان ۽ وحدت الوجود جي جدول سان، يار کي ريجهائي، ٻرچائي، ٻرنائي ورتا آهن ۽ نه هُن تي ابي ڏاڏي يا ناني جي زور تي ٻين شاهن (سيدن) وانگر زوريءَ مڙهيا يا هن ڏي منسوب ڪيا ويا آهن. شاهه صاحب ۾ جيڪي به قدرتي جملي خوبيون ۽ خاصيتون، سوڳڻ ۽ قدرتي ڏاتيون ڏانول آهن، سي ٻئي ڪنهن پير فقير کي پاڳين به اڌريون ڪونه مليون آهن. آءُ ان ڳالهه تي ايمان رکان ٿو ته، حضور نبي ڪريم صلعم جن کان پوءِ نبوت ۽ رسالت ختم ٿي ۽ پاڻ ختم الانبياء ۽ ختم المرسلين آهن ۽ بعد ۾ ڪو به نبي يا رسول نه ٿيو آ، نه ٿيڻو آ، نه ٿيندو، پر پنهنجي معصومانه عقيدي ۽ ڀٽائي صاحب جي رسالي جي گهري ۽ غور سان مطالعي موجب ائين چوندس ته حضرت لعل لطيف ۾ جيڪي فطري ۽ ڏاتر ڏنل خوبيون ۽ سهڻيون وصفون هيون، آهي نبين جهڙيون لڳن ٿيون. پر چاڪاڻ جو نبين سڳورن جون جايون ختم ٿي ويون، ته رب پاڪ هن نبي زادي ۽ سچي سيد کي هيئون لقبن سان نوازي ڇڏيو. جيئن عام طرح چوڻي آهي حضرت لقمان جي باري ۾ ته

هو حڪمت ۾ پيغمبر هو، ته آءٌ به ان جملي کي اڻين لطيف سائينءَ جي عقيدي ۽ عشق ۾ چوان ته شايد بجا ٿيندو ته لطيف سائين به شاعريءَ ۾ جزوي نه پر پوري پيغمبري ڪري ڏيکاري آهي.

سرگروه فقراء:

سرڪار لطيف رحه، فقير، هادي ۽ سرگروه فقراء هو. رب پاڪ ڪنهن جي محنت، مزوري ۽ نيڪي نٿو ضايع ڪري — پوءِ ڇو نه آهو اجر يا نيڪيءَ جو ڪم نيڪ ڪيو هجي يا گنهگار، هندوءَ يا مسلمان. پٽائي صاحب جي ابتدائي سنگت فقيرن، سامين، جوڳين، مهاڳرن، جاڪوڙين ۽ ڪاهوڙين سان جيڪا ٻڌجي ٿي، سا بلڪل صحي آهي. هن هيجان ۽ ڪوڏان فقيرائي ڪير کي پسند ڪيو، جن گهر ٻار، مائٽ مٽ، يار دوست، گهر وطن ڇڏي، پنهنجون سڀ خواهشون، خوشيون، حسرتون ۽ اميدون الله پاڪ جي خوشنوديءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ نفس اماره کي ماري مچ ڪرڻ لاءِ ٿي ڪيون. هنن متوڪل، مات مطالعي ڪندڙ مولائي مڙدن، دنيا کي طلاق ڏيئي، وڃي برپٽ، جهنگ ۽ جبل، جهوناڳڙهه، هنگلاج، هاڙهي ۽ نانيءَ وارا آستانا وسايا، جت سڄ پيئي واڪا ڪندي هئي، جتي نه مانيءَ جو آسرو هو، نه اوڇڻ نه پاڻي يا ڪا ٻي وسندي هئي. آهي هئو ۾ گڏجي هئو ٿي، بابو برپان ٿي، نينهن ۾ نهوڙجي، عشق جي عميق مان چڪو چکي، اندر جي آڳ مارپندا رهيا. هو آڪري ۽ عامل عشق جي قدرتي قوت ۽ روحاني غذا پنهنجي حقيقي دلبر جي ديدار مان حاصل ڪندا هئا، جيڪا انهن جي ڏيرن ڏيان ۽ جيئڻ لاءِ ڪافي هئي. پٽائي گهوٽ به انهن سچن سادن، سنتن ۽ متوڪل ڪاهوڙي فقيرن جو سنگ ورتو، جن جي تعريف لاءِ سندن هيءَ سٽ لک لهي:—

"تن سامين جي سڌ مران جن جي گودڙين ۾ گل"

شاهه صاحب پنهنجي پياري حرم، شفيق والدين ۽ بزرگن جي پيار کي ڇڏي، مجازيءَ مان حقيقي عشق حاصل ڪرڻ لاءِ،

سالن جا سال، طالب جي حيثيت ۾ مٿين فقيرن جي ساٿ ۾ رهيو، ۽ سندس محنت، ڪشالن، سچي نيت، توڪل، تن جي تسيا، فقيرائي ۽ عاشقائي آزمائش نيٺ ايڏي ترقي ڪئي، جو هن حقيقي طالب پنهنجي مهاڳُرن کان مٿي وڃي، فقيريءَ ۾ اهو عظيم مقام حاصل ڪيو، جو ڪنهن کي نصيب نه ٿيو ۽ هو عامل ڪامل ۽ عارف ٿي، پين فقيرن کي سچي فقير بڻجڻ لاءِ هي سبق سيکاريندو رهيو:

”ڳنڍي ۽ ڳراهه جن سناسين سانڍيو
اُنين کان الله اڃا آڳاهون ٿيو.“

—

”پنن جو پٽ ڪئي سو جي سڃاڻن
ته ٻر ۾ ٻيڪ لهن ٻهر نه پنن ڪاپڙي.“

رب پاڪ لطيف سهڻي جا سعيا سجايا ڪيا ۽ هو پنهنجي عزم جي پختائيءَ، نيت جي سچائيءَ، مان ۽ توڪل ۾ سرسي حاصل ڪري، فقيرن جو سرگروه ثابت ٿيو، جن جي ساراهه ۽ ساڃاهه بابت فرمايو اٿن:

پکي سپ مٿن، هنج سدائين ڏهرا،
ماريءَ سندو من ۾ وِرهُه ويچارن،
چيتاريو چڳُن، موتي هين مهراڻ جا.

روءِ راڻي جي ناهه ڪو:

هن کان اڳ مون ايري آڇاڻ، ٻا ڳهٽ عام واري انسان، پنهنجي نيڪي ۽ ڏَڪئيءَ جيتري ٿانوَ آهر، شاهه سڳوري جون جدا جدا سهڻيون وصفون ۽ قدرتي ذاتون بيان ڪيون آهن، جيڪي سڀ منهنجي جاڏي جاکوڙ ۽ وڏانڌري ويساهه ۽ رسالي جي ٻيتن موجب آهن. هاڻي ذيل سيتي مضمون جي آخر ۾ آءٌ وري به اُئين عرض ڪندس ته لطيف سائين رحه ”روءِ راڻي جي ناهه ڪو راڻو سين روءِ“ جي سچيءَ واڪاڻ جي لائق آهي، درويشيءَ سان گڏ بيشڪ سچ جزاءُ عالم ۽ الهامي عوامي شاعر آهي.

اسان جي مرشد، هاديءَ، سنڌ جي مالڪ، حضرت سچي لعل لطيف جو درجو السني عشق جي آچل سان اَت پهتل آهي-

"جت پير نه لڳو، پکيين اُت آسڻ اڏيسين"

"جيت رمپ نه لڳو ملائڪين اُت آسڻ اڏيسين"

وما علينا الاالبلاغ.

هنن چند مضمونن ۾ لاڪيڻي لطيف جي لکڻن، وصفن، درجن، ۽ عاشقاڻي ۽ عارفاڻي احوال کان پوءِ هاڻي آءٌ سنڌس اڻ ڇپيل، اڻ پڌل ۽ ڪي خاص چوند بيت جيڪي مون ڪي (هندستان) ڪڇ ڀڄ مان سنڌن اتان جي عاشقن، مريدن ۽ جهونن جوڳين وٽان مليا، سي سُروار لکندس. صفحي ١٤٦ تي اوهين سر رامڪلي ۾ پڙهندا، جيڪو الله سائينءَ جي خاص ٻانهن ۽ عاشقن جي ساراهه ۽ شان ۽ مٿاهين منزل ۽ مرتبي تي پڌل آهي، جنهن ۾ ڪين سامي، ساميڙا، سنيامي، جوڳي، ناٿگا، ويراڳي، ٻيراڳي، مهيسي، آڌوتي، آڏوتي، ڪاپڙي، لانگوليا، گودڙيا، ڪن ڪٽ، ڪن ڏار، ڪاپٽ، ڪنوليا، ڪن چير، آنانءَ، ڪلپتي، پيوتي، رند، راول، بابو، طالب، ساچارو سبحان جا، سيڪڙو سبحان جا، پورپي ۽ آديسي جي نالن سان متعارف ڪيو ويو آهي. هن سُر ۽ سُر ڪاموڙيءَ (ص ١٤٢) جي گهري مطالعي ۽ اڀياس حاصل ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب هڪ چيلي يا طالب جي حيثيت ۾ انهن سچن سامين ۽ فقيرن وٽ ويرتي ٿئي ٿو، پر پوءِ انهن سڀني فقيرن ۽ گورکناٿن کان گوءِ کڻي سندن استاد ٿو ٿئي، ۽ ڪين سنئين وات ٿو سڏائي. ته بسم الله، پڙهو، ۽ ورد ڪريو هنن الپ آيتن جو، جي:

بيت نه آهن ساٿوڻا، هي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي!

اوهان جي دعا جو طالب
فقير امداد علي

اَمُلَهه اَڻ تورِيا

[رسالي شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جا لٽڏل بيت]

بندرَ ديسان ديسِ، مُلهِ نہ ملي وارِئين
فقيرائي ويسِ، اَسُلَهه ڏين اَڻ توريا.
(شاهہ)

سُر يمن

(١)

سهي جئن سانڍاڻ، ڏکن مٿي ڏکَ،
هٿي هينئڙا نيڏَ ڪَ، جو سڄڻ ساريو نہ مرين.

(٢)

موڪيءَ متارا، وڏيءَ ساجهُر ساريا،
اڇڻ جي وارا، اڄ پڻ ايندا مان ڳري.

(٣)

وڏيءَ ساجهُر ساريا، موڪيءَ متارا،
پيڻ جي وارا، اڄ نہ آيا ڳنيڄڙاي.

(٤)

جو پر پيتو آن، سو سندو سڄڻ سار،
جي واسينگ وتن ويڙهيين، سي ٻي هنڌ ڪيم نهار،
اڇي ڪئن قرار، جي اٿونديا راهين گهڻو.

(٥)

سندو سڄڻ سارُ، جو ٻرُ پيتوسان،
جي واسينگ وتن ويڙهيا، سي نہ وهيٺا مان،
انهيءَ لڄ مران، جئن آٿوندو آئين گهُرو.

(٦)

ڪارايل ڪارا، ورچي ويا ويڙهہ،
وهہ جي ويچارا، سڀئي ڳالهہ ڳنگاتيا.

(٧)

كارايلُ كارا، وتن جي ويڙهين ۾،
وِهه جيي ويچارا، سڀئي ڳالهه سِجهي رهيا.

(٨)

سسيون ڪٿي سردارَ، آٿيو رکن اڏيين،
موکي متارن کي آٿيو ڏي آڏار،
مرو ڪيمِ متار، آڏيءَ اوڏا ۾ وِهو.

(٩)

جي تون ڪکوهه ڪوڏيو، تہ ونءُ ڪلاڙن ڪاهي،
جتي سِرُ سِپچي، اَت آوَرُتو آهي،
آنگڻ اٿڪائي، ساهه چکيائون سُرڪ جو.

(١٠)

جي مشتاق متي جا، سي مُوران نہ موٽن،
جي ڪات ڪلاڙن ڪيا، تہ پتنگ جيئن پٽوَن،
نفيان نابود ٿي، اثباتا اچن،
ڪنهن جنهن چال چلن، عاشق آجل سامُهان.

(١١)

موکي متندْ پيار، اوچو اوچي مٽ مان،
وٺيءَ وجهه ۾ وار، ڏيندي ڏاتارن کي.

(١٢)

موکي متارن جا، نتنيدا ڪيم نهار،
پسي لٺ پرين جي، وٺيءَ وجهه ۾َ وار،
سِر ڪٿي سردار، اڱڻ تو جي آئيا.

(١٣)

ناهي ڪنڙهاڻو ڪنڙهه تي، سنونچ نه ساندائن، *
ڏمن ڏڪاءُ نه ڪري، شات لڏيو لوهارن، ٢
آهس اڳوڻو ڪينڪي، تجلو تنورن،
ويا ڳهڙيندڙ ڳهاڻ جا، تا جتونرا جوش جلن،
ساجهُر سيرهائين، وتيون ويڙهي ڏڪيون.

(١٤)

مُلان ڪاري ڪاندَ، پڇ ڦاڙيندءَ ڪپڙا،
ورد وضيفا واندَ، ڏٺيءَ ڏتاري ڇڏيا.

---

* ڪنڙهاڻو = ڪاڙهن وارو.
٢ شاتَ = شايد.

سُر سراڳ

(١)

سيوا ڪر سمونڊ جي، جتي لهر ڏَڪاءُ،
وٽ رسا، مڪ مڪڙيون، ساچا سڙهه سنباءُ،
اَشْهَدُ لااِلٰهَ اِلاّ اللهُ وحدهُ لاشريڪ لهُ، وڪر
اِيءُ وهاءُ،
سبحان من تخبرني في ذاته، پرڪ اهڙي پاءُ،
اِنا اَعطَينٰڪَ الڪوثرَ فَصَلِّ لِرَبِّڪَ، لاچو
اي لڳاءُ،
ترڪ الدّنيا راسخ العبادت، ڏيرو اي دماءُ،
واتون جي وصال جون، سيڻي سي سنپاءُ،
تہ ساموندي سنداءُ، مَدي مُور مَ سُڻان.

(٢)

جيڪي منجهه جهانَ، سا صفت سڀ تنهن جي،
خالق خلقيو خلق کي، رحم سان رحمانَ،
آدم منجهان آدم ڏيو، هندو مسلمانَ،
کي ڪوڙا مَ ڪفرانَ، ڪني محمّد مڃيو.

(٣)

جيڪي منجهه جهانَ، سا سڀ صفت تنهن جي،
قادر جي قدرت جا، مڙيئي مڪانَ،
پدم ڪان پري ٿيا، آڳي جا احسانَ،
ظاهر ساڻ زبانَ، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا. *

---

* ظاهر ساڻ زبان، ڇڻي ڇڻان ڪيترا.

(٤)

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت آگهوچڙ آهي،
لکين وهن واهڙا، تو نينڊو نمائي، *
پڌي اوليون عاج جون، وچ چيٽي چلائي،
نرمل نور نبيءَ ذي هلج هيجان هلائي،
ته مٺهڙي متان ٿي، لاڳو^ لهي لطف سان. ٢

(٥)

معلمُ سڪائيءَ ڪي آيو ڪري سڏ،
تري هيٺ ترار جي، ڪيو ڪڙڪو ڪڏ،
سو مال ڀڃي مڏ، جو پاڻ پراڻو چاڙهيو.

(٦)

معلم سڪائيءَ سين، آيو ڪري ڳال،
وَهڻ ۾ واگهيرن جيي، چار ٿي ڀهر چال،
اوري تو انگريچ وڙهي، پري پورچ پال، ٤
سو مس ڀڃي مال، جو پاڻ پراڻو چاڙهيو.

(٧)

معلم سڪائيءَ ڪي، آيو سڏ ڪري،
جاڳو ياارا جهجهه ۾، آيو ٻيڙ پري،
سو مال سَس وري، جو پاڻ پراڻو چاڙهيو.

(٨)

معلم سڪائيءَ ڪي، سڏي آيو چوءِ،
نه چڄاهين چيني، هنجين حال نه ڪوءِ،
ناهه نبنُ چڏيو، ڪيرو تيو ڪوءِ،
آيو انگرزياروءِ، ناڪو لِکن جي ڪري.

---

* نينڊو = وير جو قسم، وڏو وهڪرو.
٢ لاڳوُ = تڪليف.
٤ پورچ پال = پورچوگال، پُرتگال.

(٩)

الله ڪريم ڪرمَ ڏئي، خـالقَ خلقڻهارَ،
پـاڪ پـرور پادشاهه، جـابـر رب جبارَ،
غـفـور يا غفارَ، اسـم آهـي آنهنجو.

(١٠)

الله ڪريـم ڪرم ڏئـي، رازق رحمانـا،
آهيون توجـا اصلي، پـانهپ سين پـانـا،
سي سالم سمانا، پـهون رکج پاجهه سڀين. *

(١١)

الله ڪريـم ڪرم ڏئـي، صاحب سپاجها،
مولا پنهنجي مهر سين ڪرين آرَ ڪنان آجا،
آهيون اوهان جا، پار لنگهائيين پاجهه سڀين.

(١٢)

خـالـق نـور خلقيو، بـيـان ڪيو بيان،
جنهن "ڪـُن فيڪون"، جوڙيائيـن جهان،
سج چـنـڊ تـارا ڪئيون ارض آسمان،
سندي سگهه سبحان، مڙنـي محمّد ميو.

(١٣)

اولـيءَ ٿـيـون الوان، ناڪئو نگاهه سين،
مڪڙي ملاح هٿ ۾ لولاڪ هٿ لميان،
آلـمْ تـڪـُنْ أرضُ اللهِ واسِعَـةً، جوداً جود جوان،
تڙ وئيو پهلوان، سموند گواسي سيڻ جئي. ٢

---

* سمانا = سـرها، خوش، سلامت.

٢ گـواسي = غـواصي.

(١٤)

واريءَ تي ويهي، ڪيم ديد درياهه جو،
ڏُنگي پنهنجي ديس. تي، واڪيندي ويئي،
لڳس ڪوسُ ڪنڌار جو، ساڃو سيوڙيءَ،
جي گهرڻم گهر ويهي، سي سيئي سلامت آئيا.

(١٥)

پيو منجهه ڦلهيار، ماڻڪُ ميرو نه ٿئي،
لاڀ لهي نه تنهن جي، ساري سڀ جمار،
جي ڪُٺا خريدار، ته به ملهه مهانگو اَن جو. *

(١٦)

اونها ڪُنَ، عميق تڙَ، جت جُنبڻ ناهي جاءِ،
ٻَري آهي ٻاڙي، اُت پيرُ پروڙي پاءِ،
هٿي هٿي ڪندا هاءِ، هزارين هانڪ ويا.

(١٧)

سونارا صرافُ تي، هڏ م ڪوڙ ڪماءِ،
متان تو هٿاءِ، وڃي وڃا وسري.

(١٨)

تارُن کي تارُ، اصل اوڙاهه نه ڪري،
آتارُن کي آرَ، پيريو وڃهي پَنَ ۾.

(١٩)

ڪوڙ تي ڪوي، تو آئي ننڊ آياڳ جي،
آسارا تو اهي، سڀ ويندئون وسري.

(٢٠)

اڄ ڪر آسارُو، ڪوڙ پسيو تو ڪيلين،
سعيو ڪر سمونڊ جو، ويهه م وسارُو،
صبوح سوارُو، آهرندڙين اوڙاهه تي.

---

* ولها جي وينجهار، ته به ڪيچ ڪماڻن ڪينڪي.

(٢١)

جتي لهرون لک، ڪَنِرِ ڪرڪل پاڻ ۾،
اتي عبداللطيف چئي، ربّ تنهنجي رَڪَ،
ڪوجها هي ڪک، پر نہ جهليندا پير جو. *

(٢٢)

جتان گوھ نہ گُراب جي، تَريون ڪئن تَرن!
جتي ٻوڏ ٻَڏي، آت هڪ ڪچاڙو ڪن!
لهر لڳندي، هڪڙي، ويچون ٿيو وڃن،
جي ڪاري، پر ڪنبن، سی ٻيڙا رکج ٻاجھ سين.

(٢٣)

گهاڙو گهٽيئي هئا، مٿي هن مهراڻ،
ڏانگهہ نہ لڌي تارُئين، سندي سِير سِڻاڻ،
لاچو چڱا لهرئين، پڳا سڙهہ سکاڻ،
ڪُنن ڪچوڪچ ۾ جُنبيا جُنگ جواڻ، ٢
موڙي چڙهيا مڪڙا، جهولي پنهنجا جاڻ،
سبحانَ اِنّي اهل العجز مِن مُعرِفَتِڪَ، اهڙا جن پرياڻ،
وڃائي وڏاڻ، حيرت ۾ هلي ويا.

(٢٤)

جي ياڻئين ڪارو ڪيڙيان، آئي بُونبَ بِناء، ٤
قُلْ هُوَ الرحمٰنُ آمنّا بِہٖ، ساچا سڙھ سنباء،
پنج پڳهہ، ٿيهہ اوليون، لاچو اي لڳاء،
وحدہٗ لا شريڪ لہٗ، ڪوھو خوب ڪڻاء،
تہ ساموندي سندياء، سچي تون ساک لَهين.

---

* (١) ڪَچاڙو هي ڪک، پرُ نہ جهليندا پير جو.
(٢) ڪُچاڙو هي ڪک، پرُ جهليندا پير جو!

٢ ڪچوڪچ = ڪشوڪش.

٤ ڪاري ڪيڙائو، آئي برهہ بونب بناء.

(٢٥)

جي ڀانئين ڪارو ڪيڙيان، اول ٻونب ٻناءِ،
سنهڻا وڻي ساڪرا، لاڇو ڪُوهي لاهه،
پنج پڳهه، ٽيهه اوليون، اي ساج سنياهه،
تہ سامونڊي سندياءِ، والِهي واڻي نہ سٽان.

(٢٦)

جوڙي هن جهاز کي، ڀوُرا ٿون ٻناهه،
پنج پڳهه، ٽيهه اوليون، سٿر سڙهہ سنباهه،
انيتاليهہ عشق سين راسيون راس وڻاهہ،
ملاحظو مهراڻ جو، منان ماُور مَ لاهه،
سيد ڇڏي سمونڊ ۾، اپر آ اونداهہ،
جت مانگرمڇ ماهہ، اُت گوشي جهلِ گراب کي.

(٢٧)

وساڻو سو واهُ، جنهن ڀر ٻڌن ناڪئا،
پيٺي ڪرَ ڪُنن ۾، آجهاڻو اوڙاهُ،
اڇو آنِ تڙاهُ، تہ سامونڊيا سٽڙ ٽيو.

(٢٨)

هيءَ ڏُنگي هو درياهہ، هو معلم هيءَ مڪڙي،
سائي جن الله، سي لهرين پار لنگهايا.

(٢٩)

جڻو ويو جهاجُ، ٻيڻو ڪونہ ٻندر تي،
ڀاهان چڏياٺين ڀٺ ۾، آڻي اڪئين آب،
تهان ڀوه گُراب، اچي ٻيڻو ٻندر تي.

(٣٠)

جتي وهن واهہ، چپا چُرن ڪينڪي، *
ڪشتي ڪاغذ ڪچ جي، چاڙهيم منجهان چاهہ،
ٻسي سختي سمونڊ جي ماندا ٿيا ملاح،
شرم رکج شاهہ، لائق لاڳي جا ڏٺي.

---

* جتي وَنجهہ نہ واهہ، چپا چُرن ڪينڪي

(۳۱)

هڪ تُرازي، ڏوهُ، ٻي تُرازي چا پاپان،
تني ڪج تون توهُ، ٻي ترازي پاجهه سان:

(۳۲)

اڳينءَ جان آئون، جَرُ پَلهه پـائيـان،
آيل ونجارن جـون، ڏوڻڪيون ڏَڄائون،
منجهان روح رهه تـيـا، محمد مجيائـون،
پُنيـم مـدعائـون، ڪنڊ ڪيڙائـو آئيـا.

(۳۳)

نرمل نِماشامَ، جان جـر پَلم پـائيـان،
مـاڪ سامونڊي آئيـا، وڙ وڏا وريـام،
برڪت محمّد چام، ڪنڊ ڪيڙائـو آئيـا.

(۳۴)

جني جـي جهاز ڪـي، ساڳُو سلطانـي، *
سـِرَ اولـِي، پگهه، آن جي ڪُوهي نه ڪاڻي،
ڪي قندار، ڪي بصري، ڪي ٿيا عرب انعامي،
تن جاوي جوڪو ناهه ڪو، جن بندر ۾ باني،
ڪـيـڙي ڪنڊانـي، سـويـا سـتر آئـيـا.

(۳۵)

تـڙيـن تنوارين، مـاڪ ولاتـي آئـيـا،
وايـون ونجارن جـون، جيجل جيارين،
ڪليو ڪيڪارين، سڄڻ سـلامـت آيـا.

(۳۶)

ويـا ٿـِي رحمتي، احمدُ چـام آيـو،
قمر قرباني ٿيو، عظمت ڪنڌ نـايـو، ۲
تار رسول تاريـو، ساري رات سيد چئي.

---

* ساڳُو = سڳو.
۲ نُ نُ

(٣٧)

اڇي جي پرياڻ، ساڻ ڪريان پڌرو،
گوليءَ جو گماڻ، وڃان وڃي نڪري.

(٣٨)

سِريءَ ۾ سر راڳ، واءُ لڳندو وترو،
مٽي مٽيءَ گڏ ٿي، ڏنو روح جواب،
آدم ڪي آواز، تنهان پوءِ پيدا ٿيو.

(٣٩)

آدم نه حوا، نه ڪي خلقيائين ڪي ٻيو،
ڪاٿي هو ٽڪيو، نڌهن تنهنجي روح جو!

(٤٠)

ڪر سمونڊَ سيوا هاڻ، ته مالڪ موتي لهين،
ٿي چلُڙَ چوريين، ويهي جيم وڻاڻَ،
ڏيئي ڏيوَرِيون ڏاڻَ، سُڪي ويندِڙن سيڪهه ۾.

(٤١)

موتي تارون تانگهه، دم دم درياهه وهڪرو،
سيئي ڪِن ڪپر جا، سيئي تڙ اورانگهه،
سي ڏي اهم آتانگ، سي ڏي اصل درياهه هو

(٤٢)

جتي ڪون مڪان ڪو، ٿا تاڻين تيڏاهين،
جيلاهين وَهُه وِڌرو، آوه وڃن اوڏاهين،
پِٽن وحدت وچ ۾، ساراهين ساڏين،
اچو آتاهين، ڏينِ آڳاجهون خبرون.

(٤٣)

کھيو ڪاروڻهار ڏي، مٿي وَهڻ وڃن،
نِڪُونج نهايت ناهه ڪا، راتو ڏينهن رمن، *
نڪو پهر نه پيچرو، نڪو ڪٿ رهڻ،
ڪُلُ شيء يرجع الِى اصله، ٻيون ڏناڻون ٻن،
آءٌ گھوري مٿان تن، جنِي آهِ اوڙاهه جِي.

(٤٤)

جني آهه اوڙاهه جي، اونداهه عميقن،
جر اونهو، گهِور گهڻا، ڪي ٻجهٽهار ٻجهن،
نڪو پهر نه پيچرو، وڃان ويرَ ورن،
عقل اُت اوچون ٿيو، عالم ڪين ڪڇن،
ڪا جا آهي ڳالهڙي، ڪمتر ڪي ڏسن،
جي انهيءَ راهه رمن، سي فاني ٿيا في الله سين.

(٤٥)

نڪو وَهڻ نه واٽ ڪا، نڪو انت نه ڇيهُه،
پنڌَ پَروڻي ناهه ڪو، آهه آنانگهو ڏيهُه،
هلڻُ حيرت ۾، ڇيتاري ڇيهُه،
پَهتُ پروڙي پيهُه، اونهو پنڌ آڙانگ گهڻو.

(٤٦)

دهشت ده درياءَ، جت ڪڙڪا ڪن ڪياهه،
ساوڻ جو سيد چئي، ٻلٽيو پٽ پِرياءَ،
هاڻي هيئانهون وهن، جميعت ڪريو جاءِ،
هو پڻ ڏينهن ڏناءَ، هي پڻ سائرَ سنبرين.

(٤٧)

هي پڻ ڏينهن ڏناءَ، هو پڻ سائرَ سنبرين،
اڇڻو تڙ ڊِڪاءَ، پَتوڻت مڪڙا!

---

* نِڪُونج = ڪُن، آوازُ.

(٤٨)

هي پڻ ڏٺاءِ ڏينهن، هو پڻ سائرَ سنبرين،
تڙ گهڙنده ايئن، پتو پت مڪڙا!

(٤٩)

پُريو پرئين پار ڏي، مٿي وهه وڃن،
هٿ ڪيائون تڪيا، عاقل جت منجهن،
من عرف الله تعاليٰ ڪلّ لسانهُ، اهج آهي اُن،
توءِ نه ڇاڻي تن، ڪرتا ڪامل پرسن جي.

(٥٠)

پنڌَ پرو ئي ناهه ڪو، اوڏا ئي آهين،
پيهي ويا پاتار ۾، ساڃاهي ساهين،
سو ئي ساراهين، پاڻئون هلن پاڻ ڏي.

(٥١)

منجهان ئي مُونجهه، عقلئون ويا آماسجي،
پيئا جي نڪونجهه، ڪنهن پر پُرن پتهيڙا.

(٥٢)

موڙڻ تن محالُ، ٿيا فنا في الله سين،
وڃائي وجود کي، حاصل ڪيائون حالُ،
نڪو قيل نه قالُ، آنانگها آنانگهه گهڻو.

(٥٣)

اونها ڪن آنانگهه گهڻو، جترُ نه ڇاڻي ڪوهه،
جيڪو آتان اوهريو، ويو لوهه بلوءِ،
ڪڏهين ڪون چريءِ، ڪو آناهين ٿي آئيو.

(٥٤)

جني آهي اوڙاهه جي، سي وچڻ کي ويا،
وجـود وين وسري، فاني سي ٿيا،
إن العابدينَ الانبيا و المرسلين، آهن اُو آميا،
جي وحدت سر ويا، ناهه نهايت تن جي.

(٥٥)

سمونڊ ڪنيو ساهه، ڪوڙيين موجون آٿيون،
سيئي ڪون مڪان ۾، سيئي سي ٿيا،
الا إنه، بڪلّ شيءِ محيط، مڙوئي درياهه،
آڏميو جي اوڙاهه، ذات مڙيائي هيڪڙي.

(٥٦)

آڏميو جي مهراڻ، ذات مڙيائي هيڪڙي،
الا انڪما ڪان، ويو وچائين پاڻ،
جي پروڙين پرياڻ، پيو هڏهين ناهه ڪو.

(٥٧)

دعوا ڪنان دور ٿيا، پسي پرّ پريتن،
سي ٻڌيو ڪريون ڳالهيون، ويا ڪمن ورن،
ڪهتر ڪي رسن، جني آر اوڙاهه جو.

(٥٨)

پاڻهي رهيو پاڻ سان، ويا سيئي شڪَ،
نہ ماڙهو نہ مرون، نہ ڪي ڪا ملڪَ،
قوتا سپ قيسي پيا، لتي وچان ليڪَ،
سو سيڪڙو سا سڪَ، ڳالهہ مڙيائي هيڪڙي.

(٥٩)

ساموندي سفر جو، ساري ڪن سامان،
ٻوڙج پربندر ڏي، سڄائي سبحان،
نا ڪشا رک نگاهه ۾، نکٽ ۾ نشان،
متان منجهي ۾ مهراڻ، جوکو ڪرين جهاز کي.

(٦٠)

جوڪي ڪان جهاز جو، تون ادا ڪج آرو،
اڳيان ڪُنُ عميق ۾، آهي اوپارو،
متان ٻڏي ٻار ۾، ٿئين لُڙهي لهوارو،
صبوح سوارو، تو سات چڙهندو سفر تي.

(٦١)

سات چڙهندو تو آئي، سُتر تنهنجو ٻار،
پڙهه لا تقنطوا من رحمة الله، تيءَ آيت جي آڌار،
تہ صاحب رب ستار، تو اڪاري احسان سين.

(٦٢)

ٻڏي جوڙ جهاز ڪي، چيتاري چڙهو،
جتي پيڙ پٽين جي، آتي ڪيم آڙو،
سامونڊي سيّد چئي، پنج ڪين ڪڙو،
جان دنگ ڏڙو، تان ڪيو ڪيچ ۾. *

(٦٣)

بات پروڙيندڙ برهه جي، سالڪ ويا سي،
صراف هليا، سيج تي، جوهري هما جي،
مانڪ موتي آيا، اڳيان انهن کي،
عينڪون جن اندر ۾، سونُ سڃاڻن سي،
ويا سوداگر نڪري، ڏبهہ ڏورائي ڏي،
موتيو ماڪ نهاريان، ڏيو تسيا تن کي،
لڳو پيهرن لوڪؤ، لالن نتو ليي،
مور مري ويا، هنس هلي ويا، ڪونجڙن رهيون نہ ڪي،
هيون مٺياڻون منهن جن جي، آو نانگ ڏي ويا نڪري.

---

* (ن).

وائـــي

ڪير ڇڏيندو، ڪونہ ڇڏيندو،
تہ ڪو آهين تون اسان جو.
ڏون ڀرتين رب کي، ڪر سفر جو سعيو.
جاني هن جهان مان وڃي لاڳاپا لاهيو.
نفسي نفسي ڪهڙو، ڪَهي سڀ ڪهندو.
اُمتي يا امتي، اُت رسول رب چوندو.
آڳي پنهنجو امن ڪيو، ٻانهن تي ٻاجهارو.
بابہي بيبيءَ فاطمہ جي، بار سڀ بخشايو.
شمس وڏي شعاع سين، ٻوري تاءِ تپيندو.
آني عبداللطيف تيَ، حضرت هٿ ڏريندو.

سُر ڪلياڻ

(١)

چنڊُ ڀُونڻي مَنڊ، سنجهي ٿي سيخ ٽيڻين،
ڀرين جي ڀرلاءِ جي تو لڳي ڪانءِ ڇنڊ،
ڪر اونداهي آنڊ، تہ پسون منهن محبوب جو.

(٢)

جا نشاني نور جي، سا ڀرينءَ پيشاني،
جيڏو ڪونہ جهان ۾ سندس ڪو ثاني،
قمر قرباني، شمس سڄو ڏي گهوريان.

(٣)

رنگ ڳوري رخسارَ، سرو قد سپرين،
جانب جلويدارَ، سهسين سورج موهيا.

(٤)

آيري آئيناءُ، تيو سُهائو سوجهرو،
جيڪو ڪرڻو سو ڪيو، الست ڏينهن الله،
اکين ۾ آهاءُ، تي سين پسيو پاڻ ڪي.

(٥)

سڄڻَ سنبريام، شمس تنهنجي سوجهري،
هيڪتِ حبيبن جي، ويل نہ وسريام،
اندر آيريام، صورت سپرين جي.

(٦)

سڄڻ سنبريوم، شمس تُنهنجي سوجهري،
هلڻ حبيبن جو، ويل نہ وسريوم،
ڏيو چت چڙيوم، تجلي پسي تن جي.

(٧)

شمس ۾ شعاع، سدا سپيرين جو،
سو نہ پسي سج کي، جنهن وڏو پاند مُهاڙ،
سورج جنن آهاڙ، تيئن مُرڪڻ محبوبن جو.

(٨)

ڏٺي کهڙيءَ ڏيٺ، قمر قريبن کي،
سج کر سپيرين ۾، ماڪيان مٺي ميٺ،
مون هيئين ڪان هيٺ، ڪڏهين ٿين ڪينڪي.

(٩)

قمر قريبن سين، جيڪر ٿيمي ڏيٺ،
چئج حال حبيب کي، نت منهنجو نيٺ،
آءٌ هيئين ڪان هيٺ، ڪڏهن پانيان ڪينڪي.

(١٠)

جي هيئين منجهہ هُرن، سي پرين پراهان ڪينڪي،
سڄڻ نت سرير ۾، چڱيءَ چال چُرن،
جي گهٽو گهر گهُرن، الله سي ئي آئيين.

(١١)

ڏڏو ڏڏو ڪن، ستاڪيرون سڄڻين، *
هُنن ئي هُت جُهاريو، هي هتي تا پسن، ٢
اسان ۾ پرين، چار ئي اکيون چنڊ ۾.

(١٢)

سيني سنگهر سون جي، ڪچيءَ روپي ڪَٽ،
ڏاوڻ ڏاڍون نہ رهي، وهي نہ وڳن وٽ،
سو ليهڙو ئي لٽ، جو ڪجائي ڪک چري.

---

* ستاڪيرون = مبارڪون
٢ جُهاريو = سهيڙيو.

(١٣)

جي ٿيا حل حبيب سين، سڄڻ تن ثواب،
ڪرهو ٿيو ڪباب، گهاڙو پاڻيهي وهي.

(١٤)

قمر ڪارو نانگ، توکي ڪاڏي ڪڍهين،
وڇـوڙو وڙواند، ڏئين ڏکويـن کي!

(١٥)

توکي ڏئين ڏاريو، ڪرها ڪيميائي،
تنهنجي سڌ سرواڻ کي، معلوم مڙيائي،
ڪر ڪا ڪمائي، جا اچي ڪم ڪشال ۾.

سُر سامونڊي

(١)

آهين آساري، مٿي تڙَ گذاريين،
تو ڪيئن وساري، صحبت سامونڊين جي!

(٢)

جن لءِ نيڻ جهڄن، سي آءُ ڪٿ نهاريان! *
آيل ساريو آنءِ ڪي، اوڇنگارون اچن،
تن ڪاري ڪيڙائن، واحد واريءَ آئيين.

(٣)

بندر تي ٻلڪار، سارو ڏينهن سمونڊ جي،
نه ڇاڻان ٻهار، آن تڙ ايندا ناکئا.

(٤)

وڏو پاڳ سنڌونءِ، مڪو پيٽي موتيا،
وڃي سو ڏنونءِ، جو روضو پاڪ رسول جو.

(٥)

مٿن ڪپڙ ڪوٽ، اچن سڙهه آپڙيا،
سامونڊي مون گهوٽَ، سيئي سلامت آئيا.

(٦)

مون آئي تڙ روءِ، پرين پڳهه ڇوڙيا،
ڪا مون ۾ ٻوءِ، نه ته سڄڻ سباجها گهڻو.

(٧)

مون ائي تڙ پاس، پرين پڳهه ڇوڙيا،
ڪا مون ۾ باس، نه ته سڄڻ سباجها گهڻو.

---

* جن لءِ نيڻ جهڄن، تن پرڏيهه پوريو.

(٨)

اچن سڄڻ اَپڙيا، مٿن مهاڏا مَلَ،
جي اچن آبَ اَڇلَ، سي ٻيڙا رکين ٻاجهه سين.

(٩)

پٽن پٽي پچار، آن کي سڄڻ-ويندا گڏيا،
اَکنڊيون اَپار، شال منهنجا موٽيا.

سُر سهڻي

(١)

گهڙو ڀڳو گهوريو، ويندِيس تان نہ وري
پسنديس پارُ پرين جو، تانگهو تار تري،
ميهارگيڻون مري، پلڪُ پاسي نہ ٿيان.

(٢)

گهڙو ڀڳو گهوريو، هٿين تري هلُ،
خَيْرُ الْاُمُوْرِ اَوسَطُها، تانگهو تانگهي مَلُ،
مَن قتلتہ و فديتہ، ارتان تانئج تل،
ساهڙ کي مَ سَلُ، منڌ ڳالهہ مهراڻ جي.

(٣)

گهڻيون گهوري هليون، سهڻيون سياري،
لاتتحرّڪُ ذَرّة اِلّا باذن الله، واحد جا واري،
ترهو نہ تاري، تاري تنين توهہ سان.

(٤)

گهڙو ڀڳو گهوريو، ترهي ناهي تات،
اچي آنانهين پٺي، جتي ڏينهن نہ رات،
عاشقاڻي ذات، مُٺي ملهائي سهڻي.

(٥)

دهشت دم درياهہ ۾، جت ڪڙڪا ڪُن ڪرن،
سوين سيڻاها سير ۾، لڙهندا لک وڃن،
نہ ڪنڌي نہ ڪپرو، نہ ڪي سڌ سُجن،
ڏوڙي ڏيڏانهين گهڙي، جڏان وسيلا وڃن،
آئي اڻ تارن، ساهڙ سير لنگهائيين.

(٦)

دهشت دم درياهہ ۾، جتي جر وهي جالم، *
لڳي موج مهراڻ ۾، اپر گهڻو آجم، ٢
ٻيڙين ۾ ڀرم، الله رکج آتارڻين.

(٧)

دهشت دم درياهہ ۾، وير وراڪا ڏي،
اڇي گهڙي آر ڌان، ساهڙ سنياري،
سنجهي وڏي سهڻي، لهرين مان لنگهي،
سو ميهار مُ ملي، آهيان جنهن جي آسري.

(٨)

دهشت دم درياهہ ۾، جت پاڻي پڇاڙي،
جان جان نينهن نڪون ڪري، توڏي تيڻن تاڻي،
وهہ ٽڪو، گهور گهٽا، آرن ۾ آئي،
رهبر رسائي، لطف سان لطيف چئي.

(٩)

دهشت دم درياهہ ۾، جت ڏڏڪو ۽ ڌمڪار،
توڏي ٽاڪن وچ ۾، آب گهڙي اختيار،
ميان هن مريض جو، ڪر اونهي مان اوڪار،
هادي هٿ ڏگهار، تہ اونهي مان آڪري.

(١٠)

دهشت دم درياهہ ۾، جت پير آهتي پٽ،
آئيو آب اڇلي، روءُ رڻاڙي رت،
ڏم ڏهاڙي ڪيترو، ڪري خوب ڪپت،
ساهڙ ڪر سپت، تہ اونهي مان آڪران.

---

* جالم = ظالم
٢ آجم = اعظم.

(١١)

اونهي مان آڪارڻن، هادي ڏيئي هٿ،
ڏي دوس دلاسو دل کي، ڪامل ٿئي قوت،
سنڌي ساهه ست، هلي پسان حضور ۾.

(١٢)

طالبِ ڪَرَ تونڏي، جي تون طالبُ تونڏيءَ جو،
عاشقن اوڏي، معشوقن جي من ۾.

(١٣)

تونڏيءَ کي تقدير، آٿي گهيڙيو آنهين،
اصل آنائين آن جو، ڪنيو هو خمير،
ڏٺيو جو قدير، سو ٿي سهي سير ۾.

(١٤)

ٻيون گهڙن ڏينهن، هيءَ روئي ۽ راتين گهڙي،
وهه پسيو واهڙُ تري، ڪي نماڻي نيهن،
ميڙائي جا مينهن، ويچاريءَ وسائيا.

(١٥)

چڙا تو چوري، ٻولي ٻجهائي ڪن،
رنگ ڏيئي ريهه جو، توءِ جاڳايو جن،
سدا توکي من، لڳي لار فراق جي!

(١٦)

چڙا تو چوري، ٻولي ٻجهائي جن،
رنگ ڏيئي ريهه جو توءِ جاڳايو تنِ،
سدا مون آنهن، لڳي لار فراق جي.

(١٧)

چِتُ جڙن چوريو، ڪنِ ٻڙلاءُ ٻيوم،
تارون جي تن من جون، تنِ ساهڙ کي ساريوم،
شرابآ طهورا، ٻرينِ ٻياريوم،
تارِ انهيءَ تاريوم، اڪ تارَ ذ، هئي تنهنجي.

(١٨)

چِتُ چڙن چوريو، ڪَهڙي نه گهيڙيوس،
ساهه پنهنجو سِير ۾، گهورن جيئن گهوريوس،
مُوتو قبل انت مُوتو، اندر ڏڪَ ڏوريوس،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، عجيبن اوريوس،
ڪَپر ڪين ڪيوس، جنهن جو مُنهن مِهار ڏي.

(١٩)

اج پڻ اڪڙيون، پيهون پار پرينِ جي،
مون ڪي محبوبن جون، چُٽڪن چِتِ چڙيون،
جي مهار ڪي مڙيون، سي لهرين لوڏيون ڪينڪي.

(٢٠)

هيءَ پِرِ، هي هندوس، جو ڪَوڙو ڏيس قريب ري،
روز ڏهاڙي راهه تي، مٿي پار پندوس،
عشق جو عبداللطيف چئي، نڪو سنگ سندوس،
ساهڙَ ساهه نِدوس، نيڻُ پاڻي نينهن جو.

(٢١)

عشق جي عميق مان، چُڪو چڪيائين،
وِهڻ تنهن وِهه تيو، گهر ٻار گهوريائين،
الاالله آسڻ ڪري، سرير سُوجهيائين،
من عرف نفسه فقد عرف ربه، ڏيلان ڏنائين،
پرتئون پسيائين، منجهان سڪ ساهڙ ڪي.

(٢٢)

منجهان سڪ ساهڙ ڪي، پرتئون پسيائين،
ترهي سندري تار ۾، رٽ نه رڪيائين،
ٻَندڻَ جي ٻڌڻ جا، چڪي چنائين،
لڱن سين لنگهيائين، درياءُ سڄو دم ۾.

(٢٣)

مٿي پڙسَ پاڳ، سونهي سِرِ ساهڙ جي،
ڪانهيون جي ڪَلاب جون، چَڙيو ڪن چاڳ،
جنت سندا جُوءِ ۾، مينهين ماڻيا ماڳ،
سڀ لاٿائون لاڳ، ڪلمي جي قرار سين.

(٢٤)

اکيون مُنهن ميهار ڏي، جوڙي رکيون جن،
ري سَنڌَ سيد چئي، توڙي تار گهڙن،
ساهڙ آيو تن، سانيپاران سڌ ڪري.

(٢٥)

سندا تنهن سنگهارَ، مَرڪُ تيام ميهڻا،
آڪنڊ سندس اندر ۾، آهي مون اپار،
منهنجي من ميهارَ، اندر اوتارا ڪيا.

(٢٦)

اندر اُڏميوم، ڪري مُنهن مهراڻ ڏي،
البحر والبحرين، تَڙُ سو تانگهيوم،
ميهارُ تي مليوم، ڏنم ڏهاڳ ڏم ڪي.

(٢٧)

لهوارا تان لَڪ، هوڙءِ تان هَرَبُ هيڪڙو، *
آئيون اوباهن تي، جوئيون مارين جَڪَ، ٢
لڏيو اُت لطيف چئي، ڪوڙيون ڀڏن ڪڪ،
واهڙ تني وڪ، جن سانيپاران سپرين.

(٢٨)

ڪاري رات ڪچو گهڙو، سيارو ۽ سيءُ،
لَڳي لَهرَ آڏ ڪيو، جدا منهنجو جيءُ،
تورَ - ويرَمي تيءُ، ساهڙ ڪارڻ سهٽي.

---

* هرب = هرنب = هَرَنبُ = آرنب = پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ ڀرين چلانگ
٢ اوباهڻ = ڪپر، گهيڙُ.

(٢٩)

سانپاران ساھڙ کي، دونھين دونھن ڪيو،
لڳي ڪرٽ ڪپار ۾، پلميتو پيو،
ميهارُ مَنِ رهيو، دونھيون ديکي پيئون.

(٣٠)

ٻَڏا ٻوڙين جيئن، سارَ سُڪن جي نہ لھين،
مون تن اندر جيئن وھي، تو ۾ تک نہ تيئن،
ادا گھرجي نہ ايئن، واھڙ واڍوڙين سين.

(٣١)

ٻڏا ٻوڙين ڪيئن، سار سڪن جي نہ لھين،
مون تن اندر تيئن وھي، تو ۾ تِکَنِ جيئن،
ادا گھرجي نہ ايئن، واھڙ واڍوڙين سين.

(٣٢)

ڪو جو وريو واهہ، واسِ وٿاڻن ڇڏيو،
گھوريو گھوري ساهہ، مٿان ساھڙ جندڙو.

(٣٣)

سپيني سينگار، منڌ مرندي ڇڏيا،
ڳچيءَ واريو ٻانھڙي، ورھي ساڻ وچار،
لطف ساڻ لطيف چئي، سکھو رس سُهار،
عشق جي آڌار، پار سونهاءِ پيچرو.

(٣٤)

وار ٻڌائين وانگوڙي، مينڍو مولهاڙي،
ساھڙ ڪارڻ سھڻي، گھڙي نينهن گھاڙي،
ڪرڳل ڪوچ ڪنن جا، آئي آڇاڙي، *
سيسي منجھہ ساڙي، ڪنڌي ڏٺي ڪُن ۾.

---

* آڇاڙي = ڇڏي، پار ڪري.

(٣٥)

پسي دور درياهه جي، وڃان، ڪين ورهان،
محبتي مهار لاءِ، سسي ساهه ڏيان،
وڃي جال جيان، لالن پر لطيف چئي.

(٣٦)

ساهڙ ڏاران ساهه، رهي نه رتي جيترو،
مون کي محب مهار جي، گهٽ منجهان ران گهاءُ،
اونهو جي اوڙاهه، ڪين پڏنديس ڪڏهين.

(٣٧)

ساهڙ، نه ساڏي، نه پيلي، نه ڏم،
اچي پيهم اوچتو، منجهه ڪُنن ڪم،
پيرين ۾ پرم، آگا رک آنار جو.

(٣٨)

پاڻي سهي نه پير، لهر نياپو نه منڊي، *
آڏيندم ڪير، سڏيون سانيارن جون.

(٣٩)

چاڪ چري، تار تري، آيون لڙ لڱن کي لائي،
ڪچا ڪانهن ڪين جا، آيون پورن ۾ پائي،
مهار م لاهي، ميهر پنهنجي مال تان.

(٤٠)

ڪامان، پچان پجران، هيران ۾ پڙڪان،
آچريو پوان آرن ۾، نه ترسان ڪنهن تڙ ڪان، ٢
ڪاري ڪارونيار ۾، واڳن جيئن وڙڪان،
لهرين ۾ لڙڪان، پيرُ پليرا سپرين. ٤

---

* منڊي = موڪلي
٢ پچل پاندي پار ۾، نه ترسان ڪنهن تڙ ڪان
٤ لهرين ۾ لڙڪان، ساهڙ رسج سير ۾

(٤١)

پيرُ پليرا سپرين، پلا ۾ پيراهه،
توريءَ تڪيو ناهه ڪو، والي توريءَ واهه،
جنهنجي ساهڙساڻ صلاح، سي ٻجهان ٻڌن ڪينڪي.

(٤٢)

تورن تي تورا، مون تي محب مهار جا،
ڳڻي ڳڻيان ڪيترا، تنهن ساهڙ ڇام سندا،
ڌرن واري ڌورڙي، تنهان گهڻيرا،
ان تعدو نعمت الله لا تحصوها، ٻڌري ٻروڙا، *
مونهين وس نه ڪا، جو پوري رهان پرينءَ سين.

ٻڌري = هلاءِ، وڌي.

سُر سارنگ

(١)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪرَ ڪيائين،
روضو پاڪ رسول جو، ريجهي رانئائين، *
اٿـي ڏنائين، عالمَ آب اگـونـدرو.

(٢)

ڪڪر آيا ڪيترا، هيءُ ڪڪر منجهان هيڪُ،
ڏون مچ محمد ڪارڻي، جو عالمَ جو انيڪُ،
جنهن ٿر ڏيئي ٿيڪُ، ٻڌر ٻوجُ پياريو.

(٣)

سي ڪڪر ٻسو آيُ ۾، آتران جي اچن،
ابر سندي آسري، وڃون وراڪا ڪن،
وسي وڏ ڦڙن، ساڻيهه ڪي سُکي ڪيو.

(٤)

وس ٻادل وس، ٻيرج متي ٻون،
ساري ساهُ جن ڪي، مولا ميڙيين مون،
واحدَ ڪر وَسون، ته اوکيون لهن عنات چئي. ٢

(٥)

وڏي آسر آيون، ڍوليون ڍٽ ڍيائي،
ڪنڌڪيون ڪلاچ مان، ٻڳيون ٻتهُ ٻيلائي،
ٻهڪنديون ٻيائي، وينَ گوندر گنءُ ٿي.

---

* روضي پاڪ رسول جي، پلر پلٽيائين

(٦)

اڄ سي اَڄ اُڪتيون، ڪيتئون پُر پُراڻ،
وسي وڄڙين ڪاڻ، لاٿي ڪَڇَ وٺن تان.

(٧)

مڪي تان مولتيون، آئيون تي عرفات،
بصري ٿيي برسات، آيون جانيءَ جوء ۾.*

(٨)

تر گجيو، بر گجيو، گجيو ديسان ديس،
واهه تني جي ويس، جي وڄون وسڻ آيون.

(٩)

بادل بوند وساء، روضي تان رسول جي،
رُسندل ڪيم رُساء، وس نه ورن سپرين.

(١٠)

مند ٿي منڊل وڄيا، آگم لاٿي آور،
مينهن وسي موڪ ڪيي، پرياڻين پرپور، ٢
جي دوست هئا دور، سي پرين پنهي گهر آيا.

(١١)

ڏٺ ڏري پٽ پيبون، وڄن ڪيا واندا،
اوهيرا عنات چئي، الاهي آندا، ٤
ڏيندا پاهه پٽن کي، پوڙيندا پاندا،
ڪمدا هيڪاندا، وڇوڙيا واري پرين.

(١٢)

اڄ پڻ اتر پار ڏي وڄون ڪن واندا،
ٿيلهيندبون ٿرن کي، پوڙيندبون پاندا،
مارو هيڪاندا، الله اوري آڻين.

---

* بصري ٿي برسات، جاني آيو جوء ۾

٦ مينهن وسي موڪون ڪيون، پٽيي پهرئين پور

٤ (ن)

(١٣)

ڪڪرَ ڪوٽَ، بُرجَ ٻيڙين، سڄڻ سَرهيون ڪن،
منڊائتي مينهن جون، جهَلون ٽيون جهان،
آهه پڻ مستان تن، انڊلٺ ٿي ايران.

(١٤)

تر وڻا، ٻر وڻا، وُڻو واريامو،
ماڪاڻيءَ تان موتيو، ڏيئي پٻ پامو،
خاوند ڪيو خامو، ڇيهو ڇڪيءَ ڪنڊئين.

(١٥)

پيءُ پسايو پانهنجو، نوري نظارو،
ويو غم وجود مان، ڪيو ڪلفت ڪنارو،
آيو سوپارو، منَ مرادون پُنيون.

(١٦)

ويچاريون ورن ري، گهڻ گهوماڻيون،
سٽيو رڙ رعد جي، اُٿين آماڻيون،
ٻَرن بوساٽيون، پيءُ ري آنِ نه اُڃهي.

سُر ڪيڏارو

(۱)

محرم موٽي آيو، مانجهي موٽيا ڪين،
جايون آنين لئہ جُڙيون، اعليٰ ۾ عليين،
سيد الشهداء اهل الجنة، اِها صفت سندين،
توڙائين تسڪين، آهي عاصين ڪي.

(۲)

محرم موٽي آيو، آيا تان نہ امير،
ورنهہ وري نہ وريا، شهزادا شهير،
منهنجو امامن کي ساري گهڻو سرير،
اندر ۾ آنين جي آهي گهڻي آکير،
مديني جا مير، ڏاتر مون ڏيکاريين.

(۳)

محرم موٽي آيو، آيا عاشوري ايامَ،
ورنهہ وري نہ وريا، سندا عالمَ چامَ،
سندا حق امامَ، ڏاتر مون ڏيکاريين.

(۴)

محرم موٽي آيو، آيا نہ حق امام،
الفراق بيني و بينهما، عاصين تي قيام،
صحي شفاعت آن جي، مٿي آدم عام،
عالم ٿين انعام، آگي جي احسان سين.

(٥)

جني جهيڙو هاڻ، عليءَ جي اولاد سين،
مهندان پوندين ڪاڻ، جي جماعتي يزيد جا.

(٦)

ڍال ڍرڪو، ڪند ڪڙڪو، مانجهي جيت مرن،
ميصريئن منهن ڪيا، هڏ ڪڙڪا ڪن، *
ڪيرن ڪوند نچن، رڻ گجيو راڙو ٿيو.

(٧)

سورهه مرين سوب ڪي، ته جامع سين جوڙ،
آئي تيغ عشق جي، تنهان منهن م موڙ،
وهم حيلا وجود جا منجهان من واڊوڙ، ٢
نانهه نجن نفس نهوڙ، ته راز پروڙين رند جو.

(٨)

آيو علي شير، مرڪيو مديني ڌڻي،
سونهاري سيد ري ڪوٽ پڇندو ڪير،
شير ورتو وير، پڙ ۾ پوارا ڪري.

(٩)

ڪامل ڪربلا ۾، آيا آل عليؑ،
شمس، قمر، هوا، والي وحدت ويؑ،
سي قربئون ڪوڏ نپايا، پلاريءَ بيبيؑ
ساهه برابر سانڍيا، سيد روءِ شبيهه،
نورالعين نبيؐ، رڻ پيين راتڙي.

---

* مصرين منهن ڪيا، هڏ ڪڙ ڪڙ ڪن،
الله شهزادن سوپون ڏيين سچا ڌڻي.

٢ وهم حيلا پانهنجا، منجهان من واڊوڙ،
ناجي، نفس نهوڙ، ته راز پروڙين رند جو.

(١٠)

ڪربلا جو قضيو، جڏهن پيو جيءِ،
وسن ٽا وجود تي، سندا سورن سيءِ،
ڏهٽن ڏٺا ڏاڪڙا، ناني ري نبيءِ،
فرزند بيبي فاطمه، پرنيا پاڪ پيءِ، *
والي وارث وڃيءِ، رڻ ۾ رُڪ روهيا.

(١١)

ڳجهون ڳاڙهي وات، مون لهندي ڏٺيون،
جُڪَس مانجهي ماريا، رڻ پيين رات،
پڪارون پريات، ٻُڌو ٻانهيارن جون.

(١٢)

ڪامل ڪربلا ۾، آيا پاڻ امام،
ماري مصرين سين، ڪنباياءُون ڪمامَ،
ڪپياءُون ڪوفين جا آتسي اژدهام،
ڪاڙهو ٿيو قيام، حادثو مير حسين جو.

---

* فرزند بيبي فاطمه، پاڪ پيارا پيءِ

سُر آبري

(١)

ڪيجا غور غريب جو، موٽي آئين ميان، *
پير نہ ڇڏيندِيس پِرَ جو، جاسين تَنِ جيان،
سسي ساهه ڏيان، پنهونءَ ڪارڻ پبَ ۾.

(٢)

پنهونءَ ڪارڻ پب ۾، ٿِي جَرِيدِي جوءِ،
هنئي نانڌڪ مينهن جيئن، ويا هو نائي هوءِ،
رائي، آيي روءِ، مُنڌ اَبهاري، اوٺئين.

(٣)

منهنجو من مُنجائيو، جتن جي جمالَ،
وڏو سور سرير ۾، ڪيچن جي ڪمالَ، ٢
هوت نہ پاڻي حالَ، موٽي ٿيا معذور جا.

(٤)

موٽي ٿيا معذور جا، حال نہ پاڻي هوت،
لڳندي لڪن ۾ پاڻان ٿيندِيس پوت،
مٿي تائين موت، سڪ ٻاروچي نہ لهي.

(٥)

پٽليون ڪوهہ پڇن، پربت پير پنهونءَ جو،
لهسيون ٿيون لڇن، جن ڏٺو هوت اکين سين.

---

* ڪجا غور غريب جو، موٽي ڪو ميان
٢ ڪو جو سور سرير ۾، ڪيو ڪيچين جي ڪمال

(٦)

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت چتون چانگارين،
شيشا لعل گلاب جا، چپر چالارين،
مهميزون متن جون معذور کي مارين، *
واڳون شل وارين، سائيهه تي سيد چئي.

(٧)

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت تاريءَ تڙونڙ لڏن،
روضي پاڪ رسول جي، اپر عالمن،
منهن موچاري ماڪي، مديني ڏٺين،
مڪي پاڪ ملڪ ۾، ڪتڻهار ڪڙن،
آتان پاروچو آيو، ونتو واس وڻن،
آتي آسونهين، پاروچا پيلي ٿئين.

(٨)

وڏا وڻ وڻڪار جا، تاريءَ تاريءَ تڙونڙ،
ونا مينهن وڏ ڦڙا، گل ڦل ڪليا ڳونڙ،
ونيو واس وڻن جو، پيرا ڏين پڙونڙ،
ڪامل ڪيچي ڪڙونڙ متان مون کي ڇڏيين.

(٩)

وڏا وڻ وڻڪار جا، ڪهيون ڪانڊيرا،
واٽ ورلي، لئوءَ گهٽي، جت ڏونگر ڏاڍيرا،
اوچا نيم نئين جا وڻن جا ويڙها،
ارڏا اورانگهي هليا، لڪن تان ليڙا،
وريا ڪنهن ويرا، سڌ منهنجا ٿاب پيا.

* منزلون متن جون معذور کي مارين

(١٠)

واقف نہ وڻڪار جي، نہ مون ساڻ ثمرُ،
سفر جو سيد چئي، ڏاڍو اڻم ڏرُ،
جانب ڏاران جيڏيون، پروسو نہ پرُ،
مون ولهيءَ متي ورُ، ڪِجا رهبرَ راهہ جو. *

(١١)

واقف نہ وڻڪار جي، نہ مون ثمر ساڻ،
پيهي پڇايان پرَ کي، لڳان لالن ڪاڻ،
شل سات سڄڻ ساڻ، وڃي گڏ گذاريان.

(١٢)

منزل دور من تنها، جت پيلي ناهہ پيو،
هيءَ هيڪلو جندڙو، ورهن وڪوڙيو،
هي قضا ڪم ڪيو، تون رهبر رسج راهہ جو.

(١٣)

منزل دور من تنها، ساٿي نہ پانڌي،
لڱي لوڙهہ غريب جي، ڪالهہ وريا ڪانڌي،
پنهونءَ پيرانڌي، نماڻيءَ نصيب ٿئي.

(١٤)

منزل دور مَ مٽڻ، چڙ مَ سير لڪن جو،
لڱنءَ جي واٽ م لٽڻ، لڱنءَ ري حيف هڻڻ کي.

(١٥)

ڏرن جت ٻرن، ڪوڙيين قنديلن جون،
وڻ ٽڻ وڻين چانڊيا، چانگا تا چرن،
رهن ڪَني، کنڌئين، بوتا منجهہ برن،
وڃي ماڻ ورن، پانهيءَ پنڌڻ جن سين!

---

* ولهيءَ ڪري وَرُ رهبر رسج راهہ جو

(١٦)

ٻانهيءَ ٻنڌڻُ جن سين، الله سيئي آڻ،
ڀيم جا ڀرينءَ سين، ڪنهن ڀر لاهيان ڪاڻ،
آهيان گهڻو اڄاڻ، موٽ مسافر سپرين.

(١٧)

هٿڻ تہ حجاب، لنگهہ تہ لهين سپرين،
الصلواة و مين الصّلواة، ڪامي ٿي خراب،
جسمي دوزخ داب، ڪلون ڪاڻ داخلين.

(١٨)

جنتَ ڀتي ڀتهہ جهاتَ، هاڙهي ڀڃ مَ هوت ڪي،
ٻسي ڳس ڳنگن جو، ونءُ آنهيءَ وات، *
لڪن منجهہ لطيف چئي، ڀتي ٿيءُ ڀيماتَ،
ڳوڌن واريا ڳاتَ، تون ٻڻ هلج تڪڙي.

(١٩)

جڏائيءَ جا جليلَ، ٻڌا موڙ هتن سين،
اديون آربچن جي، ماريس درد دليلَ، ٢
ور ولهيءَ جا وسيلَ، سورن ساڙي آهيان.

(٢٠)

ڏڙ وٺي ٿاهرَ ڪر، ناحق ڏارَ م ڏور، ٤
لڳي لتڙهہ لان جي، ڀوري من م ڀور،
سو ئي صاحب سور، سيني جو سيد چئي.

---

* چڏ مَ ڳس ڳنگن جو، ونءُ انهيءَ واتَ،
لوڪن منجهہ لطيف چئي، ٿيندءِ ڀيرَ ڀيماتَ،

٢ مون کي مادر ماريو، درد جي دليءَ

٤ ڏڙ ٻسي ٿاهر ڪر، ناحق ڏيهہ مَ ڏور
لڳي تيئن لامن جي، ڀوري ڀاڻ مَ ڀور

(٢١)

آري ڏي نہ اِيئن، اکڙيون آنديئن کي،
وَنيون جي وچايان، سي هونديون هيئن، *
ڪُوڙيون پسن ڪيئن، پيشاني پنهونءَ جي.

(٢٢)

ايءَ ڪم ڪوهيارن، جيئن ڪُهيون ڪٿن پاڻ سين،
آڏريون نِڏريون پاڻ سان، سڀ نباهي نِيئَن،
ڇڏي وڃن ڇپرين، اي تان هوت نہ ڪن،
ڏونگر منجهہ ڏيئَن، دلاسا دل ماندين.

(٢٣)

پانڌي پڇ پريزءَ کي، قدم پير ڌري،
پنهون پير پُري، ڌرج جنازُ جبل تي.

(٢٤)

پائي حال هلي ويا، مون کي مٽيائون،
ڇڏي نمائي ننڊ ۾، ڪرها ڪاهيائون،
معذور مارِيائون، وَهان تان نہ وس پيو.

(٢٥)

پائي حال هلي ويا، تن ڪيچن ڌاران ڪالُ،
آئن ۾ اوٺيڙن جو، مون نہ گهرجي مالُ،
نالي ڪيس نهالُ، اديون آريچن جي.

(٢٦)

لڳا سر لَڪن ۾، ڪندا ڪانڌيرا،
وڃي ڪيچ قراريا، ڏيئي ڏک ڏيرا،
پٺون ٿيا پيرا، پُرندي جام پنهونءَ ڏي.

---

* ونيون جي وچايان، ساڻ نہ هونديون هيئن

(٢٧)

پائي حال هلي وِيا، لَڪن چڙهي لوءِ،
سيڻن لاءِ سيد چئي، رويو رويو روءِ،
قدر ڪيچين پوءِ، مانَ منهنجي پنڌ جو.

(٢٨)

رائي رهائي، هلي منڌ هٿن سين،
تريون تنگ ورن ۾، چني چڏيائين،
آتي عبداللطيف چئي، رَهه ۾ رنائين،
سسئيءَ جا سائين، وجهج پاجهه پروچ کي.

(٢٩)

آئُي نه گڏي پرينءَ کي، عزرائيل آيو،
هذا فراق بيني و بينڪم، تنهن ڳجهو ڳالهايو،
ستي جاڳايو، ملڪ الموت مُئيءَ کي.

(٣٠)

آئي نه گڏي پرينءَ کي، حشر ٿيو هاڻ،
عزرائيل الله جو، ونيو وڃي ساڻ،
هوت ڪوهياري ڪاڻ، متي رَند ربهون ڪريان.

(٣١)

منڪر ۽ نڪير کي، سسئيءَ ڏنا سلام،
لله لگ لطيف چئي، ڏج پنهونءَ کي پيام،
ڪاري تي قيام، حشر ڪري هليا. *

(٣٢)

منڪر ۽ نڪير کي، جڏهن ڏنائين ڏوران،
اکيان آتي آن جي، گس پڇائي گوران،
پيئر پنيوران، پڇن مانَ پر ڪنهين.

---

* ڪاري تي قيام، حشر جو هَل ٿيو.

(٣٣)

ولاڙيو وٽين چڙهي، لامن متي لس،
ڪين پهتي ڪرهن ڪي، وڏا ڪيائين وس،
سندا ڏيرن ڏس، پڇيائين پکين ڪان.

(٣٤)

ولاڙيو وٽين چڙهي، رتو رنائين،
والله غالبٌ علي امره، اعين آتائين،
لکيو لڌائين، هو جو مقصود من جو.

(٣٥)

ولاڙيو وٽين چڙهي، پيري پيئيءَ روءِ،
پسي سونهن سيد چئي، پئي حيوانن هوءِ،
جانب ڪارڻ جوءِ، ووڙي ٿي وٽڪار ۾.

(٣٦)

ولاڙيو وٽين چڙهي، ڏاڍي ڏک پئي،
ڪڙهي بت ڪارو ٿيو، هي پريت پٽ پئي،
انّ مع العسر يسرا، ڪيائين ست صحي،
ڪيچين جا کهي، سا ٿي رهيس روح ۾.

(٣٧)

ولاڙيو وٽين چڙهي، جيئن پاپيهل پري،
عشق آريءَ چام جو، ڏيو چاڪ چري،
العشق نارٌ يحرق ماسوا المحبوب، انهي پند پري،
هنئين منجهه هري، سرپر سندي سڄڻين.

(٣٨)

ولاڙيو وٽين چڙهي، جهڙو گلابَ گلُ،
پسي سونهن سسئيءَ جي، پيو حيوانن هلُ،
سر صدقو، بدن بخرا، ڪيچين ڪارڻ ڪلُ،
آهين منڌ املُ، جي ساهه ڏئين تون سڪ ۾.

(٣٩)

جتن جلائياس، ستي سيج پلنگ تي،
سرهڻ سرواڻن جهي، پيرن پلائياس،
ره ۾ رلاياس، ڪاڪل ڪاڻ پنهونءَ جي.

(٤٠)

جتن جلايوم، ستي سيج پلنگ تي،
قاصد ڪري ڪيچ ڏي، هتان هلايوم،
پنهون پاڙيچن ۾، مَرڪي ملهايوم،
رَهه ۾ رلايوم، ڪاڪل ڪاڻ پنهونءَ جي.

(٤١)

جتن جلايوس، ستي سيج پلنگ تي،
چڙهي چاڙهيڪن تي، سورن سلايوس،
ڏيرن ڏنگائي ڪري، ره ۾ رلايوس،
حب ۾ هلايوس، ڪاڪل ڪاڻ پنهونءَ جي.

(٤٢)

جتن جلائي، ستي سيج پلنگ تي،
ڪيچين سائس ڪاڻ ڪي، پيرن پلائي،
سيڻن سائس سور جي، سڌ نه ستائي،
سا حب ۾ هلائي، ڪاڪل ڪاڻ پنهونءَ جي.

(٤٣)

جتن جلايو، ويٺي ويچاريءَ کي،
ڏونگر ڏيج ڏکيءَ کي، هوتن هلايو،
ڇڪيءَ کي ڇور ڪري، چانگن چلايو،
مون سرتيون سلايو، ته ڪنهن پر ڪوهيارو وري.

(٤٤)

ڏوهه ڏاريون کن، لنديون سندا لڪ،
ستيون پنهنجي سهل تي، پچاڙيا پک،
ان پر لنگهائيندو لڪ، جن جي ڪندي نام ڪريري.

(٤٥)

ڏسڻ ڪَرَ ڏاري، انــدر سَتِي سسئي،
ماڙهو ڏيــن مهڻا، هيءَ وهسي ويچاري،
لــوڪ نہ لکي ڪڏهين، پنهونءَ پياري،
انهيءَ پَر آري، ڪانــڌ ڪميڻيءَ ڪٿهو.

(٤٦)

لَنڊيون هِنَ لوڪ جون، مر هزارين هُون،
آئي پــهــر انگڙا، ڏوڻيــو ڏوڻيــو ڏُون،
پير پٽ نہ پُون، آن جا عبداللطيف چئي.

(٤٧)

لَنڊي تــي لاڏ ڪري، سَتِي سِيڌائــي،
آسرو آهـــي، لنڊيءَ کي لباس جــو.

(٤٨)

لَڪَڻَ جي لَنڊين جا، لوڪ نہ چڱا چوہ،
پرو تن ڪان پوہ، جي ايندن ويندن سنديون.

(٤٩)

لَنڊيون لک لطيف چئي، ٿيون دوزخ ڪان دور،
جُڙين جاه جنت ۾، هليون ڏانهن حضور،
تن ستين وڏو سور، ونگيون رهيون ورن سان.

(٥٠)

ستين سب چمار، وچاڙي وڏائــيءَ سان،
ستيون پنهنجي سيل تي، ڪنيون نہ ير قهار،
وتان هوت هزار، آن جا ڪوڙئين ورندا ڪيترا.

(٥١)

جيسلميرياڻيون جڳ ۾، اڇــا پــڻ آهين،
وچيو لگ لائين، الله ڪارڻ لــوڪ سان.

(٥٢)

ٽن جيسلميريائين جس، جي ﷲ ڪارڻ لنڊيون،
لاٽائون لطيف چئي، مَٿان قلب ڪس،
هيت به رهايون رس، هُت به ڳنڍيون هوت ڪي.

(٥٣)

ڪُوڪيو پڇي ڪوهه، هڪيا هٿيي هٽڙا،
سا ڏکيائي نه ڏي، سندو ڏيرن ڏوهه،
رائي روئي روهه، منڌ ڳوڙهن سان ڳهه ڪيو.

(٥٤)

اچي جي مچي، اٿون پهر آٽ ۾،
جيڪس ٻاروچا ويا، سڌ پڻ ڪين سُڃي،
لَڪن ۾ لُڇي، لالن لاءِ لطيف چئي.

(٥٥)

چڙهي منڌ پنهور ۾، زور وٺي ويا جَتُ،
پَسي ڏک ڏيرن جا، سسئيءَ چڙهيو سَتُ،
ته پنهونءَ سندي پَت، کهڙي رهيس ڪيچ ۾.

(٥٦)

هلندي هوت پنهون ڏي، وڃڻ ڪجي وس،
ڪنان ڏاڍين ڏونگرين، جڏي ڀڃي جس،
ان کي عبداللطيف چئي، پريم اچي پس،
راهه ۾ اچي رس، جنهن تقدير تپايو.

(٥٧)

تقدير جا تبار جي، مور نه ٽري ماه،
ڪل نفسٍ ذائقة الموت، جيئڻ مون نه جڳاءِ،
هيءُ هيءُ ڪري هاءِ، هلنديس هاڙهي سامهين.

(٥٨)

تاڙي تقدير، پيري هنئين پن ۾، *
العشق نارالله إذا وَ قَعَتْ[^] في قلوب العارفين،
جلائي جتن،
سُونهائي سورن، ڪي هيڪاندي هوت سين.

(٥٩)

تقدير تاڙي، ڪي اوڏي عزرائيل کي،
مهر نه هئي مائهين، ويا حڪم هلائي،
لا تَقنَطُو مِن الرحمةالله، اِي آسرو آهي،
ساجن سڄهائي، مٿي ماري هاڻو.

(٦٠)

تقديرؤن تـ ڪيو، سسئي ميوئي،
ڏکيءَ ڏنو ڏيل ۾، مخفيءَ مڙيوئي،
رڇن ۾ روئي، تيس خيالُ خفيءَ جو.

(٦١)

حسب نسب ناهه ڪو، نڪو ذات ضرور،
آريءَ جي عشق جي پوئي جي پروڙ،
مٿي ٿي مجبور، نه سُنهائي سات ڏئي. ٢

(٦٢)

جا نه مرڻ مهاڙ، سا نه سڃاتئي سسئي،
تو ساماڻي سسئي مرڻ ڪو مردار،
ڪُهر سين ڪوهيار، لوڻي تو لڄايو.

---

* تاڙي تقدير، پيري هنئين پونءِ ۾
العشق نارالله المُوقدة، جلائي جتن

٢ مٿي ٿي معذور، نه سُنهائي سات ڏئي

سُر ديسي

(١)

ڪيچان آيو قافلو، عطر آنداءُ ون،
ڪٿوريءَ خوشبوءِ سين، وڻ ٽڻ واسياءُ ون،
پسندي پنهونءَ کي، وسريون ورچائون،
خيما ڪوڙياءُ ون، ورئو ٻخت ٻنيور جو.

(٢)

مون ڀانيو مهمان، هميشه هوندا ڀرين،
ائين نه ڀانيم جيڏيون، ته پوندي ڪيچن ڪاڻ،
هيءَ هيءَ ڪيو هاڻ، ڏيان ڏَوائون ونگرين. *

(٣)

مون ڀانيو مون ڀر، هميشه هوندا ڀرين،
ساجن سيج وڇايان، جوڙي جيءَ اندر،
نه ڄاڻان ڪنهن ٻر، ڏير ڏمرجي هليا.

(٤)

ڏير ڏمرجي هليا، ٻوتا چڙهي ٻر، ٢
جتن ڏاران جيڏيون، هينئڙو جر نه ترَ،
ساجن سيج وڇايان، جوڙي جيءَ اندر،
ڪانہ ٻڌيسون ڪڏهين، اهڙي ٻَرَ ڪُهر،
ٻاروچا ٻَرِهَر، رات نه رهيا هيڪڙي.

---

* ڏَوائون = جهوتون

٢ ڏير ڏمرجي هليا، باڪا چڙهي ٻر

(٥)

ڏيـر ڏمرجي هليا، بـر چڙهي بـوتـا،
ماريـن تـا معذور کي، گنگن جـا گوتا،
نيو نمائي پـاڻ سين، هيڪر آئين هوتا،
اهـڙيءَ پر پهتا، رات نه رهيا هيڪڙي.

(٦)

ڏيـــر ڏمـرجي هليا، پـائـــي پـاکوڙا،
آئـــي هـلـيـا آس ۾، ٻيهريءَ ٻـــوڙا،
ڏينهن تتو، ڏنءُ متو، کامي تيس کـورا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، رات نه رهيا هيڪڙي. *

(٧)

ڏاگهن ۾ ڏيـرن، وڄهي تنگ، تنواريـو،
نيـڻن نه نمائي پاڻ سين، جيڏي کـي جتن،
ادبـون اوتـيـڙن، نت نـهـوڙي آهيان.

(٨)

اڳ متي اوپرا، جڏهن گورن کيو گجگاهه،
پسي توبة تن جي، سؤنـکي منهنجو ساهه،
منکر کان معافي گهري، رکيائين نکير جي نگاهه،
مَنْ رَبّکَ و نَبيّکَ وما دِينکَ، ايءَ
ٻولي ٻوليندا،
آئـــي احـمـدا، پـــارس رسج پب ۾.

(٩)

هاڙي هيٺ چرن، تن ميرُن ماري آهيان،
ڏکيءَ سنديـون ڏونگريـن، پچارون پـتَون،
ڏرنيي ڏوتـيـڙن، پـــار کيندي پب ۾.

---

* گهاڙيم ٽي گهوڙها، رات نه رهيا هيڪڙي

(١٠)

ڪالهوڻ پوءِ پرين کي، روئان مٿي رند،
ويـو پـاروچـو نڪري، چـنـا بازوبند،
هلو نهاريون هنڌ، هاڙهي ۾ هوتن جا. *

(١١)

ڪالهوڻ پوءِ پرين کي، روئان مٿي راهه،
ويـو پاروچو نڪري، سورُ چڪائي ساهه،
گهٽ منجهان ران گهاءِ، لالن جو لطيف چئي.

(١٢)

پانيءَ پهڪون ڪيون، مٿان لڪ لٽڙي،
سامهون تن سيڻهن کي، وئي چوٽيءَ سين چڙي، ٢
پٺي تن پيرن جي، ڏونگر منجهه ڏڙي،
لڪن تان لڙي، تي ٽوڻنگ پچائي تن جا.

(١٣)

پنيءَ ٿيا پيـڙا، ساٿين سنڌ هتن ۾،
آتي آڏيءَ رات جـو، ڪنياڙون ڪيڙا، ۴
لڪن تان لطيف چئي، لنگهي ويا ليڙا،
ولهيءَ جـا ويڙهـا، سڄا سردارن ري. π

(١٤)

اوني ٿـي اُپهرا، آيـا ليڙن تـان لهي،
سـي راتوڪا روان ٿـيـا، روهـملا رهي،
ويا پچائي پانهنجي، جا هٿن ڳالهه هٿيي،
ڪٿهي سـا رهيي، پولي پاروچن جي.

---

* هاڻ پچان هنڌ، هاڙهي ۾ هوتن جا

٢ چڙي = چڙهي

۴ آءٌ سٿيي هو هليا، ڪنياڙون ڪيڙا

π ولهيءَ جا ويڙها، سڄا سرواڻن ري

(١٥)

اج اوٺارن لڏيو، صبوح تو سعيو،
سفر سافرن تي، اوچتو آيو، *
مادر ميڙائو، موٽي ڪو مس ٿئي ٢

(١٦)

اج اوٺارن لڏيو، صبح ٿيا سٺجن، ٤
اج مر لاهج آسرو، مادر مٺان من،
جا پون پنواري پن، سو ڏيه ڏورڻ آيو.

(١٧)

اج پڻ اوٺارن، سوارو سؤنچو ڪيو،
ماريو هن مٺيءَ ڪي، وٺيو ور وڃن،
مادر موٽي تن، ڪيو رحم نه رتيءَ جيترو.

(١٨)

مون کي نيئي ويچ، ٻاروچاڻي سات سان،
آءٌ هلي ڪيچ، ٻڌا ٻانهن سين ڪريان. π

(١٩)

پهڻ پرباڏا پپ جا، جبل جيت جاڏا،
توڏن جا تڙپيڙ ۾، ڪُپن نه ڪاڏا،
جي مٺيءَ منهن آڏا، سي تارج لڪ لطيف چئي.

---

* سافرن = مسافرن
٢ مهند ميڙائو، موٽي ڪو مس ٿئي
٤ اج اوٺارن لڏيو، ميان سَبنهين تون
اج مر لاهج آسرو، مادر مٺان مون
جا پون پنواري پُون، سو ڏيه ڏورڻ آيو
π آءٌ پڻ وڃي ڪيچ، ٻڌا ٻانهين جيئن ڪريان

(٢٠)

ڀڃ ڀريـاڏا پٻ جـا، جـاڏا جبل جت،
لوچين ڪوهه نہ لطيف چي، تان ڪو پيوءِ تت، *
هوت ڀهچڄ هت، تہ آن اوجهڙ نہ پئان.

(٢١)

ڪَڻ واري، ڪِئِي وات، ڪَڻ ڀهاڙان پيچرو، ٢
هلندي هـاڙهي ساهين، لڳس اَڄ آمات،
ڳوڙهن ڀريو ڳات، اپـر الاميو ڪري. ٤

(٢٢)

ڀـهـاڙن ڪين ڀروڙيـو، ڀٽون ڀير تيام،
ثُمَّ لاَيَمُوتُ فِيهَا وَلاَيَحيٰي، ههڙا حال سندام،
ڪوجها ڪرت ڪيام، تيئن هونئن ڇڏيو حب ۾.

(٢٣)

ڪارا ڏنم ڪانگ، لَوَندا لڪن تـــان،
چانڪ ڀهر ڀنهونءَ جي، تان وتن تا وڀرانگ،
نڪا وَسَهن وچ ۾، نڪا آنگ نہ چانگ،
سپيريان جي سانگ، مـادر مـاري آهيان.

(٢٤)

ريهہ روجهن نہ ڪري، سَرَهن سلي نہ سورَ،
آڪي ڪين عجيب ڪي، ميرُن جا مذڪورَ،
ڇڪيءَ جا ڇِڪَ ڇُورَ، هاڙهي هڏ هئي ڏيا.

(٢٥)

ڏيرَن نہ ڏُهائي، وريو نہ واهُ وصال جو،
ڪڏهين مُڪِي ڪانہ ڪا، سيئن سرهائي،
اوڏي سا آئي، لنگهي لڪ لطيف چئي.

---

* لوچين ڪره نہ لطيف چئي، تاڪُو پسي تت
٢ ڪَين' واري ڪَين' وات، ڪَين' ڀهن منجهان پيچرو
٤ الاميو = الله ميون، الله ميان

(٢٦)

ڏيرن ڏُهائيِ، وريو واءُ وصال جو،
مون کي مُڪيِ سَڄڻين، سيڻن سرهائي،
اوڏي آءُ آئي، لنگهي لڪ لطيف چئي.

(٢٧)

اڄ نماڻا نيڻ، ٻاجهارا ٻروچ لئه،
ورهه وتيان ڪنهن سان، نه مون سڄڻ نه سيڻ،
ورتا تيڙم ويڻ، پنهونءَ جا پرديس ۾.

(٢٨)

پڪا قول قرار، آهِن جانب جت سان،
ڪين ڇڏيندو ڪڏهين، آهي تسالو تڪرار،
ڀِنيءَ رات ڀتار، آو ايندو آئين ڏسنديون.

(٢٩)

نالي نمالي، ٻاجهالي ٻروچ لئه،
ڪيائين سنگ سيد چئي، ڄامن سين چائيِ،
پاڻ پرنيالي، تيس حمايت هوت جي.

(٣٠)

هاڙهو لنگهي هَلُ، ڪرڳل ڪيچين جو ڪيو،
پيليا ڄَلو ڄلُ، ڪاهو ڪاهه مٿن ڪي.

(٣١)

هاڙهو لنگهي هُوءِ، وڃي ڪيچ قراريا،
لتا آت لطيف چئي، جت ڪٿوريءَ خوشبوءِ،
جت لنگهي ويا جُوءِ، آڳ ته اوڏي ٿئين.

(٣٢)

ڪيچين ڏاران ڪالُ، هاڻي هن ڀنڀور ۾،
آئن ۽ اونيهڙن جو، پيغر پانهان پالُ،
نالي ڪيس نهالُ، اديون آريچن جي.

(٣٣)

جي ڪَنين ٿي ڪيچي سڻيا، تن ڏساڻو ڏيرن،
آئي اڳڻ جهوڪيا، ڪرها ڪيچ ڌڻين،
منهنجي مَهندان تن، وائي ونگي مَ ٿئي.

(٣٤)

صبح جان ساري، وڌم هٿ هوت لاءِ،
پنهون نه هئا پلنگين، پاڻيهي پاڪاري،
سيج سڄي سسئي، ڏيهه ڪيي ڏڪاري،
هيءَ هنجهون هَب ۾، هوتن لاءِ هاري،
اديون آساري، هتان مون هوت ويا.

(٣٥)

سج اُلٿي سسئي، پاڻيون تيون پڪن،
ساري وڏي ماريئي، شينهن شهڪوزن،
جي مارڪ منجهه مرن، ڪيچي ڪانڌي تن جا.

(٣٦)

سٽي پڪ پاڻين جي، ڏونگر ڪيا ڏار،
سسئيءَ سان سيد چئي، پيڙو هو پتار،
ڪيچان آني قطار، لٿي لڪَ لطيف چئي.

(٣٧)

ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، ڪنڌا جيت ڪاري،
ڏاڍي ميٺي ڏونگرين، والن تي واري،
اچين جي آري، ته پاند جهلي لڪ لنگهيان.

(٣٨)

ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، والن تي واري،
پُر پيادي پند ۾، صبح سواري،
لنگهيو لڪ لطيف چئي، وڃي ويچاري،
اچين جي آري، ته پاند جهلي لڪ لنگهيان.

(٣٩)

ڪرڙا ڏونگر ڪهه، گهٽي، جت جبل جالارا،
ڏنم ڏاڍيرن ڏونگرين، لاه آريءَ آلارا،
کهي ڪوهيارا، اوکيءَ ويل اچيج تون.

(٤٠)

برو فازا بات جني جي، شيشنگ شاهي،
مفت هونگاري هليا، رمي تنها راهي،
حب م همراهي، پنهون ڪيچ پيادن سان.

(٤١)

فازا ڏير ڦنگهين ويا، آني ات نهاڻ،
بگو مين ڪر نشتان، پاڻ اڏون پلاڻ،
سنجهي ويا سرواڻ، مين پڻ ٽانگا رفتگان.

(٤٢)

گواک نه پيڙس گوش، ستي سرواڻن جو،
آئي ننڊ اياڪ کي، منڊ پوري بيهوش،
ليل لال روان ٿيا، رند نهاري روش،
ساجن ٿيئي سرپوش، پيادن جو پنڌ م.

(٤٣)

شما شهوس، سگها ملندء سپرين،
ليڙن جو لطيف چئي، گواک نه پيڙه گوش،
روان مروشي روش، ڪاه نه ڪيچين کي ملين.

(٤٤)

شما شال گندان، هلڪ روان ري سستي،
مروشي محبوب جا، ٿهڙم سور سنوان،
اڪين آب روان، پٽر سي پسادو.

(٤٥)

بيا گيرند تي گفتار، من ڪن گوش،
ماتو ذي براشته هن هاڙهي منجهه هموش،
آنداڻون ارموش، اشتر انهيءَ پار جا.

(٤٦)

ٿانگو روان يـار، الله ڪارڻ انگو بيا،
شما تيا پشتگان، هلندا ٿيمو هيڪار،
ڏؤنهه ترت تيار، هاڙهي ڪيم هن باهه ڪان.

(٤٧)

درها درها ڪن، فازا ڏيـر فتح وريا،
بي‌غرضا بلوچ هٿا، رس نه رهايو تن،
سسٽي لڌم سيڻن، چيڙون ٿيندي چپريـن.

(٤٨)

جنک هيس جن جـي، تني لوڙيـاس،
مـازان نه گـواران، هيڪلي هيـاس،
وندر تـي ويياس، پنهون گڏيم پب ۾.

(٤٩)

درتا برتا زور، پنهون نيائـون پاڻ سين،
ٿش ٿـڙش ڪينڪي، پٿي ڏونگر ڏور،
هاري پوهه مَ هور، توکي ايزانگ ملان. *

(٥٠)

نڪر ڏکي ڏيهه مـان، غافل ڪيم گذار،
محبوب تغان شهرب تغان، آئي اٿ نهار،
ليڙو دزو خشتگان، ٿانگو ٿنگان هـار،
لڳي پنهونءَ اهار، ڪلي ڏونگر ڏوريـان.

(٥١)

نڪر ڏکي ڏيهه مان، هاٿي چڏ هيءَ هنڌ،
ڪارڻ هوت پنهونءَ جي، راهه پچائج رند،
سفرٌ طَويلٌ وَزَادُها قليلٌ، پٿهين اڙانگو پنڌ،
ڪيچن ڪارڻ ڪنڌ، ڏيٺي مرج ڏونگرين.

---

* هاري لاهه مَ هور، ايشي مناغي سپرين

(٥٢)

زَرنا بَرنا زور، پنهون نياڻون پاڻ سين،
منهي ترشان نڪري، برو ڏونگر ڏور،
هاري پيئي مرَ هور، عيش پنهون موڙانگي.

(٥٣)

برو گئي بر چڙهيا، نڏڻون نيئي،
باري اٺ بلوچ جا، مهري موڙيئي،
ڏکيءَ کي ڏيئي، ويا ڏاڍيئن ڏونگرين.

(٥٤)

برو بگيرد بي روان، سنڌي هو نه ڪهن،
ڪيون اکون ڪيچين جون، ڳاڙهي سونهن سندن،
بوت بوراٺا گهٽا، بختي بلوچن،
سامهون ڪيچندين ءَ سسئي، تون اکيان کي تن،
آري اهوجهن، اوهير شال اوڏو ٿئي.

(٥٥)

برو بگيرد بيا، اِي ڀولين ڀاروچا،
جن جي وائيءَ ور گهٽا، سي مون سيڻ ڪيا،
ڪنديس ڪين ڀيا، لقب لڳم جن جو.

(٥٦)

مروشي محبوب ڏي، روان روش ميان،
وينديس ورنديس ڪينڪي، جي روڪيو رات رهان،
بست بلوچ ٻڙنگان، لائق سو لهان،
وهاليءَ وهان، آري جام اجهو ڪري.

(٥٧)

برو بگيرد پاڻ ۾، ڪي ڀولي ڀاروچن،
شيوان شزان شيزان شود، جاڳائي جتن،
مون کي ماڻ ملن، آريچا احسان سين.

(٥٨)

گندا گشي ٻاڻ ۾، سر ڪني ڪولي،
ٻرٽ ٻروڙي ڪينڪي، ٻاروچي ٻولي،
گس وٺي گولي، ڀھتي ڇام ڀنھونءَ ڪي.

(٥٩)

شما ٻُردا ڪني، سچڻ لڳ خداءِ،
چشماتي ڪش مران، نيٽين تيرا گھاءِ،
ميٺن مُلان ساءَ، آن ڪئن مٽيان سيد چئي.

(٦٠)

آيا آٿ بلوچ جا، ڪياڻون شيشي مروشي،
مازوزي ٻراش ٻروٽي اين الو ايشي،
ڏونگر جا ڏيسي، ڇوھ چڙھيا ٽڪرين.

(٦١)

لالن لوغ ويا، هلڪ روان زي جيڏيون،
فازا ڦٽڪيا، ڪڏهين ڪين سَٽا،
لالن لاءِ لطيف چئي، اوزان اور ٿيا،
ورنھ ٻوءِ وريا، ٻاروچا ٻاجھ پٽي.

(٦٢)

آٿ پٽ آڻن جا، مرن نہ موڏا،
ٻُويو تن لاءِ ٻُوٽيان، ڪوڏيون ۾ ڪوڏا،
اچن جي اوڏا، تہ لڪ سولا لنگھيان.

(٦٣)

ڪتيڙيون ڪنوائن ڪي، نباڻون موڏا،
آتي راھ روان ٿيا، رين يني روڏا،
جي آرياڻيءَ اوڏا، مي لڪيون سڀ لنگھي ويا.

(٦٤)

ڏکريو ڪري ڏهار، سسئي سروائن لاءِ،
آريءَ جي آڻن کي، هيرا لک هزار، *
موتي مهارن ۾، جڙيائون جنسار،
ٻوٽا ڪٽي ٻار، لکيون سڀ لنگهي ويا.

(٦٥)

آريءَ جي آڻن کي، هيون سون سٽريون،
وچن ٽا ونڪار ڏي، ٻوٽا ٻار پٽريون،
ٽرڪن ٽان مَ ٽريون، ٽوڏن جون ٽڙپيڙ ۾.

(٦٦)

ڪَنيمَ جان ڪائي، آريچن آڻن جي،
واريِ جا واتن جي جهاڳيم سياڌي،
چُونم تہ آئي، ٻورهيت چام پنهونءَ جي.

(٦٧)

سسئيءَ سروائن سين، اکيي هڙو پيچ،
سور ڏنائون سوڪڙي، ڏک ڏنائون ڏيج،
ڀرين ڏيٺي هيچ، پوءِ گڏي ويا گوندرين.

(٦٨)

سسئيءَ سروائن سين، لکئي جون لائون،
پيڻ پاچائي ٿيان، تن اونين جي آئون،
مون کي نہ نياڙون، پنهون وٺي ويا پاڻ سين.

(٦٩)

پانيان جي سرواڻ، ڪي چُلائيندم چيرين،
تہ تايم هوند پلاڻ، آٿ گڏايم آن جا. ٢

---

* آريءَ جي آڻن کي، سندا هيرن هار
مهارون موتين ڳنٽيون، جتن جي جنسار

٢ تہ ڪانيم هوند پلاڻ، آٿ گڏايم آن جا

(٧٠)

جاڳو ڙي جاڳو، سمهو ڪيم سرتيون،
هلڻ جو هل ٿيو، سنهڙو ساڳو،
سُنگ سيڪا ڏيندي، مٿي لڪ لاڳو،
اديون اوجاڳو، پينر مون ياڳي آيو.

(٧١)

ڪيچان ڪيچي آيا، پڇن جي ڪيچ،
اديون آءٌ آڏڪي، پسي پاڳن پيچ،
هيس گهٽي سُچيچ، ٻر نند نهوڙيس جيڏيون.

(٧٢)

جت نه ياڻي رت، ڏاريان ڏارئين ڏيهه جا،
ڪوهياري ڪينَ ڪيا، پُريون ۽ پتهُتَ،
هن جا واڳن متي هٿ، آءٌ پاڪوڙن پيٽي روڻان.

(٧٣)

اديون اونداهو ٿيو، سج متي ڪٽي مهر،
ٻانگا بلوچن جا، ٻوء ڪٽي پيٽي پير،
لڪرياليون آڳريون، ٻين ڪنڌا پير،
بلوچاڻيءَ پير، مادر ماري آهيان.

(٧٤)

مادر ماريءَ آهيان، پير بلوچن جي،
لڙي لهوارا ٿيا، جُنگ جوانَ سي،
هلي پڄان ڪٿهين، ڪٿي ڪنواٽن ڪي،
جيءَ جلايم جيڏيون، پريَن ءَ پارانئي،
سج جا پاتم سرتيون، ڏيان ڏاڪا ڏونگر ڪي،
مانَ مٺيءَ ڪي ني، ٻنهون مڱان تي ٻاند ۾.

(٧٥)

آيي آسهي آس ۾، منڌ نه مولي ماءِ،
جا ٻتر ڪاهوڙياءِ، سا ٻر سڪي سسئي.

(٧٦)

ڪو ڪو ونڍاچو ويڙهه ۾، ٻيا سڀ ورڪ،
سندي مَتِّنَ سِڪ، گونٺرن ڳڌيي نہ لهي.

(٧٧)

ڪِلا پهنڊ پلاڻ، نٺين سِرِ نِڍا اونٺين،
مُٺي مـــاري هليا، ڏيٺي تنگن تـــاڻ،
وهائيءَ وڏـــاڻ، وڃي ٻاروچن ٻيا ڪيا.

(٧٨)

رائـــو سَـڄيائـــي رات، آئن گهٽو آچليو،
سسئيءَ ڪي سيد چئي، سندي ٻوتن ٻات،
وهائـــيءَ پريـــات، سگر تيندي سات جهي.

(٧٩)

ڏيـــر ڏمرجـــي هليا، ڏيٺي ڏورائـــا ڏس،
وڃـــي پـيـا ونڪار ۾، ليڙا ڪاهي لس،
وڏا ڪيم وس، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(٨٠)

ڏيـــر ڏمـــرجـــي هليا، آئن چـــڙهـــي اوهه،
پنهونءَ ڏاران پٻ ۾، چـُلي چپرڻـــن پوهه،
ويـــا ويچاريءَ ـان، هـاچـــو ڪري هوهه،
رند نهاريو روهه، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(٨١)

ڏيـــر ڏمـــرجـــي هـليا، ڪـٺـــي مهارون،
وڃي ڪيون ونڪار ۾، چانگن چانگارون،
ڪندي هُنِ ڪارون، رات نہ رهيا هيڪڙي. *

---

* ڪيم وَسَ ڪارون، رات نہ رهيا هيڪڙي

(٨٢)

ڏيـر ڏمرجي هليا، ڀـائـي انـڌ ڀـلاڻ،
ڀڏي گوربند گنگن کي، تـڪن ڏنائون ڌاڻ،
ڪارون ڪيم ڪيتريون، سنجهي ويا سرواڻ،
پنهون ناهہ پلنگ تي، سيج سڃي تي هاڻ،
مون وٽ تي مهماڻ، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(٨٣)

ڏيـر ڏمـرجـي هليا، چـانگن تـي چـڙهي،
ڀـائـي پير رڪاب ۾، هنيائـون آڌ اڙي،
ڪتان ڪوهيارل سين، جيڏيون دل اڙي،
وَرُ وڃي وڻڪارَ ۾، گهاري مان نہ گهڙي،
ڀـاروچـا ڀـڙي، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(٨٤)

ڏيـر ڏمـرجـي هليا، ڪاهيائـون ڪنوات،
ورتائون وصال جـي، سندي وحدت واٽ،
لنگهيا لڪ لطيف چئي، گهيڙ، گهٽيون ۽ گهاٽ،
جهٽيون ڏيئي جهاٽ، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(٨٥)

ڏيـر ڏمـرجـي هليا، مُئي آهہ مـعـذور،
روئـان رڙان جيڏيـون، سڙان انهيءَ سور،
ڏيهہ آن جو ڏور، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(٨٦)

هـتـان تي هلنديـاس، سامهين سائيهہ ڏي،
سونَ ڪڙولا سنگهرون، ڏونگر کي ڏينديس،
آڀـل ڀاروچـن کي، ڪيسريا ڪنديس،
جي مليو تہ ملنديس، نہ تہ گهوريس ڀاروچن تان.

(٨٧)

هتان تـي هلندياس، سامهين سائيهه ڏي،
پـــڏي سورن سنـدرو، ڏونگر ڏوريندياس،
ماڻهن ۾ ماڻهو تـي، ڳوٺ ٻه ڳوليندياس،
مـرن ۾ مرون تــي، جهنگل جهاڳيندياس،
پکيـن ۾ پکـي تـي، سر سر سوجهيندياس،
جي مليو ته ملندياس، نه ته گهوريس ٻاروچن تان.

(٨٨)

هتان تـي هلنديـاس، سامهين سائيهه ڏي،
وڏا پـانـڌا پـنـڌ جـــا، منزل ماريندياس،
لالن لاءِ لطيف چئي، چوٽيءَ سر چڙهندياس،
جي مليو ته ملندياس، نه ته گهوريس ٻاروچن تان.

(٨٩)

هتان تي هلنديـاس، سامهين سائيهه ڏي،
پير پنهنجي پـريـنءَ لاءِ، چپر چوليندياس،
ڳچيءَ پـائـي ڪفني، وڻ وڻ ووڙيندياس،
جي مليو ته ملندياس، نه ته گهوريس ٻاروچن تان.

(٩٠)

هتان تــي هلندياس، سامهين سائيهه ڏي،
ڏکون بکون ڏاڪڙا، ڪيچين لاءِ ڪندياس،
پاڻ پنهنجو پرينءَ تان، گهوري گهوريندياس،
جي مليو ته ملندياس، نه ته گهوريس ٻاروچن تان.

(٩١)

هتان تــي هلنديـاس، سامهين سائيهه ڏي،
اُو آري آئن تي، آهَه پيرين پنڌ ڪندياس،
آهي اُميد الله ۾، ڏاڍکهن ڪي ڏسنديـاس،
جي مليو ته ملندياس، نه ته گهوريس ٻاروچن تان.

(٩٢)

هتان تي هلنديـاس، سامهين ساڻيهه ڏي،
ويندس پير پنهونءَ جي، هتي نه هونداس،
ليڙن جـا لطيف چئي، رند وٺي رونداس،
جانسين ساهه سرير ۾، تانسين نه ورنداس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

(٩٣)

هتان تـي هلنداس، سامهين ساڻيهه ڏي،
ساجن ڌاران سرتيون، پيو تان ڪونه ڪنداس، *
ساجـن ساهه پساهه سين، لالن لـوڏيندياس،
آهير آس الله ۾، پنهل کي پسندياس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

(٩٤)

هتان تي هلنديـاس، سامهين ساڻيهه ڏي،
اُن جا تغناف اُٺن تي، آءٌ ڪچاڙو ڪٺنداس،
اَڄ ۾ آب اکين جو، پاڻي ڪيو پينداس،
ونـدر واٽڙيـن ۾، ٿمر سور ڪنداس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

(٩٥)

هتان تي هلنداس، سامهين ساڻيهه ڏي،
آءٌ زور ضعيف آهيان، وندر ڪيئن ويندياس،
پنڌ اڻانگا پٽيون، ڪافن جـا ڪنداس،
جهڙي تهڙي حال سين پنهل ڏي پُرنداس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

---

* ساجن ڌاران سنگتو پيو تان ڪونه ڪنداس

سُر ڪوهياري

(١)

لِڪ نہ جاڳيئن ليل، شُبان شب سات ٻلائيو،
نمائيءَ ڪي نومَ جا، نيٺين ٻيا نيل،
هيءَ هيءَ هنبسايون ڪري، ازدر نہ ايندءِ ايل،
واويلي جي ويل، تي سسئيءَ ساڻ سيد چئي.

(٢)

ڏونگر ڏکوين جو، توکي ناهہ ترس،
ڀهاڙ پرڏيهين سين، اکي ڪو عڪس،
ٻير مٿيءَ جا ٻس، جي چُنجهن چيهاڙيون ڪيا.

(٣)

ڏونگر ڏکوين جو، تون وڏيا واقف ٿي،
وٽان چو وٺي ويا، ڀهس منهنجو ٻي،
ٻجي پرانهون ٿي، متان سوزن ۾ سڙي وڃين.

(٤)

ليل نہ جاڳيئن لڪ سين، راتيون ستينءَ سڀ ٻوم، *
صباح رجلءِ يتخرجُ، وڃي ذات جتائي قوم،
قامَ اِبلُ اليومُ، هلذا هو فيها يذڪرون.

(٥)

ڪنيزڪ ڪيچين جي، آهءِ ناتر نام سڏايان،
اکين ساڻ آٿايان، پيراز پنهونءَ جام جي.

---

* ليلَ نہ جاڳيئن لِڪ سين، نفس، اڪل، نومُ

سُر حسيني

(١)

امڙ جي ڏئوءِ، مون جيئن هوت اکين سين،
چرخو ڇيهاڙيون ڪري، پيري هوند ڀڳوءِ،
مون جئن رت رنوءِ، تند نہ ڪتيءَ هيڪڙي.

(٢)

تاڻيان تند نہ نڪري، ڪتان نہ پوڻي،
ويچي پيہ وچ ۾، ڪاڪيون ڪالهوڻي،
مئيءَ سان ڇنوڻي، جيڏيون جت ڪري ويا.

(٣)

روئي ڪر مَ رت، چرخ چندن عاج جو، *
آيل ڪِن ارٽ، ڪتي ڪندين ڪيترو.

(٤)

ڪتي ڪين ڪتنديون، جن جو چرخو تيو ڇُور،
ستيس تان سيد چئي، ڪيا سانگهارا سورَ،
پيئي جن پروڙ، تن ارٽ اولائي ڇڏيا.

(٥)

حجت ڇڏيم هوت، تيس نمائي نِڪتي،
ٻاجهائا ٻروچ، ڀٽي ڏونگر ڏوريان.

(٦)

جي هت نہ هوت پسن، ڪنهن پر ڪڇ پسنديون،
موڙهيون توءِ وڃن، نيئر جن کي نينهن جو.

---

* روئي ڪيم رت، چرخو چندن عاج جو

(٧)

ستيس جان سيج تي، تان ڏيرن ڏک ڏنو،
آٿيس جان آهه ڪري، ته پاسي ناهه پنهو،
سرتيون سنگ چنو، پينر هن پنهور جو.

(٨)

نه مون سڱيتا سڱ ۾، نه مون پاڙي پت،
سورن ڪارڻ سرتيون، هوت پيهم هت،
ور وڏي هو وت، پاروچو ٻانهڻ ڪي.

(٩)

ورهه جن وٽاڻ، سور سلامي تن جو،
جن لڳو تن لکيو، پاروچاڻو ٻاڻ،
جيڏيون هي جڀاڻ، مون سين نشورو نند ڪيو. *

(١٠)

سورَ مڙوئي سولها، نندو منجهن ناهه ڪو،
ٻٽ تني سين ٻيلها، ڪسڻ جن قبوليو.

(١١)

هيءَ هيءَ حادثو، هوت هلندي جو ڪيو،
ههڙو ڪرٽ قلوب ۾، ڪڏهن ڪونه پيو،
مرڻ ماڳ ٿيو، نڌڪ ساهه نه نڪري.

(١٢)

الستي پرام، ٻنڌڻ ٻاروچن جا،
پاڙي ري پنهونءَ جي، ڏکيا ڏينهن ٿيام،
ستي ماڻ ڏنيام، سورن جي سيد چئي.

(١٣)

تو جو ڏنو پير، سڄاتوءَ سيڻن جو، ٢
پيو نه پڇندوءِ ڪير، سونهون تو سو ٿيو.

---

* جڀاڻ = جڀان = زبان
٢ تو جو ڏنو پير، سڃاتوءَ نه سيڻن جو

(١٤)

پڇي ڪنج پيرَ، سسئي سرواڻن جا،
ڏونگر ڇڏي ڏيرَ، جم وڃنئي نڪري.

(١٥)

پڇي پير پروڙ، سسئي سرواڻن جو،
ڏونگر ڏڻي ڏور، جم وڃئي نڪري.

(١٦)

وَڻهَ وَڻهَ، لڳي پير، اوڏا جان لامن م،
جي پيئا منجهه ويڙهه، گهڻا هنڌينءَ هتڙا.

(١٧)

آءٌ ڏوريين، شال م ملين، پري هئين بلوچَ،
لونءَ لونءَ منجهان لوچَ، تَنَ تنهنجي نه لهي.

(١٨)

ڪو جو اُنس مينهن، آريءَ جي عشق جو،
راتيان روئي رت ڦڙا، سڪ نه سارو ڏينهن،
ٻاروچاڻو نينهنُ، منان ماڻو نه ٿئي.

(١٩)

ڪاتيءَ رت نه نڪري، رائي ڪيس رت،
سورن پيگم ست، هاڻ نه جيان جيڏيون.

(٢٠)

اوٺين اڳ ڪيون، لَڪَ تنهنجون ڳالهيون،
پسي پشيمانيون، هاڙهو هيڪليون، *
واڻون ويهه ٿيون، ڪُهه ڄاڻان ڪيهيءَ ويا.

---

* پشيمانيون = پشيمان ٿيون

(٢١)

ڀسان شال ڀپ ڏٺي، ڀير جنهن جو ڀٽ،
تو نپايا گهڻا، لالن ڪارڻ لٽ،
هوتن ڪارڻ هٽ، جان ڪي ڪاٺياريءَ ڪيا.

(٢٢)

مري ويندس ماءِ، ڇني ڀير ڇپن سين،
ڪوهياري جي ڪاءِ، ڳنهيو ڀڃان ڳالهڙي.

(٢٣)

مري رهندس ماءِ، لڪ لتاڙي لڪيون،
وڃي ڪيچ قراريا، جت پنهنجيءَ جاءِ،
روئي رت جڳاءِ، هوتن جيءَ هيڪاند ڪي.

(٢٤)

ڪهوڙن هنئين سيڪا، آءٌ ڪنواڻن ڪني،
نڪي ڳالهايوم هوت سين نڪي آءٌ رني،
متي ٻر ٻني، تي سسئيءَ جي سيد ڇني.

(٢٥)

ڏنو جن هيڪار، آريانڻي اکين سين،
ويو تن نہ وسري، ٻاروچو ٻيهار،
تني سندا ٻار، ڀِتئي ﷺ ڀڏرا.

(٢٦)

جوين جانب لاءِ، نيٺي وجهہ نار ﷺ، *
روئي روپ وڃاءِ، پسي ڪارڻ پنهونءَ جي.

(٢٧)

مَٿهند ﷺ ملان سڄڻين، تہ مون وڏو ڀاڳ،
آيل آريچن جي، وس نہ منهنجي واڳ،
آڏيءَ ڏيٺي آڳ، هانُءُ هٺي هليا. ٢

---

* جوين جانب لاءِ نيٺي وجهہ نِڪونجَ ﷺ
٢ آڏيءَ ڏيٺي آڳ، هانُءُ هاڙهي هليا

(٢٨)

آيل سندن آهه، جا لوري لائي سڄڻين،
ڪڻن ڪريان ڪاڏي وڃان، ڪنهن کي ڏيان ڏانهن!
منهنجي جهلي ٻانهن، ماريو هوت هٿن سين.

(٢٩)

الله آهين تون، اوئين تان اُئن ڪيو،
جيئن گهوريو جت ري، مرڻ وس نه مون،
پيڙي ڪري پون، هاڙهي هوت هلي ويا.

(٣٠)

آڏيءَ آڏائيي، سسئيءَ ٻڌو سندرو،
ڪُنڪي جئن ڪونجڙي، روهه چڙهيي رائي،
سگر سجائيي، هلي هاڙهي سامُهين.

(٣١)

وڃان تي وڻڪارَ، جِنو سڱ ڀنڀور جو،
مارَڪَ وسن مينهڙا، مٿان تي ملهارَ،
تيرڪي ترُ اوترُ تان، ڪَري مانَ قطارَ،
مانَ ورمن وچ ۾، اولاڻي اوتارَ،
صلح ڪر ستار، جنهن پر جدا نه ٿيان. *

(٣٢)

اڄ م آلَهه سڄ، ته ڪو ڀيرين ڀنڌ ڪريان،
ٻهر لڪائي لَيلَ جو، ڏينهن ڀنهنجي ڏڄ،
ڪا منهنجي ڪِڄ، ته سورجَ ملان سڄڻين. ٢

---

* سو ڀَهه ڪر ستار، جنهن ڀَهه جدا نه ٿيان

٢ ڪام لهڻ جي ڪڄ، ته سورج ملان سڄڻين

(٣٣)

سج لهي سانجهي ٿـي، متان وري ميرَ،
رڻ ۾ پيئم راتڙي، ڪيئن پسبا پيرَ،
آيل اِنهي ويرِ، آئون مون کي مَ جهليو. *

(٣٤)

ووه ووءِ ويـا نڪري، هاڻي هٿ هٺان،
پب ۾ پنهونءَ چام جا، ڪُنديو پير ڪٺان،
گهڙيي سـُور گهڻان، مون ڏي مـُڪا سجڻين.

(٣٥)

ووه ووءِ ويـڙا نڪري، هاڻي هٺان هٿَ،
سُتيس پير ڊگها ڪري، تيلاهه ويم وَتَ،
سپرڀان جـي سَٿَ، مُند اِلاهي ميڙيين.

(٣٦)

ڪوميءَ تڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وِهڻ جي،
لانچي ٻڌ لطيف چئي، ڪمر ڪيچين لاءِ،
اڳيان آهه اونداهه، متان پير نه لهين پرينءَ جو!

(٣٧)

وجهه وراڪو وڙهه ڪي، سسئي سج ويو،
آرياڻيءَ پنهونءَ جـو، ڏونگر ڏس پيو،
مـيـن جو مـيون چئي، ڇپر پير پيو، ٢
آرس جن ڪيو، آٿ نه ٻيلي آن جـا.

(٣٨)

مون سـُتي ڪن پـٺـي، ڇپر ٻـُري ڇيرَ،
ڏوران اچـن پلاڻيا، مان گهر ايندا هيرَ،
آئـن مـتـان آنــري، پلنگ ڏيندا پيرَ،
آءٌ تنهن ويرِ، ڪنديس ٻـُڌا ٻروچن سين.

---

* آيل اِنهي ويرِ، مون کي آن منجهائيو!
٢ (ن)

(۳۹)

قربن ڪُٺياس، هيروڪي هلڻ سين،
دانهون ڪندي درد ۾، ساري لوڪ سُياس،
مون ڀانيو مُياس، پر نڏڪ ساهه نه نڪري.

(۴۰)

نه ڪُٺيس قربن، نه ڪيس حبيبن حلال،
وصلَ مون وصال، آڌ مُٺِي ڪئي آهيان.

(۴۱)

قربن ڪُٺِي، آڌ مُٺي ڪئي آهيان،
سات ائه سڄڻ جي، ماڳهين آهه مُٺي،
هيءَ هيءَ مان نه هُٺي، سرتيون مَٽَ سڄڻ جو.

(۴۲)

اڄ نه گوڙا گڏ، وليءَ جي وٿاڻ تي،
جان ڪي ڪريان سڏ، پاٿان پرانهان ويا.

(۴۳)

سکن مٿي سورَ، ڪا متائيندي جيڏيون!
ڀيمر جان پروڙ، ڪوڙين ڪتر نه ڏيان.

(۴۴)

سورائتي سڏ، ڪري سڏ سورن کي،
سورن ٻُڌس هڏ، سي ٻڌ سيڪي سور سين.

(۴۵)

مونهان مهند ٿيا، سورن ٻڌو سندرو،
هلو ته ڏوريون آن کي، وندر جي ويا،
ڪندس ڪين ٻيا، هوت متائي اڪيان.

(۴۶)

روئي ساري رات، ٻهتهه پروڙج سات جا،
هيتي جي هيڪات، هيمر ٻتي ڏينهڙا.

(٤٧)

مري رهنديس ماء، جتن ڪارڻ جيڏيون،
ويو ٻاروچو نڪري، سورَ چڪائي ساءِ،
هاڙهو هوتن لاءِ، رجائينديس رت سين.

(٤٨)

جان جان هنڙم سڪ، تان تان هنڙيم سرتيون،
جڏهن ڏکويم ڏک، تڏهن اوڏي آيم ڪانهه ڪا.

سُرُ سورٺ

(۱)

آءٌ سوالي سِر جو، سو مون ڏانءُ ڏيار،
مون کي وهلُو وار، تہ پوين سين پورو رهان.

(۲)

راجائي رحم ڪري، منجهان نيرت نهار،
مون کي وهلو وار، تہ پورو رهان پنڌ ۾.

(۳)

گل چنو گرنار جو، هيءَ هيءَ ٿيو هولُ،
وڃي سر ڏاتار ڏنو، پنو پيچلَ پولُ،
راجا ري رڌولُ، سڄو سورٺ جو ٿيو.

(۴)

نڪي چلِيي چارڻ آيو، نڪي پنڪيو پانُ،
نڪي چوريئين چنگ کي، نڪي تند وڄائين تانُ،
تنهن مٿي لڌو مانُ، جو ڪلمو چوندي ڪاليو.

(۵)

نڪي چلي چارڻ آيو، نڪي راڳ ڪيائين روئي،
نڪي چوريئين چنگ کي، نہ ڏياچ ڏني ڏهي،
سو سِرُ پڻ ٿيو صحي، جو ڪلمو چوندي ڪاليو.

(۶)

ڪڏي ڪيرت ڪيترو، ولايتي واڇو،
گنجي ۾ گرنار جي، ساز ڪهائين ساڃو،
ريڌو سٽي راڳ کي، راءِ تنهن راڇو،
ڳاءِ سنڌءِ ڳاڇو، تہ سر سينگاري تو ڏيان.

(٧)

ڪڏي ڪيرت ڪيترو، جاچڪ هنيو جُوءِ،
صدائون سلطان کي، ستايائين صُبوح،
هِنيون ڳڏي ۾ هُوءِ، وڏائين ڪرت ڪپار ۾.

(٨)

ڪوڙيين ڪيرتيا آيا، پيا پڻ مانجهي مَلَ، *
جن ڳڙهان ٻاهر ڳايو، ڪري مَنَ اُڇَلَ،
هي منجهه پيئو مڱڻو، سو اپر ٿيو اَمَلَ،
لولاڪ لَمّا خلقتُ الافلاڪَ، شاهي ٿيا شغلَ،
وما محمد الاالرسل قدخلت، ٿيا هنگاما هَلَ،
شافي شفاعت جا، ٻول ٻهون ٻيچلَ،
مانَ لڏا مرسلَ، اپر عبداللطيف چوي.

(٩)

ڪوڙيين ڪيرتيا آيا، سانجهي مٿيادار،
جن ڳڙهه ٻاهر ڳايو، تندن جڙي تنوارَ، ٢
هي منجهه پيئو مڱڻو، هيجان ٻڌي هارَ،
السلام عليڪ آيّها النبيُّ و رحمة الله، ڪلي
ڪيائين ڪيڪار،
فڪان قاب قوسين او ادنى، اهڙيءَ پَتَ اپار،
لا اله إلا الله محمد رسول الله، پٽن پَٽي پچار،
ڏنا ڏان ڏاتار، لالائيءَ جا لطيف چئي.

(١٠)

پرديسان پنڌ ڪري، پلي آئين پانَ،
اچي ساڻ آجاريو، تو جهوناڳڙهه جوانَ،
ڪوهه ٿو پڇڪين پانَ، ماڻ ڪر تہ مٿو ڏيانءِ.

---

* ڪوڙيين ڪيرتيا آيا، پيا پڻ داتا دل
٢ جن ڳڙهان ٻاهر ڳايو، سهجان سپ ڄمار

(١١)

ڪوڙين ڪيرتيا آيا، ٻيهر وڏي ٻيانَ،
ڪي ڇورياڻون ڇنگ ڪي، ڪي ظاهر ساڻ زبانَ،
هي منجهه پيئو مڱڻو، ابر سين احسانَ،
التحيات لله وصلواة وطيّبات، ساراهي سبحان،
السلام عليڪم ايها النبي و رحمة الله برڪاته،
ٻروڙج ٻيان،
السلام علينا و عباد الله الصالحين، دل ۾ رکج ڏيان،
جهڙو پلو ٻيانُ، تهڙا ڏان ڏياج جا.

(١٢)

ڪنجهي، ڪيرت، ڪينرو، ولاٽي واڄو،
هنيائين هٿن سين، لايائين لاڄو،
ڪري سُر ساڄو، وڄائين ڪرت ڪپار ۾.

سُر بروو سنڌي

(١)

اچين جي اوطاق، مون سارينديءَ سپرين،
مون جيهي مشتاق، ڏسي لاهي ڏُکڙا.

(٢)

سَچُن سينگاري، ڪيائون مهاڙ مقام ڏي،
ڪٺي ڪتولا هليا، لوڪان نظاري،
لاٿائون لطيف چئي، ڪبر ڪناري،
سنهون سماري، ڏڙ لتياڻون ڏوڙ ۾. *

(٣)

جان وڃان مقام ۾، رهاڻ ناهي رس،
دفن ڏوڙ ڍڪليا، منهن ۾ سڪن مس، ٢
آئيل اچي پس، جدائي جيئري.

(٤)

دوست منهنجي دل جو، آهين تون عجيبُ،
تو بنان ڪو نه ڪو، حامي ٻيو حبيب،
نمائي نجيبُ، ڪوجهي ڇڏيو ڪينڪي.

---

* سنهون سماري، نيئي ڏريندا ڏوڙ ۾

٢ ڪفن ڏوڙ ڍڪليا، منهن ۾ سڪن مس،
آئيل اچي پس، جيءُ سين جيڏو ٿي ٿيو.

(٥)

سُتي نہ سرندوءِ، ڪر پچار پرينءَ جي، *
اوراڻو ايندوءِ، جڏهن سينگاربا سپرين.

(٦)

جاني جيئين ڄال، هُوندَيي حياتي سپرين،
جان مٿانئين جندڙو، مڏيون گهوربان مال،
ڪر ٻلايون ٻالَ، ڏي دلاسو دلگير کي.

(٧)

ڏي دلاسو دلگير کي، اچي اوکيءَ ويرِ،
ٻلي اڳئي آئيين، ٻرين ٻري ٻيرَ،
ساجن سڀڪنهن ويرَ، هُئجين سلامت سپرين.

(٨)

السلام عليڪم سپرين، وَعليڪم السلام،
ڪانَ وهاريانءِ ڪٽ ني، جيءَ برابر جام،
ڪر وڃڻ جي ڪام، موڪل گهر مَ منهنجا پرين.

(٩)

موڪل گهر مَ منهنجا پرين، مون وٽ ويهه ميان،
ساجن سهه ساعت ڪا، جانسين تي جيان،
دوست دم ڏيان، پوءِ موڪل اٿي منهنجا پرين.

(١٠)

موڪل گهر م منهنجا پرين، وٽان وڃ مَ مون،
ٽِنِ سريو سڀڪي، جِنِ ڏٺين تون، ٢
پيڙو ڪري پون، پوءِ موڪل اٿي منهنجا پرين.

---

* رني نہ مرندوءِ، آئي پرچ پرينءَ سين
احاطو ٿيندوءِ، جڏهن سينگاربا سپرين

٢ تنهن وٽ آهي سڀڪي، جنهن وٽ آهين تون
پيڙي ٿيان پون، پوءِ موڪل اٿي منهنجا پرين

(١١)

موکل گھر ۾ منھنجا پرين، جاني مون وٽ جٽ،
ڏکيا سکيا ڏينھڙا، کي ٿون مون وٽ کٽ، *
لالن مون کي لٽ، پوءِ موکل اٿي منھنجا پرين.

(١٢)

موکل گھر ۾ منھنجا پرين، ھڏ نہ ڇڏيان ھاڻ،
آءٌ تہ کريون پاڻ ۾، ريجھي روح رھاڻ،
متان تو ساڻ، موت ملڪ کان مھند ٿئي.

(١٣)

موکل گھر ۾ منھنجا پرين، ھڏ نہ ڇڏيان ھيرَ،
اکين آڏي پائيان، پرين تنھنجا پيرَ،
متان کنھن ويرَ، موتُ ملڪ کان مھند ٿئي.

(١٤)

موکل منھنجي ناھ کا، تون پرين پاڻ سڃاڻ،
ھنيو تو ھٿن سان، ٻنگا جھلي ٻاڻ،
متان تو ساڻ، موتُ ملڪ کان مھند ٿئي.

(١٥)

آءٌ تہ پرچون پاڻ ۾، رُسي رات ۾ رَنڊ،
سڄڻ لٿي ڇنڊ، اور تہ ڏرن اکيون.

(١٦)

آءٌ تہ پرچون پاڻ ۾، رُسي رَنڊ ۾ رات،
اسين تابع تنھنجا، تون زوراور ذات،
سڄڻ گھڙي سات، اور تہ ڏرن اکيون. ٢

---

* ڏکيا سکيا ڏينھڙا، ٻہ ٽي مون وٽ کٽ
لوڙھہ مٿيءَ جو لٽ، پوءِ موکل اٿي منھنجا پرين

٢ سات = ساعت

(١٧)

آءُ تہ پرچون پاڻَ ۾، رسي گهڙي مَ گهار،
صباح ٿيندو ميگار، سورَ چرندَمِ سپرين.

(١٨)

رُنا ڪهڙيءَ ريت، پرچندا پُر ڪنهين،
دل ۾ ڪري ڏيت، هل تہ سڄڻ ڳوليون. *

(١٩)

جيڪر رُناسون، رُني سَري نہ سپرين،
پاڻهين پرناسون، ايءَ نرجائي نڪ جي. ٢

(٢٠)

رُنءِ آءُ رُنياس، پر مون کي سَري نہ سپرين،
پاڻهين آءُ پرچياس، ڏس نرجائي نڪ جي.

(٢١)

جيڪي لڳي سو لاءِ، پرچائج پرينءَ کي،
مون پاران محبوب کي، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ،
ڳالهہ ڪٿي ڳالهاءِ، تہ سورن کي سنڌو پوي.

(٢٢)

ليليءَ لاءِ م سپرين، جودان ڪر جواب،
هيئون جئي ۾ هيڪڙو، سو ڪُسي ٿيو ڪباب،
دل ۾ رهيو داڳ، ڦوڙائي فراق جو.

(٢٣)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، چڏ خستائي خان،
تون جيارو جيءَ جو، تو ري تڳان نان نہ،
ساجن سرت سُجانَ، پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

---

* من ۾ ڪري پريت، هل تہ سڄڻ ڪوليون.
ڏيت = سوجهرو

٢ اجهي آياسون، ڏس نرجائي نڪ جي

(٢٤)

ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي، داناءَ دلبر يار،
بخش ڪر بديءَ کي، بديون ۾ بدڪار،
مون ۾ عيب اپار، ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي.

(٢٥)

ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي، ڪڻ ٻاجهه ڀريون پيئي،
نيڻن سين ناز ڪري، ماريئي مون کي ٽي،
جي هتان مون پيئي، ته ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي.

(٢٦)

ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي، ڇڏ ڏاڍائي ڏمرُ،
سگ تنهنجو سپرين، مون کي سورَ ثمرُ،
ڇڏي ڏوث ڏمرُ، ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي.

(٢٧)

ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي، ڇڏ ڏمر ڏاڍائي،
لڳي لنءَ لطيف چئي، وري ايءَ وائي،
لاڻ لالائي، ٻرچ ٻرين ڏس پاڻ ڏي.

(٢٨)

ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي، ڏي مريضن موڪل،
اسان سگ سرير ۾، تون ٻري وڃ مَ پل،
مالڪ ملهه املهه، ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي.

(٢٩)

ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي، ڪر موڪل مريدن،
ٻيو وسيلو ناهه ڪو، تنهنجي توهه تڪن،
جي موران مديون ڪن، ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي.

(٣٠)

ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي، ڏس هيڻين جو حال،
جڏو جيءَ جياريو، سيڻن جي سنڀال،
ڀلا ڪري ڀال، ٻرچ ٻرين ٻس پاڻ ڏي.

(۳۱)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، ڪڻ اکيون ڪل ڪانَ،
ڪَنُ، تہ ڪنسُ لاهيين، جاني چور زبان،
عيب اوهان ۾ ناهہ ڪو، مون ۾ گيرگمان،
ساجن وڏي شان، پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

(۳۲)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، م ڪر ڏون ماڻو،
جاءِ ڪشادي جيءَ ۾، پرين ڏي پاڙو،
پلا پليءَ پت سين، ڪر اندر اولاڻو،
آءٌ ناقص نماڻو، پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

(۳۳)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، ڪوءِ ٻن ٻهاڏي،
رهہ امان جي راڄ ۾، تني ساهہ ڪي سرهائي،
اندر مون آڏي، پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

(۳۴)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، تون نيڻ نماڻا ڪن،
جڻن ڪوري ڪنمپ تپايو، تئن تپايئہ تن،
جڻن وڍيو سڪو وڻ، تئن ساهہ سڪايئہ سپرين.

(۳۵)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، ڪر الله لڳ احسان،
ڏون پلنئان پلو گهڻو، آءٌ ناقص ۽ نادان،
جو ٻچيئہ بار برهہ جو، تنهن منجهين ڪيو مڪان،
دلبر تو لاءِ دلڙي، هميشه حيران،
ڪشي هڻ م ڪان، آءٌ اڳ ڏکوئي آهيان.

(۳۶)

اندر پرين، ٻاهر پرين، پرين حاضر منجهہ هڏ،
ساجن ساهہ پساهہ سان، آهين گڏوگڏ،
ڪهڙا ڪريان سڏ، ههڙن هيڪاندن ڪي!

(۳۷)

چپ ڪر، چپات ڪر، ٻوٽ اکيون، ٻَڌي ڪَنَ،
تہ محب منجهان ٿي مَنَ، ساجنُ سگهو تو ملي.

(۳۸)

اڄ نہ سڄڻَ اکيان، خوشيءَ نہ ڪليائون،
ڏمريا ڪنهن ڏوهہ تي، محبت مٺيائون!
ٽيلانهن ڇنائون، ٻاجهائا ٻين سين.

(۳۹)

دلبر دل ڪسي وئين، تنهنجي ڪل نہ پيئي ڪا،
جٿو جان زبون ٿيو، مٺي ۽ ماهہ،
باقي ساهہ پساهہ، آهي اکڙين ۾.

(۴۰)

سوڙهيءَ گهٽيءَ سپرين، مون کي گڏيا ڪالهہ،
سچ ڪنان سهڻا، مٿي سائي سالَ،
لايائون لبس جي، لالي منجهان لال،
اهي پلائي پال، سڄڻ آيا سامهان.

(۴۱)

سوڙهيءَ گهٽيءَ سپرين، مون کي گڏيا هيرَ،
ڪالهان ڪر ڪيڏانهن هئا، وڏي لايانوَ وير،
پرين آهنجا پير، آگهان اکڙين سين.

(۴۲)

اڇين شال عجيب، جاني منهنجي جيءَ جا،
وسين وير سڀڪنهين، هينڙي منجهہ حبيب،
جي منجهين تنَ طبيب، سي والي وار وطن تي.

(٤٣)

اچين شال عجيب، آءٌ رويو راهه نهاريان،
صحي لوڙيم لکيو، جيڪي منجهه نصيب،
ملي اڄ حبيب، ته موڪل ٿئي موت کي.

(٤٤)

اچين شال عجيب، بلا کنهن پال پٽي،
وساريان نه ورين، هينئڙي منجهه حبيب،
ترت ٿيي طبيب، سالڪ انهيءَ سور جا.

(٤٥)

ساعت ساعت سپرين لحظي لحظي لوهه،
پيءَ بنان پرديس ۾، رين نه وهامي روهه،
پرينءَ جي پاروهه، صاف سينو ڪيو سور ڪان.

(٤٦)

ساعت ساعت سپرين، لحظي لحظي لٽ،
پيءَ بنان پرديس ۾، سورن ڏني سٽ،
سيڻن جي سهٽ، صاف هينئون ڪيو سور ڪان.

(٤٧)

ساعت ساعت سپرين، لحظي لحظي لِڪ،
سورن سنڌيون جهوريون، هڏ نه وري وڪ،
مٺي پنهان منهنجي پرين، وجهه پاروهي پڪ،
ساجن تنهنجي سڪ، صاف هينئون ڪيو سور جو.

(٤٨)

ساعت ساعت سپرين، هنئان دوسن پاسي دم،
تو ڦوڙائي سپرين، گوندر آيم غم،
اچي ڏيو اوچتو، توسين مونجو سنگ،
کهڙو سريو ڪم، مون کي ماري سپرين!

(٤٩)

وڍي نيم نظر سين، سرتيون ڪيو سيڻ،
ڪڏهن گهر گهايل جي، مانَ هلي هيت اچن،
پسن ڪاڻ پرين، آ رهيو ساهه رڳن ۾.

(٥٠)

مرن نه معشوق عاشق تين نه ٿورڙا،
جيئن شال جهان ۾، منهنجا محب ملوڪ،
تن جي ساهه سلوڪ، جال جيان تي جڳ ۾.

سُر راڻو

(١)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، پرڀن آيو پاڻ،
اڇي مير مينڌري، ڪامل لاٿي ڪاڻ،
وڻ ٽڻ ولين ڇانيا، وٺا سڀ وٿاڻ،
ٻرچي آيو پاڻ، ڪاڪ قراريو وَلهو.

(٢)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، ٻولي ڪڍي ٻانگڙي،
ٻوڙي ٻوڙان در تي، ويڳاڻن وانگي،
ويٺي واٽ نهاريان، ڇُنڪيو نه چانگي،
آءٌ ڪنهن سانگي، نه ته مٺي سٺندين مينڌرا.

(٣)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، هينڙي پُڳي هام،
اسان ڏي اچڻ جا، آڏيءَ هٺا انجام،
سوڍا تنهنجي سام، لڳيس جم لڄائيين.

(٤)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، هيٺا ٿيم حال،
اٿيو آئون وچ ۾، قُريو وجهان ڦال،
ٻلا ڪري ٻال، آئون اورانگهي آءٌ تون. *

---

* ٻانيان تنهنجا ٻال، عيب اورانگهي آءٌ تون

(٥)

ڪر موڙيندي ڪامڻي، مومل ڏني مون، *
آتيس آهون ڪري، ٻري متي ٻون،
سا جي ٻسين تون، موٽين ڪين ميندرا.

(٦)

گجر ويٺي گمان ۾، جوڳيءَ ڏني جت، ٢
ساميءَ جو سيد چئي، تن اڏاڻو نت،
سا ڪاڪ ٻسبي ڪيت، جتي محل مومل جوا

(٧)

گجر ويٺي گمان ۾، جوڳيءَ ڏني جيئن،
ساميءَ جو سيد چئي، تن اوڏهون تيئن،
سا ڪاڪ ٻسبي ڪيئن، جني محل مومل جو.

(٨)

لڏي لڏائي، رات رانڪجي آيون،
نڪا مومل ماڙيين، نڪا منجهه وٺين،
ويون پنڌ گهٽين، اڄ نه آئي واريون.

(٩)

لڪ لڏائي لتيا، ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪنار،
ٻونه ۾ ٻئي ٻڪا تيا، ڪنڌا جن ڪپار،
سامي سپ چمار، ويهي ماڪ مري ويا.

(١٠)

هزارين هتي هئا، ڍٽ سنڌن ڏيهه،
ملوڪ اِت مري ويا، راڻا رتي ريهه،
ڪانءَ ڳڌجي ڪيهه، ٻون ۾ ٻئي ٻڪا تيا.

---

* ڪَرَ موڙيندي ڪاڪ تڙ، مومل ڏني مون
آتليس آهون ڪري، ٻري متي ٻون
٢ گجر ويٺي گونگ ۾، جوڳيءَ ڏني جيت

(١١)

سٽي آئڻ آن جـو، موٽـيـا اچـن ميرِ، *
مومل جـي محلان جي، هٿي تن آڪيرِ،
ويـا تـان نه ويرِ، ٿيا لڏائـي ڪنڌيين.

(١٢)

سٽي آئڻ آن جو، آيا ڪاڪ ڪنڌين، ٢
ٿـيـا ويچارن، لـوڙهـه لڏائـي ڪنڌيين.

(١٣)

سٽي آئڻ آن جـو، آيـا ڪاڪ ڪهي، ٤
ٿيا تـن صحي، لـوڙهـه لڏائـي ڪنڌيين.

(١٤)

رائـا پسان نـه راج ڀ، هٿي جني هاڪ،
محلين مير مقيم جـيٓ، مٿن آئي مـاڪ،
هو پرهه جـا پياڪ، لـوڏي وڃن لڏيو.

(١٥)

آيـو قاصد ڪاڪ جـو، توڙائين تـو لاءِ،
چـڙهه مورَ ميندرا، پير پاگـوڙي پـاءِ،
توکي گهوٽ گهرايو، جت نه ڪنهن جي جاءِ،
توڻ سـهائين جنهن کي، توکي سو سـهاءِ،
خلقيو ڪوڻ خداءِ، جهو تـو جهان ڀ.

---

* سٽي آئڻ آن جا، موٽيا اچن مير
مومل جي مجاس جي، هٿي تن آڪير
وريا تان نه وير، ٿين لوڙهه لڏائي ڪنڌين

٢ سٽي آئڻ آن جا، آيا ڪاڪ ڪنڌن
ويندي ويچارن، ٿيا لوڙهه لڏائي ڪنڌيين

٤ سٽي آئڻ آن جا، آيا ڪاڪ ڪهي

(١٦)

آيو قاصد ڪاڪ جو، تنهن صحي ڏنا سلام،
پريتن جا پريتن کي، پهچايئين پيغام،
آءٌ آدامي آهيان، جاني تو لاءِ جام،
جيڪي گهرين سو ٿئي، دوست آن جي دام،
چڙهه چامن سدا چام، هل دوسان دائري.

(١٧)

آيو قاصد ڪاڪ جو، راڻي وٽ رات،
ڏي پارايا پرين جا، لنئين لطيفي لات،
چڙهه تون مير ميندرا، جت تنهنجي تات،
ڏنيئه ڏاتر ڏات، ڪٿيئي سوڍ سيد چئي.

(١٨)

ڪندي هيس ڪاڪ ۾، راڻي سين رهاڻ،
اڄي پسو جيڏيون، پرين وڏوڻو پاڻ،
هي هنڌ پسيو هاڻ، واريءَ جئن ونجهلي هنيون.

(١٩)

راڻي جي رهاڻ لاءِ، روح ڪري ريهون،
باغ سڙي ٻسٽ ٿيا، وڻن جون ويهون،
ڪاڪ مٿي ڪيهون، پسو پرڏيهين جون.

(٢٠)

هڻي جي نه هئي، ته ٻه راڻو رنج رکي ويو،
ماريس تنهن ماري، سيڪنهن ڳالهه سٺي،
ڪرت ساڻ ڪٿي، ويو نهوڙي ننڊ ۾.

(٢١)

الا سوڍل آئيين، جهوري انم جو ٿي،
مور نه مٿيان ميندرو، سڪ منجهان سو ٿي،
راڻي سين روئي، قصا ڪنديس ڪاڪ جا.

(٢٢)

راڻو رنو ڪاڪ سين، ني قيامت ڪاري،
جيڻن چئي مير ميندري، سا پتر نہ مون پاري،
ڏوليي سين ڏاري، مُنهن مٿاهون نہ ڪڻان.

(٢٣)

راڻو رنو ڪاڪ سين، ڪاري ني قيام،
ڏولي ڏٺ چيتايو، ڪَرَ هيٺم ڪام،
ماريم تنهن مامَ، جا ڪامل ڪالهہ ڪري ويو.

(٢٤)

راڻو رنو ڪاڪ سين، ني ڪاري قيامت،
انـدر آڳون لائيون، سوڍي جي صحبت،
ماريس تنهن محبت، جو ڪامل ڪالهہ ڪري ويو.

(٢٥)

راڻا رسڻ ڇـڏ، وار ڪرهو ڪاڪ ني،
حَب هيڻين سين گڏ، وڃن سور سنڌو ڪيو.

(٢٦)

جهڙا جوڙا زربفت جا، پاڪيزا پوشاڪ، *
آڀنيائـون عنبير جـا، مٿي تڙن تاڪ،
آئي چِت چڱيرن ڪي، ٿيا حيرت ۾ حزناڪ، ٢
جي ڪامل مُنهين پيا ڪاڪ، سي وڃي
وريا ڪينڪي.

---

* جهڙا جوڙا زربفت جا، موتي ڳتيل ماڪ
٢ (ن)

(٢٧)

جهڙا جوڙا زربفت جا، رَنائان روسالَ،
گل ڦل وڏا ڳُجريبن، لکين ڳُتائون لال،
مانڪ موتي تنهن ۾، جوتيي جڙيائون جال،
پسي صورت پُر ٿيا، مَنجهين حيرت حال،
نظر سين سپ نانهه ٿيا، مور نہ ڪن مقال،
آن جهي عبداللطيف چئي، ڪونهي جوڙ جمالَ،
جي ڪاڪ ِ منهن ٻيا ڪال، سيوري وريا ڪينڪي.

(٢٨)

سونَ ورنيون سوڍيون، سهسين ڪن سينگار،
چوٽ مشڪ چندن سين، واسي ويڙهن وار،
اوتين عطر عنبير جا، متي ڪَتُن خزار،
موتي مالهائن ۾، جڙن هيرا لک هزار،
ابر الماس آن جا، جيئن ڪکر مينگهه ملار،
جڙيائون جان سيئن، جوڙَن جا جنسار،
ابرو سياهه آن جا، جيئن پونئر ڪار پُلڪار،
لکين لوڙيي لُٽيا، ڏن ڳُجريڻ ڪيا غار،
ہتّن حمالين هارَ، جي آئي اچن آن ِ جي.

(٢٩)

سون ورنيون سوڍيون، سهسين ڪن سامان،
چوڙا پيڙا ٻانهيون، بتنسر بي بيان،
هٿ ِ واڍولا، هس ڳچين ۾، دهريون، دُ رَ• دُوان، *
مڙهيائون مالهائن ۾، موتي ۽ مرجان،
ابرو سياهه آن جا مارن تا مژگان،
ڪنواريون ڪاڪ ڪنڌيين، ڪشيو بيٺيون ڪان،
بڙچيون هڻن بانَ، جي آئي اچن آن جي.

---

* هٿ واڍولا، هس ڳچين ۾، دهريون دُزدوان

(٣٠)

ڪوڙيئن پٽيون قمر ڪان، آهن راڻيءَ ۾ رٽيون،
ڏسندي ڏور ٿيون، مومل جون متيون،
سوڍو سرتيون، وساريان نہ وسري.

(٣١)

راڻو آيو راڄ ۾، ٿي سوڍين کي سار،
ڀري ويٺيون پدمڻيون، هزارن جا هار،
ڪانهي ڀي تنوار، ٿيو مڙوئي مينڌرو.

(٣٢)

ڀلي ڪري آئيون، ڍولئا مٿان ڍٽ،
ڀائي ڏُراڙي توريان، مُلڪ نہ تنهنجو مٽ،
ساجن سڀ ڪکوريا، ڀڪن رتو ڀٽ،
مومل ڪانهي مٽ، ملهہ نہ تنهنجو مينڌرا.

(٣٣)

ڪو جو ڪنڙ ڪاڪ ۾، راڻي کي رهيو،
موٽي سو محلان ۾، وري ڪين ويو، *
سوڍي شڪ پيو، توڙي مومل ٿئي مصري.

(٣٤)

ڪو جو ڪنڙ ڪاڪ مان، راڻي کي رهيو،
موٽي ماڳ نہ آيو، ايڏو سور سهيو،
مومل محلاتن ۾، پوئتي پاڻ پيو،
وهي قلم ويو، سو ڪيئن ميٽيان مينڌرا.

---

* موٽي تنهن محلات ۾، وري ڪين ويو

(٣٥)

سون وٽ مير مينڌرو، ايندو اڄ وري،
وهي سون وهه ٿيو، ٻنهيان ٻاهه ٻري،
سوڍي ڌاران سرتيون، هڏ نه ساهه سري، *
ڪانهي ٻي ڳري، ڪامل ڌٽيءَ ڪاڪ ڪان.

(٣٦)

رائا رسي ڪاڪ سين، وڇوڙو وڌوءِ،
ڦوڙائي، فراق جو، قدر ڪونه لڌوءِ، ٢
دل تي داغ ڏنوءِ، سو مٽي نه وسري مينڌرا.

(٣٧)

مومل، سومل، سهجان، مرادي منجهن،
چرخا چندن عاج جا، ڪيوڙي هيٺ ڪتن،
پينگهه وتايو پٽ جي، ليمي لام لڏن،
ڀيٽيون راجا نند جون، خونِ ڪلندي ڪن،
سامهون وڃ م تن، اکيان رائا تو رڻ وهي! ٤

(٣٨)

آئي مٽان ڳجريين، اوچتو آيوس،
سر سيلا، گهر گوجرا، گهورن تن گهايوس، π
ڇهه مهينا چوهه مان، پاسي پير پيوس،
منجهه حيرت هوس، کهڙي ڪريان ڳالهڙي.

---

* راڻي ڌاران روح ڪي، سرتيون تان نه سري
ڪو ڦيرو ڪج ڦري، ڪامل ڌٽي ڪاڪ جا

٢ ڦوڙائي فراق جو، قدر ڪونه پيوءِ

٤ رائو مٽان تن، اوچتو ئي آيو

π سير سيلا، ڳل ڪچور، گهورن تن گهايوس

(٣٩)

راڻي جي رس جو، دل ۾ اٿم داڳ،
وڃي ويو پاڻ سين، سڀوئي سهاڳ،
مون کي ڏيئي ماڳ، ڪاهي ويو ڪرهو. *

(٤٠)

اڳڻ آڻي ڪرهو، ويرڻ جيئن واري،
مون کي ڏيئي ماري، سودا سائي ڳالهڙي.

(٤١)

اڳڻ آڻي ڪرهو، جهليئي جيئن جهوڪي،
ساهه منهنجو سپرين، راڻا وٺين روڪي،
سڪان ٿي توکي، مهن ڏيکارج مينڌرا.

(٤٢)

ري راڻي، رت روءِ، ڳڙيون نهاري ڳوٺ جون،
ماڙيون محل مگر ٿيا، پرينءَ ڀڃاڻا پوءِ،
سودا سور سندوءِ، چوڻ ڪان چوڻو ٿيو.

(٤٣)

ڏيئي پاند پناهه جو، ڍڪ ڪيي ڍولي،
ڏسيو عيب اکين سين، ٻاجهه ٻريو نه ٻولي،
ڪڇيون ڪميڻين جون، خاوند نه کولي،
راڻو نه رولي، دليون پسي داسڙو.

---

* مون کي ڏئي ڍاڳ، ڍوليو ڍٺ قراريو

سُر ڪاهوڙي

(١)

وهائُو ويا، ڏوٿي ڏورا ڏٿ جا،
ٻچائُو ٻيا، ماڻهُ ڪاهوڙي مات ٿيو.

(٢) *

مٺا ڪاهوڙي مات ٿيو، ٽيو ڏٿ ڏڪار،
سنجتا ۽ سينگار، پنهنجو آهي پٽ ۾.

(٣)

ڪِنهِن ڪاهوڙي، پسي پورهيت ويسرا،
ڏوٿين سا ڏورِي، وک ورائي پنڌ جي. *

(٤)

ڏُسالا ڏونگر، پيرين آگهاڙا پب ۾،
ڏرِي سنڌ ڏٿ سين، ٻائي ڪياڻون ٻَرِ،
ڪِي سانباهو ڪرِ، ويهي وڃاءِ مَ ڏينهڙا.

(٥)

ڏورِي ڏناڻون، وڃي وڻَ ڏٿ لڻ،
عُمرِ اوجاڳو اکين، ڏونگرِ ڏناڻون،
ان ٻر آنداڻون، ڏٿ وڏي ڏک سين.

---

* ڏوٿيڙا ڏُورِي، وک ورايو پنڌ جي

(٦)

جُهد ڪيائون جبلين، ليڪي منجهه لَڪن، *
سجايا دم سپ عمر جـا، ڪنيا ڪاهوڙين،
پـِرِ ۾ پساهـن، هلايائـون حق ڏي.

(٧)

ڪانيا ڪاهوڙيـن، هينئڙا جـوش حق جي،
لَڄي ير لَـڪن، پـاڻ وڃايائـون پانهنجو.

(٨)

ڏونـگـر ڏيٺيون، صبح ڏئـــر سچ ۾،
سپ ورسائـي آيـا، سنديـون پب پٺيون،
جي گهميا حق گهٽيون، تن ڏسڻ ٿيو ڏوٽٺين.

(٩)

بـِرَ ۾ ٻري باهه، ڪاهوڙڪيءَ ڪِير جي،
جت مرون ماڻهو ناهه ڪي، پير پکيان ناهه،
ڇـِپـِر ڇـولاڪاءِ، ڪانـي ڪاهـوڙي ٿيا.

(١٠)

ڪُ ڏِس نَ ڪهي هليا، جت ڏسڻ ناهه ڏِسيـُن،
آٿـي هليا اوڏهين، سير ڪُـپيريـان ڪن،
انا الحق جتي جـُوءِ ۾، ڏنو ... منصورڊن، ٢
جت ذت بقا جـو، اي پاڪائي پس، ٤
حيرت ڏانهن هان، وڃي ملڪ معراج پيا.

---

* سجايا ... چئي، ڪنيا ڪاهوڙين
... ۾ پساهن، هلايائون حق ڏي

٢ جتي عين الحق، ڏٺو ملڪ منشورن

٤ ڦڪان تاب قوسين او ادنيٰ، اي پاڪائي پسن

(۱۱)

وڃي ملڪ معراج پيا، محب مشاهدو جن،
نہ اوري نہ پري، پسي پاڻ پهن،
ڪنتُ ڪنزاً مخفياً، عجب آهي آن،
ٻيون ڏيئي ٻن، پيئا ذات بحر ڏي.

(۱۲)

جت ڪون مڪان نہ ڪو، ات ڪياڏون سير،
عاقل عالم ڪيترا، وارن نہ تهان پير،
ڳجهان ڳجهيون ڳالهيون، ڪهتر پاري ڪير،
آهيري ۾ پير، ڪيئي پاتو پريين.

(۱۳)

لکين لک پيا، آت ڪوڙيين مڙيا ڪيترا،
پسي پر پرين جي، وسان پاڻ ويا،
نڪا سار نہ سڌ ڪا، او حيرت منجهہ هئا،
ڪنهن جنهن نک نيا، جئن وهم ويساندان گذري.

(۱۴)

جتي عقل نہ علم ڪي، او تائين تيڏانهين،
جيلانهن وهم وترو، وڃن اوڏانهين،
پيئا وحدت وي ۾، ساراهين سائين،
تن وتا در وحدت جا، حاصل حضورائين،
جي اچن آتائين، ڏئن آهي اڳانجها گهٽو.

(۱۵)

پاڻ ڇڏي، پرينءَ گڏيا، وهم پي وصل ٿيون،
ٿيا سانجارا سبحان، وڃان وڃ ويون،
محب سو مڙيون، جنهن کي سڪي سيڪو.

(١٦)

طالب ٿي توڙان ٽيا، جي سدا ٽا سڪن،
ڪوڙيين ڏيهن ڪيترا، توڙي تن ڏجن،
ري رونيت رب جي، ڪجهه نه اچي تن،
طالب طلبئي ٿيو، وحدت منجهه وڃن،
ڪي نڱيا ناسوت ڏي، ڪي ملڪوت ڏي مُڙن،
ڪي وِهه ٻي وندريا، ڪي هليا هِمت وڃن،
آءٌ تو ٻچان ٻهڙا، سدا سالڪن،
ڪهڙي حال هان، سڀڪڙو سبحان جا.

(١٧)

ڏکارو ڏونگر، ڏنم لئه ڏوٿيئڙن،
پاڻ وڌائون پٻ ۾، انهي لاءِ اندر،
ڇورو ٿيو ڇپر، پيرو ڪاهوڙين ٻس ڪيو.

(١٨)

ڪاهوڙين ڪنيو، جيئري سانگو ساهه تان،
ٻت سڪائون ٻر ۾، تني ڏنهن ٿيو،
شرف المولى ٻالڪين، پرو تن پيو،
ڏونگر ڏيج ڏنو، ڏوٿي گڏيا ڏت ڪي.

(١٩)

جت نه پکيان پَرُ، تت تڪي ٻاهڙي،
تهان پري ورُ، ڏوٿين ڏنو ڏت ڪي.

(٢٠)

پيهي ڇپر ٻس، گنجي ۾ گن گهڻا،
توکي ڏيندا ڏس، ڏوٿي انهيءَ ڏيهه جو.

سُر رامڪلي

(١)

ناٿگا نانيءَ هليا، ڪينرُ ڏري ڪنڌ،
پُربا پورب ساماڻهان، راول ٽيا رنڌ،
هي جي هٿا هِن هنڌ، آءُ نہ جيئندي اُن ري.

(٢)

ماءُ منهنجي جوڳيين، ڪنين ڪنيرُ لال،
آن ڪي ڏٺا ڪالَ، ويندا واٽڙين تان!

(٣)

ٽڪين سي ٽوڙا، ويراڳين ولي ڪين ڪِي،
چڙَ چِراتيَن جِندڙا، ڪارا ٽيَن ڪوڙا،
آمنَ آجوڙا، سنجوڙا سين سڄڻين.

(٤)

جوڳي جتڳَ نہ وُڳَ، جتڳَ نہ ڏنو جوڳيين، *
آديسي عالم ڪان، لاهي چُريا لڳَ،
سامي ٽيا سَرڳَ، هلو ٽڪيا پسون تن جا.

(٥)

نہ سي جوڳي جُوءِ ۾، دونهين ڏنڌ نہ لاٽ،
ويراڳي ويا نڪري، چِت جني سين چاٽ،
ڪهڙا نهاريم گهاٽ، تن سامين جي صورت لءِ.

---

* جتڳ = فقيرن کي ڪارائڻ لاءِ خيرات

(٦)

ڳري ڏيئي ڳاٽ، جان مون گھڻو نهاريا،
مڙهيون مون مارين ٽيون، جوڳي ويا جاٽ،
ونجهلان انهيءَ واٽ، راولَ جنهن راهه گيا.

(٧)

مڙهيءَ پورياٿون مانُ ٿي، ٽڪيءِ ناهه ٽنوار،
آڻي وٽ آن جي، نت ڪِمايم نارَ،
ساميءَ سپ چمارَ، ڏيئي ڏُک ڏور ٿيا.

(٨)

پوري مڙهه مٿهيس، ٽيرٽ ويا ٽڪڙا،
آنِهي ٿي اڳي ڪها، پنهه مٿي پرديسَ،
جوڳي جنبي هليا، ڪنهن ڏوراڻي ڏيسَ،
آنِهي جا آديسَ، سارياڻ گھڻو سيد چئي.

(٩)

ڪوڙين پٽڻن جي، سهسين ڪري سلام،
ري محمّد جام، ڪم نه ايندو ڪو ٻيو.

(١٠)

ڪريمن جي ڪوڙين جي، سائينءَ ري ساڃاهه،
ڪنڌ ڪو اچاڻ ٻاهه، سيڪيو سيڪي هتڙا.

(١١)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، رلي ڪِٽي م رُل،
واري وجهه، وجود ۾، هيڪڙائيءَ جو هُل،
آهين ڀاڻ امل، چئو پنهين پينارَ ڪان.

(١٢)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، رلي ڪيم رلاءِ،
ڏيئي ٻليتا ڀاڻ کي، ٻاري جان جلاءِ،
ته سامِيڙا سندياهه، گُر وٽ گلا نه ٿئي.

(١٣)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ڌڙ کي ڌوڙ م لاءِ،
ڇو ٿو ڪن ڪپائين، مَ ڪي وارَ وڍاءِ،
صبر جي سيڊ چڙهي، دل ۾ دونهين دُکاءِ،
ته سامِيڙا سنديـاءِ، گر وٽ گلا نه ٿئي.

(١۴)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته ڪُتا ڪيم ڀهـاءِ،
عشق جي اوطاق ۾، وڃهي تند وڄاءِ، *
ته سامِيڙا سنديـاءِ، گر وٽ گلا نه ٿئي.

(١٥)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، جهونو ٿي جهـَلُ،
واڙي وڃهه وجود ۾، آنڌي ڀهر املُ، ٢
ماڪ تنهنجو مـَلُ، جـو ڀانئين بس ٿيو.

(١٦)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته ڪَندا ڪڍي مَ ڪيچُ،
لوچيندي لاهوت ۾، مَ ڀار مجاجي مچُ، ۴
هـَت سـُڃجي سـَچ، تون ڪوڙ ڪمائين ڪاپڙي!

(١٧)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، لاه مَ لِڱـَ ڀيوتِ، π
تـو ساريڪا ڪاپـڙي، ڀيٺا ۾ لاهـوتِ،
جي پرت پريان سين پـُوت، تن وڙس ورائي ڇڏيا.

---

* مڙهي ۾ مات ڪري، وڃهي تند وڄاه،
ته سامي ساک سنديـاه، پورب ٿئي پڌري.

٢ وسائيج وجـود ۾، انڌـي ڀهر امـل،
ته سندو هائوءِ هـَل، ڪڏهن ڪنين نه سڻين.

۴ مجاجي = مجازي

π تون ڀانئين جوڳي ٿيو، لائي لڱـک ڀيوت!

(١٨)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته ڪُڙهه ۾ ڪَنِي ڪار،
جهرا جگر ٻڪيون، ڦُٽُڙ ڦوڙي ٻار،
ٻئي ڏانهن ڪيم نهار، واري ڏس وجود ڪي. *

(١٩)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ٿيءُ ڀيرن جي ڀٽي،
ڪيڏي چڏ قلب مان، نانگا ننڊ گهٽي،
مور م مڙهج من ۾، ڪاوڙ جي ڪٽي،
انهي وير وٺي، جيم گروءَ جي گس ٿئين.

(٢٠)

جوڳي جلائي جل ٻتي، مٿهائي مٿهويس،
دور ٿيا دنيا کان، مٿاري هليا ميس، ٢
ڏوري ڏوراٿا ڏيس، گُرُ گڏيا گرنار ۾.

(٢١)

نڪي رکيائون رام کي، گُرو نه گڏيائون،
هٿ پڻ ٻلائون، آئين پوندئون آن جون.

(٢٢)

جي رکيائون رام کي، پڻ گروءَ گڏيائون،
هٿ پڻ آجهائون، جڙيون جوڳيئڙن کي.

(٢٣)

مٿي کان مٿي وڃي، جوڳيءَ ڏٺي جوه،
اوڏو ٿيو آلک کي، وڃي روبروه،
باٻوءَ چکي ٻوه، ڪا ليک لاهوت جي. ٤

---

* ته قادر تنهنجي ڪار، خالق خالي نه ڪري
٢ دور ڪيائون دوارڪا، ماري هليا ميس
٤ باٻوءَ چکي ٻوءِ، منجهان باغ بقا جي

(٢٤)

ڪِڏانهن ڪري نيتيان، ميڙياڻي مسيت،
"انا احمد بلا ميم"، راول اُها ريت، *
سچي ڪري پريت، ڪعبي ۾ ڪل ٿيا.

(٢٥)

وڃئين ويراڳين جي، متي دونهين دُوسَ،
ساڙي سڪ سنها ڪيا، ٻيراڳي ٻيهُوسَ،
ايءَ نانگن جي ناموسَ، پيٽ نہ ڪٽن پاڻ سان.

(٢٦)

آديسي سي ٿي، جي آدم ڪنان اڳي هئا،
اوريان اورين عام سين، پرُيان پري ٿي،
درست دلالت دين جي، هتان تن ويئي،
تني ڪسي ڏيئي، بار وڃايم ٻيڪيا. ٢

(٢٧)

وتون جن وڃايون، توڪن هلي توڪَ،
سندا ڪچا لوڪَ، ڪاپڙين قبوليا.

(٢٨)

نبي هن نباهہ ۾، هڏهين نہ هوندو،
لِمن الملڪ اليوم لله الواحد القهار، پربن پاڻ پڙهندو،
راضي سو رهندو، سامي سچائج ڳالهڙي.

(٢٩)

جانسين پسين پاڻُ، تانسين محبت مڙيئي،
لٿو جي گمانُ، تہ مڙيئي محبت تي.

---

* هليا وڃن حج تي، راولَ انهيءَ ريت
پڪي ڪن پريت، ڪل ۾ ڪعبو ٿيو

٢ تني ڪي ڏيئي، بادر وڃايم ٻيڪيا

(٣٠)

ٽانسين ٽون نہ فقير، جانسين سانگو ساھہ جو،
ماٺيو ٽــن ملير، جــن ڄڻو مباح ڪيو.

(٣١)

جتي هئي ڪانہ، آت آسڻ آديسين جــا،
وڃائــي واٽ ٿــيــا، ساز سڱيون سامــان،
اوڏيءَ مهل حوا ڪي، پٽي ڪل ڪنهي جي ڪانہ،
هو جوڳي ٽڪن نہ جوان، ڪنهن طعني لاءِ ٽيرٿ ويا.

(٣٢)

جوڳين ڪي جنگ ٿيا، ڪاهيندي ڪابول ڏي،
راهہ سئونائون رب جي، ورچي تان نہ ويا،
جيلانهن ڏاڍيءَ ڏٺا، تيلانهن ميڃيائون محمد صہ ڪي.

(٣٣)

ڪيئن ڏنو ٿي ڏوهہ، جيئن رام ڪوئين رحمان ڪي،
جو هاديءَ ڇيو حق تي، سو ڪلمو ڪهن نہ ڪوهہ!
تن آديسين اندوهہ، ڪهڙو ڏينهن قيام جي.

(٣٤)

نانگا ننگا نڱيا، نــانگن ڪونهي ننگ،
نڪي وڃائين سڱيون، نڪي ڇورين ڇنگ،
گنگا ۽ گرنــار ڏي، ســامين ھــڏو سنگ،
راول ڀروڙين رنگ، ٿيا لاهوتي لطيف چئي.

(٣٥)

اصــل آ اوطاقَ، انــدرُ آديسين ڪــي،
ڀُوريائون در دنيا جا، تاڙيون ڏيئي تاڪَ،
خوابن مٿي خوابَ، لڌائون لطيف چئي.

(٣٦)

خيما جن کٿي، مٿي ڀورب مَنڊيا،
آڀل آديسين لٿہ، ڀسو ڏيان ڀٽي،
جيءَ ۾ جڙو هٽي، ناڻگا ويا نڪري.

(٣٧)

ويڙو گهڙيهن کَهاٽ، تو تي ويس ويساهه جو،
ڪوڙ ڪمائڻ ڪاپڙي، نسورو نپاتَ،
لڳي اهڙي لکيهن، توکي چور چماٽَ،
هڏ نہ وڻهن واٽ، ڀڃهن ڀورب خبرون!

(٣٨)

بابو نہ بيڪيا، نہ اسم اثباتي،
منجهان ارادي حق جو، ٿيو ظاهر عشق ذاتي،
صورت صفاتي، ڀوءِ ڪيائين ڀڏري.

(٣٩)

ڀوءِ ڪيائين ڀڏري، بابو بياني، *
ڀاڻي سِر صورت جو، آيو انساني،
صورت سبحاني، ذاتيءَ مان ظاهر ٿي.

(٤٠)

ذاتيءَ مان ظاهر ٿيو، صفتان سڀ جڳ،
آديسين الڳ، مشاهدو محبوب جو.

(٤١)

مشاهدو محبوب جو، ساسي سڃاڻيج، ٢
احد جدا احمد کان، ڀورا ۾ ڀانئيج،
خالي ڪو ۾َ ڪٿيج، گُر ري ڀساهہ گودڙيا.

---

* ڀوءِ ڪيائين ڀڏرو، بابو بياني،
وٺي صورت سبحان جي، آيو انساني،
هي سِرُ سبحاني، ذاتيءَ مان ظاهر ٿيو.

٢ مشاهدو محبوب جو، صحيح سڃاڻج

(٤٢)

ڳُرُ ري پساھ، گودڙئي، خالي ڪوڻ ڪنيو،
ٻيراڳيءَ ٻڳوان جو، روح ھ نام رھيو،
وڇان وَرُ ويو، ڳُرُ کي ڳَڏيو ڪاپڙي.

(٤٣)

ڳُرُ کي ڳَڏيو ڪاپڙي، راول روبروءِ،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، اھا جوڳيءَ جُوءِ،
حق کي ڳَڏيو ھُوءِ، لاھوتي لامڪان ھ.

(٤٤)

لاھوتيءَ لامڪان جو، ساميءَ سور ڪيو،
جتي رنگ نہ روپ ڪو، راول تنت رسيو،
ليس ڪمثله شيءٌ، حُسن ھنڌ نہ ڪو،
ڳجھاندر ڳُرھيو، احد احمد پاڻ ھ.

(٤٥)

احد احمد پاڻ ھ، ڳجھو ڳُرھيو ڳجھ،
انا احمد بلا ميم، سناسي سمجھ،
آجھو ھنڌ مَ آجھ، احد احمد ھيڪڙو.

(٤٦)

احد احمد ھيڪڙو، ڪانھي ٻيائي،
آھي لِڪ لطيف چئي، سامي سڄيائي،
جوڳي جدائي، متان ٻورا ٻانئين.

(٤٧)

جني جدا ٻانئيو، سي آديسي اوري،
ڪاپڙي ڪفر جو، لڳو ڇڏ لوڙي،
ڏس اندرُ ڏوري، ٻيراڳي ٻڳوان کي.

(٤٨)

ٻيراڳي ڀڳوان کي، ڏڀهاڙي ڏسن،
مشاهدو محبوب جو، اندر آديسين،
خالي ڪونه ڪٿن، ڪُر ري ڀساهه گودڙيا.

(٤٩)

ڪر سين گودڙين جو، ڀُوتو آهه ڀساهه،
نڪا سڌ ثواب جي، نڪو ڪن گناهه،
آديسين ارواح، ڀُوتو آهه پرين سان. *

(٥٠)

ٻيراڳي ڀڳوان جو، سدا ڪن ثناءَ،
ويٺا ڪن الله، پر ۾ ڀُوتا پرين* سان.

(٥١)

ٻيراڳي ڀڳوان جو، ويٺا ڪن ثناءَ،
راول ريجهائين رام کي، لڪائي لوڪاءَ،
الک جو آهاءَ، ويراڳين وجود ۾.

(٥٢)

ٻيراڳي ڀڳوان جو، سدا ڪن سلام،
ويراڳي وجود ۾، هر هر ڪن هرنام،
آديسي امر ري، ڪڇن ڪونه ڪلام،
مهيسي مدام، تيا رسيلا رحمن سين.

(٥٣)

اڳي احد هو، احدان عبد ٿيو،
راول روپ ٻيو، تو صفاتي سڏجي.

---

* آديسين ارواح، نيٺي نماڻو ناٿ ڪي.

(٥٤)

'هو' جي صدا هيڪڙي، ڪا ڪياڙون ڪن،
رام سندي روح ۾، جڏهن جاڳي جن،
پڇو پورب خبرون، آديسي اچن،
مام رکياڙون من، تي نانگا نات نوازيا. ✱

(٥٥)

رام جني جي روح ۾ سنياسي سيڻي،
آتڻ گهڻي ادب سين، اُن جي عادت ايڻي،
تني ڪان تمر چڻي، پسڌر نه پيڻي، ٢
سالڪ سيڻي، ڳنهيو پڻن ڳالهڙي.

(٥٦)

ڳنهيو پڻن ڳالهڙي، سيڻي سالڪ،
پورب ۾ پيهي ويا، سامي چڏي سنڪ،
ڏسندي لک الک، نانگا نسورا تيا.

(٥٧)

وبراڳ ويهاڻيج، هاوڄ هن پار ڏي،
ڇڱو چرخو پانهنجو، ويل م وسارڀج،
آتيو آڏي راتِ جو، پيڻي سين پيريج،
سُٽ جو سرانن جو، ڪنبيو سو ڪتيج،
پنج پڻو ڪن پاڻ سين، ڏيهه م ڏاريج،
اُن پر تي اچيج، ته ڳر کي ڳڏجين ڳالهڙي.

(٥٨)

هڻي ڳس هنگلاج ڏي، تيها هيڪاندا،
وِسوِسا واندا، ويا ودراگهين وسري.

✱ ميم رکياڙون من، تي نانگا نات نوازيا
٢ (ن)

(٥٩)

ويا ويراڳڻ وسري، واندا وسوا،
لاهي کس کسا، نظر چڙهيا نات جي.

(٦٠)

نظر چڙهيا نات جي، لنگهيو تن لاهوت،
نانگا ننگان چڙهيا، جوڳي ويا جبروت،
'هو' ۾ گڏجي 'هو' ٿيا، ماٺيائون ملڪوت،
سريٰن سپ سڪوت، وڃي ڪالهه ڪل ٿيا.

(٦١)

اڄ نه اوطاقن ۾، ڪرڪل ڪاپڙين،
نه سي ذاڪر ذڪرين، نه سي ذڪر ذاڪرن،
سڳا جن سونهن، سي مڙهه پوريائون ماٺ سين.

(٦٢)

واڇٽ ڪين وڃن، اڄ سي اوطقن ۾،
لاڇو لاهوتن، جوڙي ڏنو جان کي.

(٦٣)

هن جڳ جا جوڳي ٿيا، رکن آڌي سين آرو،
مارو سندن مانڻهن، رکو کن ٻمٽ ٻارو،
صبر جن سڀارو، سي آديسي اڳ هليا.

(٦٤)

هن جڳ جا جوڳي ٿيا، ڪين ڪنڌون ۾ ڪمرَ،
سنجهي سهن سوُزُڻهن، پره چاڙهن پمرَ،
اندر جن آڪيرَ، سي آديسي اڳ هليا.

(٦٥)

جا پر هندو ڪن، مٿي پڄاڻا متيت سين،
سا پر سهرين، مون سين ڪالهه ڪري ويا.

(٦٦)

پٽ چڙھيائون ڀٽ ۾، ڏنڊ چڙھيائون ڏور،
ٿي مهيسر ماڻور، وڃي ڪالھ ڪل ٿيا. *

(٦٧)

هيڪلائي هتن جي، ويٺا واجهائين،
سامي انهيءَ سور جو، مانجهي منجهه نه ڏين،
ويٺا نباهين، نازڪ ڏاڍو نيهن جو.

(٦٨)

ڳنجي ڳنگا ڳنڍيا، ڀورب ڀنا جهي،
اهڃاڻيون الماس جون تن کي تمر ڇهي، ٢
سامي آهين سهي، لڪا پڻ لوڪ ۾.

(٦٩)

رهن حقيقي راز ۾، شرع نه سنيارين،
ڪفر ۽ اسلام کان، ڀاسا ڀاسارين،
آني ٿا گهارين، جت مپ نه هوءَ ملائڪين.

(٧٠)

هيڪڙائي حق ڀسين، ته ورق ڀائيءَ وار،
ڇڳيءَ ڀت ڇوڙهن کي، سامي ساريو سار،
ڀنجن مان ڀاتار، ڀسندين ورق وصال جو.

(٧١)

ڀسندين ورق وصال جو، آڏوتي عدن،
حسابي حساب جا ٻارهن ياد نه ڪن،
جي ٻارهن کي ٻجهن، آهه ڀڻ کهوري آن جي.

---

* مهيسي ماڻور، وڃي ڪالھ، ڪل ٿيا
٢ (ن)

(۷۲)

طالب مٿي تاءُ، ڪھڙو سُنَّتَ پارڻ جو،
پڙلو ڦاھي جندڙي، منجھ، منجھائي ساھ،
ھو جو گھري الله، سو ھيڻئون ھول نہ ڪڍيو.

(۷۳)

جڏھن رب جليل، ڏنو ڏيجُ رسول کي،
نڪو عرش نہ ڪرسي، جاءِ نہ جبرئيل،
نڪو سج نہ چنڊ ڪو، نڪو ميڪائيل،
منجھان سڪ سبيل، پرين پاڻھيا پاڻ ۾.

(۷۴)

ڪَرُ جا ڏني گودڙي، ڏوتاڏون ڏاڳا،
ڪھندا ويا ڪابول ڏي، سائين جا ساڳا،
سيڻ سياڳا، ڳڻا تي ڳڏ ٿيا.

(۷۵)

جن کي عشق اندر ۾ تن کي آج نہ بک،
وحدت جي وصال ۾، سيڻ چئي تن سک،
ڏور ڏينھون ڏک، جي رتا وتن روح ۾.

(۷٦)

اندرُ نہ ريڊءَ رام سين، ٻاھر ڦرين ٻاڏون، *
مٿا مٿين ڀاڻ کي، چائين آديسي آڏون،
لاھي چڏ لطيف چئي، ٻوڙا سپ ٻانھون،
او پنڌ اڳاھون، جت نانگا ڳڏيا نات کي.

---

* ٻاڏون = حيران، پريشان، ششدر

سُر رپ

گوندرَ وڏو وَرِ، مون کي مون پرين جي،
اچي دوست ڏَرِ، مٿي مُئين، هٿڙا.

سُر گهاتو

اڏيون اڄ آڻانِ، روڄو رڄ نهاريان،
سڙيا ساڄ سندانِ، وڃو لوهه لِڪون ٿي.

سُر ڏهر

(١)

پَلئو آهين مَچ، جيئن تون هڏ نه موٽيو،
جا تو ڏٺي اڄ، تنهن ٻاٽيءَ ٻنا ڏينهڙا.

(٢)

ڪنڌا ڙي ڪاڪا، توکي سمجهه نه سُور جي،
سمجهڙيائي نه سا ڪا، جيئن ميڙين ٻه ڄڻ پيا. *

(٣)

ڪنڌا توکي ڪا، ڳالهه، لڳهي ڳُڻ جي،
سمجهي تو سا ڪا، هوند سگر ٻَن ڄٽي ٿئي.

(٤)

جو تو هنڙو گهاءُ، ڪنڌا ڊور ڏٺين جو،
هوند نه ڏوڪياهه، موري ميڙ ٽاريون.

(٥)

مديني واليءِ، سڻ منهنجا سڏڙا،
آڄهو تون عالي، ٻي ڪنڌي ساربان ڪانه ڪا.

(٦)

مديني جا ماهه، سڻ مَهنجا سڏڙا،
ٻيو وسيلو نه واهه، عاصي تنهنجي آسري.

(٧)

مديني جا اسمن، سڻ منهنجا سڏڙا،
ترهو ٿنو تار ۾، ڇڏيو ساٿ زمين،
ڪک جهليندا ڪمن، آڏارين ته آڪران.

---

* 'ن'

(٨)

آيـريـا چنڊ آسُور جـا، نڪٽ نوراني،
پھرُ رحمتي رات جـو، اٿـي اوگھاڙي،
ڦيٽي ھيءَ فاني، جنھن دنيا سان تو دوستي.

(٩)

آيـريـا چنڊ اسُور جـا، نوراني نڪٽ،
سوجھرو تن سيئن جـو، ڀريـو متي پٽ،
وڃـائج ڪا وٽ، صبح سان سيد چئي.

(١٠)

آيريا چنڊ اسور جـا، نڪٽ پريا نور،
جاڳ تہ ملين جنّت کي، چڙھي ڀرئين پور،
ھتّي جا حضور، سا حاصل ٿئي ھتھين.

(١١)

آيريا چنڊ اسُور جا، ڪر نڪٽ ڏي نظر،
ڏس تہ ڏوھن ڏون پاڪ ٿئين، اپر ٿئي اجر،
صبح جـو ثمر، جاڳندن جھجھو ڪيو.

(١٢)

آيريا چنڊ اسُور جـا، نڪٽ سڀ نھار،
اٺھ پسّاھ عمر جا، ھاريا اٿين م ھار،
ورق جـي وصال جـا، سي سيوئي سار،
ڪريين ڪوھ قرار، توکي قبر ڇڏيندي ڪينڪي.

(١٣)

جني ٻڙد نہ ٻج، تني تاري تُنھنجي، *
ڀـوءِ ايـاريـن سج، اول ڏٺئين آن ڪي.

---

* جني ٻڙد نہ ٻج، تن پہ تُنھنجو آسرو

(١٤)

بندا وتين ويسرو، پنهنجي موت تو مارو،
تو ڪيئن وسريو، تنهنجي وجود جو وارو،
زم زمان زارو، روندا تي رت ويا.

(١٥)

بندا وتين ويسرو، پنهنجي موت مارو تو،
لکين هتان لڏي ويا، جني هتي حڪم هو،
ري ٻيلپي رب جي، ڪم نه ايندو ڪو،
سهڻي وانگر سو، جين نه هن جهان ۾!

(١٦)

ڪات تنهنجي ڪنڌ تي، آيو ڏي آهي،
ڏيهاڙي هيڪڙو، ليکي مان نه لاهي،
ايندو جي ڪاهي، وٺي ويندو هيڪلو.

(١٧)

ڪونجون ڪرڪٽي، رات اڏاڻيون روهه ڏي،
ميڙيندون ڏٺي، ٻاجهائي ٻچن سان.

(١٨)

رات اڏاڻيون روهه ڏي، ڪونجون ڪٽي ڪر،
چاتاري چپر، وري وطن آئيون.

(١٩)

م لنءِ ڪونجي، مات ڪر، چاڪ م هيين چور،
ساريو سپيرين کي، هنيين وجهه م هور،
متان پويئي ڏور، پرڏيهه ۾ پرندي.

(٢٠)

لاکو نہ لوڙيون، نہ اکيون اوسيڙو، *
سک پٺي سٽيون سنگھاريون، سري اوڍي سوڙيون،
کاڇي ھ کوڙيون، رھي ريباري ويا.

(٢١)

ھالو تہ ھلي، وڳ وھارين ويسرا،
پنھنجي کين پلي، لاکو لوڙائن سان.

(٢٢)

ھيٺ ڪٿو، مٿو، لڳ پڪليا ڏوڙ،
آتن جي اور، سي لاکا جيم لجائين.

(٢٣)

چاري جو چيو ڪري، وڳ نہ وارياڙون،
مٿي ھر ھليا، ميس نہ مارياڙون،
تڏھن ساريائون، جڏھن ھيٺ جو ھل ٿيو.

(٢٤)

جتي چمر چڪيائين، تتي ڪچ ڪارو،
جتي راڳ روپ ھو، تتي رونق رونگارو،
لاکو لاکارو، آھي ھتي ڏينھڙا.

(٢٥)

جھليو چرين جوه، وليون پسيو وھ جون، ٢
سائو تہ صبوح، جائون ڪندو جان ھ.

(٢٦)

ڏونگر لڳن ڏينھن، مان نہ ور ڪن سپرين،
ڦوڙائي جو مينھن، ھوت وسائي ھليو.

---

* لاکو نہ لوڙ، نہ آھي اوسيڙو،
سک پٺي سمھو سنگھاريون، سري اوڍي سوڙ،
کاڇي ھ کوڙ، رھي ريباري ويا.

٢ جدا چرين جوه، وليون پسيو وھ جون

(٢٧)

وڙڪيو ولهارن ۾، چريو اچين ويءِ،
سنجهي ڀانئين سيءُ، آسُور آئون ڪينڪيءَ

(٢٨)

سائي سڪايون، روجهڙيون رڻ ڪنڊئين،
سورن سِڄهايون، ڪا ول چنائون وهه جي.

(٢٩)

سائو ڪنڊه سور، چوريءَ چيني جو ڳهو،
منّي وڃايوءِ مور، وليون چرين وره جون.

(٣٠)

جهنّليو چرين جهنگ، واڙي پسيو وهه جي،
رات تنهنجو رنگ، هاري هيري چڏيو.

(٣١)

روجهه مَ چرَ ڪرَ، واڙيون پسي وهه جون، *
سندي ولين قَرَ، ڳهٽا وهه وهائيا.

(٣٢)

سڳو چرين سيج جو، قرري وساري، ٢
لطف ساڻ لطيف چئي، تي اندي اتاري،
نه پچا تو پاري، ڪڏهن تئي ڪانڪا.

(٣٣)

دوست رک ڏيان، ان اڳاهينءَ جَنُوه جو،
وري وراڪي چڏيا، ياڳيا ڏئي بيران،
ويا ڪٿي پاڻ سين، سورن جو سامان،
هلي تيا حمران، ورق وين وسري.

---

* روجهه م رڻ جهڻ ڪر، واڙيون پسي وهه جون
سندي ولين قر، وهه وهاليندہ ڳهٽو

٢ سڳو چر سج جو، وبه، ويءِ وساري
لطف ساڻ لطيف چئي، تي اندر اناري

سُر ليلان

(١)

ڪتوري ڇتين پٽائين، ٽوڙي ڏاڳڻ هوءِ،
ٽوڙي منهن نه ڏوءِ، ته ٻڻ سهاڳڻ اڳري.

(٢)

ڪَرَهه ڳنيجا، ليلان لاهه م هارَ،
هت ٻڌي حاضر ٿي، چئي چنيسر چارَ،
مانَ ٻروڙي مارَ، ڏٺي تنهنجو داسڙو.

(٣)

سويي شان سڄاڻ، ليلان جم لڄائيين،
آهين گهڻو اڄاڻ، مڇڻ ٻوري نه ٻٽين.

سُر بلاول

(١)

سمي ساماڻي، ٿمر ڪٿو مَ ساڻيا،
مَنهن مهماڻي، چٽا چانئين چڏيا.

(٢)

سمي ساماڻي، چٽا لٿي چارڻين،
هلبو هاڻي، جت وحدت جو ويهُ وهي.

(٣)

اچي پيئي ابڙي، هل هگا هالا، *
منداڻي مينهن جيئن، جهڙ سندا جهالا،
سمون سنياالا، سڏ ڪيو سرڻن لهي.

(٤)

جتان گهڙيو جکرو، تتان مڙئي ڪونهي مُلُ،
اهڙو گوهر گل، پاڻ ڏڻيءَ پيدا ڪيو.

(٥)

ڪوهه نه جُهارين جکرو، جو ولهن جو وارث،
سونهون سڀ آمت جو، پاڳارو پارس،
سي ڏکيا وڃي ڏس، جن گنگا جر گڏيو.

(٦)

ڪوهه نه جُهارين جکرو، جو ولهن ڏي ويلا،
ڪنين مالڪ مڙيا، ڪن تازي طبيلا،
سمي سوبيلا، طامـاعو تار ڪيا.

---

* نُ

(٨)

جن گنگا جر گڏيو، سي ٿيا ڏڻ ڏٿي،
عزت آسائن کي، ڏني گهوٽ گهٽي،
طاماعن تٽي، پسو جا پيدا ٿي.

(٩)

سير تان سي نہ ڏيان، هميراڻا پار،
مون وٽ متهاڏي گهٽا، تون کر مير نهار،
اچلي عراقين سين، ڏڙ کندوسين ڏار،
رڻمل رب آهار، سمون سونهريون هٽي.

(١٠)

پسنديِ پيتوءَ، جکرو جاجک،
ٿان ڏني تن کي، طهورا مان تِک،
سمي يڳين سک، واصل ٿيا وصال ۾.

(١١)

آيو ريو آس کري، سمون سورج جيئن،
جُنگ ساماڻي جکري، قرض کٽيہن ٿو کيئن،
وچ گنگا جر سيمن، اوري کوهہ آڏارئين.

(١٢)

جُود جکري جيهو، نکو سنڌ سمن ۾،
واني جنهن جي وات ۾، ڏيو ۽ ڏيو،
الا آچيِ کو، ڏڏ وڏو ڏان گهري.

(١٣)

ڏڏ وڏو ڏانُ گهري، هوتالن هٿاءَ،
سمي جي سخاوت ۾، کيرب نہ کاءَ،
آءَ وهلو آءَ، ڏئي ڏانُ ڏڏن کي.

(١۴)

آهو ابڙو اڙبنگ، او ڏونگرُ ئي ڏيهہ ٻيو، *
هـِي جوئيجالو جنگ، سرلين سـُونا ڪين ڪئي.

(١٥)

ايـنـدي لئي اَچ، پير پريندي نـرڀـا،
وبري منجهہ سچ، ڏنـي رڻ آڪارئين. ٢

---

* او ابڙو ئي آپگ، او ڏونگر ئي ڏيهہ ٻيو
ايءُ جوئيجالو جگ، سرلين سـُونا ڪين ڪئي

٢ منجهہ وبري سچ، ڪر لڏي رڻ آڪارئين

سُر پورب

(١)

ڪانگل آنديئي ڪا، مون وٽ ڳجهي ڳالھ،
قاصد قريبن جا، جاني جيئين شال،
تو سين ڪيم تڏهين، جيئن هٿين پائي حال،
سڄڻ جي سنڀال، جڏو جيءَ جياريو.

(٢)

ڪانگل ڪنن ساڻ، سڻ منهنجا سنيهڙا،
نيئي ڏج محبوب کي، روئي منجهه رهاڻ،
ڀال ڀلائي پنهنجو، جيڪر ڀڄن پاڻ،
منهنجو مون پرين کي، حال سڻائج هاڻ،
آلج ڪو اهڃاڻ، جنهن سان چت چکو ٿئي.

(٣)

ڪانگل ساڻ ڪنن، سڻ منهنجو سنيهڙو،
منهنجو چمي چاڻٺ کي، چنج پارانيو پرين،
ڀال ڀلائي سهرين، مون ڪر جي ڀڄن،
ته ڪيج حقيقت حال جي، سيئي کي سيڻن،
آءٌ آب اکين، وهئي کوڙها ڳاڙهيان.

(٤)

ڪانگل قريبن جا، اکين متي آ،
ويهي تون وصال جي، ڪر مون وائي ڪا،
متان اچن سنجهه سڀا، آسر پري آهيان.

(٥)

ڪانگل قربن جا، اڱڻ متي اڄ،
مون وٽ مون پرين جون، ڪر ڪي ڳالهيون ڳجهه،
من ۾ ماري مڇ، وڄ آڏامي اوڏهين.

(٦)

ڪانگل قربن جا، ولڻ متي ويهه،
تون تنائين آئين، جت سڄڻ جو ساڻيهه،
پاڙي پاڙي پيهه، ڏي پاراتيا پرين جا.

(٧)

ڪانگل قربن ڏي، وهلو ٿي وڃيج،
سنيها ڪي سڄڻين، چڙهي چانڊوڪ چئيج،
جيڪو چونئي سڄڻين، ونئي سو وريج،
ڏينهڪ آئي ڏيج، مون ڪنَ پريَن خبرون.

(٨)

ڪانگل قربن ڪي، وڃي آڏائي آڻ،
گهنگهر ڏينهن گذاريان، هٿ جني لءِ هاڻ،
مي پرين اچن پاڻ، ته ڳنڍجي گوندر لاهيان.

(٩)

آڏر لڳ الله، ويلو ڪر مَ وچ ۾،
آءٌ جو ڏيانءِ سنيهو، سو ساندي برابر ساهه،
ڳجهه اندر جي ڳاهه، ڪهج مَ قريب ري.

سُر آسا

(١)

لا لا ڪانهي ڪتهين، لا موراهون نان، *
باالله ريءَ پريان، ناهم ڀسڻ ڪي ٻيو.

(٢)

لا لاءِ مَ الف سين، لا کي لوڏي ڪڍ،
تنهن کي وڃي وَڍ، مظهر جو ماڻهن جو.

(٣)

ٻُرڻ جت ٻُورُ وهي، وحدتَ ويو وجودُ،
سجدي ري سجودُ، سبحانــي سڀ ٿيو.

(٤)

جت نماز نيتين، سجدي ري سلام،
هنيون آت هڄي ويو، ڪنُو تنهن ڪلام،
ايءَ اتي جــي مام، لکي لکندين ڪيترو.

(٥)

ڪي جي پيرَن پيرَ، محبت سندا من ۾،
ڪيڏانهن ڪندي پير، جا سُتي ڪعبي وچ ۾.

(٦)

وحدت جن وجود، ڪعبو ڪوڏيو تن جو،
ڪنهن کي ڪن سجود، جن من اندر مڪو ٿيو.

---

* نان = نه، ناهي

(٧)

پاڻ نه ٿئي پاڻ کان، پاڻان ٿئي نه پاڻ،
و لقد خيره و شره من الله تعاليٰ، ڄاڻي ڏسج ڄاڻ،
سچو سو پرياڻ، جو لکيو لوح قلم ۾.

(٨)

جت نهايت ناهه ڪا، نڪو آئي ڇيهه،
سو ڪوڙين پسي ڪو ڪو، اي ڏوراڻو ڏيهه،
اوري ڪر ۾ آسرو، واديءَ وچ ۾ ويهه،
ثابت ٿي سبحان مان، منجهه حقيقت پيهه،
ته سو ڏي پسين ڏيهه، جنهن کي سڪي سيڪو.

(٩)

تان کو ڏيو ڀٽيهڙا، سنيهو سندون،
ڪيڻن پانڌيڙا پنڌ ۾، ڪنهن پر اهڃاڻون،
ڪنهن پر هلن حق ڏانهن، ڪنهن پر وصالون،
ڪيڻن فاني ٿيا في الله ۾، ڪنهن پر مشاهدون،
لا يعلم تاويله الا هو، اونهو انت سندون،
ڪونه ڄاڻي منجهون، ٻُجهڻا ڏي ڀتر ٿيا.

(١٠)

لا سين لٿن ٿيون، پيا پيار الله جي،
ڪين ڪنياڻون پاڻ سين، سچو ڏيهه پيون،
وڃي سير ڪيون، سبحاني سبحان سين.

(١١)

ڀنيون هڏ ۾ پير، ڪڻ سٽيون سڀرين،
تو جي چاهه چلائيون، تن وڏو جيءَ سين وير،
ڪجل اکين ۾ ڦير، تنهنجي رُکين ڏي رڻ ڪيو.

(١٢)

سڄي ڇوڙڻ سٿري، ڇوڙين جي اڌ ڪِيئي،
نہ ڪر ڪڙو لاهي ڪنئي، سپيرِيان جي سير جو. *

(١٣)

پيتائون پُر تيون، ارتو اڪڙين،
ساقي جي شراب جا، تن پيارئو پرين،
خماريون نہ ڪڇن، ڪن درسن دوست جو.

(١٤)

ڪن درسن دوست جو، پيو محبت منڊ،
سي ڪيئن ڪنڊيون ڪنڊ، جي منجهان ٿي منجهہ ٿيون.

(١٥)

جي منجهان ٿي منجهہ ٿيون، سي پسن ڪين ٻيو،
ڪفر ۽ اسلام ڪان، تن پري پير پيو،
و في انفسڪم افلا تبصرون، پاڻهي پاڻ رهيو،
پساهہ ۾ پَسيو، ڪن درسن دوست جو.

(١٦)

ڪن درسن دوست جو، حالان وڌي هڪ،
شرابًا طهورا جي، تنان ڏنائون تڪ،
لوڪان ڪريو لِڪ، ڪن درسن دوست جو.

(١٧)

ٻوريون ٻرين ٻسن، آپئيون تہ انڌيون،
وڃيو روز رسن، حبيبالي حجري.

(١٨)

حبيبالي حجري، ڪيا اکين اوتارا،
ٻيو پسن ڪين ڪي، ري دوستن ڊاران،
ٻرين جي پارا، رات رڳجي آهون.

نہ ڪر ڪڙو لاهين ڪنڌ، سپيريان جي سير جو

(١٩)

جان ڪِي ٻسج ٻان، جان ڪِي وسهج ٻسٽي، *
ٿنان ٻري ڪان، عالم چون ڪفر جِي.

(٢٠)

ڇڏي خود خيال، ٻيو ٻرائي ڏيهه ۾،
ملڪ هي مثال، سڀهُو ٿئي سرير سين.

(٢١)

رات رڳجي آيون، ڀاران ڀرين جهي،
ٻيو ٻسن ڪين ڪي، حسن ڌاران هي،
سيئ ٻه ڪنديون سي، مورت جن جي موهيون.

(٢٢)

مورت جن جي موهيون، ڪنديون سيئ صحي،
سي حبيباڻي حجري، ويناٻون ڪوڏ ڪهي،
جن ڪي مورت من رهي، سي آرامان ارڳ ٿيون.

(٢٣)

آراسان ارڳ ٿيون، ڪونهي تن قرار،
طلب جي ترار، وڍي واڍوڙيون ڪيون.

(٢٤)

وڍي واڍوڙيون ڪيون، ڪنهن جنهن گها گهائي،
سيڻن جي ساهي، چنڊائيين چٿيون ٿيون. ٢

(٢٥)

اسر ايِن ڏانهن، مچيئ رهمن رحيم،
جزيءَ جائز ناهه، ڪل ري ڪتي ڏينهڙا.

---

* ٻان = ٻاڻ

٢ ساهي = سُهائي، سوجهري سان

(٢٦)

صورت معنيٰ وچ ۾، ڪونهي وچ وڇا،
هو نه سڃاڻي هن ري، هو مور نه موجود،
حقيقت هيڪاندا، پر نالن مٿو نام ڪو.

(٢٧)

ڇڏيان هيءَ جهان، هو پڻ گهوريو گهوريان،
ٻلڪ ٻريان ساڻ، جي مون سِرِي جيڏيون.

(٢٨)

جني ڏٺو پاڻ، تني ڏٺو سڀڙن،
غلط اي گمان، جيئن عارفَ ٻَسين آرسي.

(٢٩)

تنهنجي وات وجود، ٻاهر ٻيڄ مَ ٻَهيڙا،
تن ٺڙوٺي معبود، جي ڪنديءَ رهن ڪين جي.

(٣٠)

عجب جهڙي آ، حقيقت حبيب جي،
نڪي ڇنبو سو ڏٺي، نڪو مخلوقا،
شفق جي سانجا، جا ملي ليل نهار ڪي.

(٣١)

آهي عاشقن، مُنجهه مشتاقن جي،
ڪڏهن ڪين پسن، هنئين سين حبيب ري.

(٣٢)

ڪٻچ ڪُتي سين ڪينڪي، مات سين ماريئس،
وجهي ڳٽ ڳچيءَ ۾، ڪنهن ڳالهه سين ڳاريئس،
سا پر سينڪاريئس، جو ٻَهڻ ڪان بس ڪري.

(٣٣)

ڪر مترائي جوءِ، وانديو ٿئين ورهين ڪي،
ڳچيءَ ڳارو پوءِ، پيهين پوڙهيءَ رن جيئن.

(٣٤)

پـاڻهي ڪنئي پـــاڻ تمي، مُلن مصيبت،
جيڏانهن ڪيئيون سانيون، تيڏانهن رکن مت،
خاص اٿن خصلت، وَتبائي ڪن وندن تي.

(٣٥)

مُنا ئي مجاز، مُلان رکن نـہ واعـدو،
خمسون تڙيـا خارجي، سپ وڃايئون ساز،
آنهي سندو ماڳ، وجي حاويءَ سندو هيٺ ٿيو.

(٣٦)

هٺي ڪين هئا، هِت ويٺيون ڪن وڏيون،
ٻڏي ڪين مٺا، ٻاڻي ٻائي ٻـاٽ ۾. *

(٣٧)

ماري ڪٽي مون، وهٽ سين وس ڪيو،
توءِ سڙو سراڙو نہ ڏي، ٻوُرو مٿي ٻون،
ڪا نات ڏنيئس تون، منهنجي سواريءَ سئون نہ ڪيو.

(٣٨)

اڏوڪارو ان جـو، تـــورو گاهہ چاريئس،
آڏيءَ استغفار جو، ڪرڪنو ڪوب هڻيئس، ٢
توبہ تل ٽـارٽـلا، توڪل تنگ ڪيئيس،
ان الله مع الصابرين، اها واتَ ڪـر ڙ ڙي ڏينس،
لاحول ولا قوة الا بالله العظيم، چهبڪ چڪائيئس،
پـوءِ محبت جي ميدان ۾ لليو تلائيئس،
ان پر آليئس، تہ سوڏو اچي سيد چئي.

* ٻڏي ڪين مٺا، ڍڪڻ ۾ ڍڪ ٻري
٢ ڪوب = خوب

سُر ڪارايل

(۱)

سَرَ سُڪي سال ٿيا، هنج هريو ڏي پير،
ڏيندو بانگ ٻلير، سَرَ ۾ ٿيندو سوجهرو.

(۲)

وسريو تن ڪتاب، ڏٺو جن ڪتاب ڪي،
هُوَ الاول والآخر، آهي روحَ رباب،
ٽيڙا سي ڪباب، جي هجي ويا هوءَ ۾.

(۳)

چاڙ چڙهي چُري، ونءُ آڏا سي آچڙا،
سَرَ ڏانهن وڃ سُري، جت هيرو چُڻن هنجڙا.

(۴)

ٻگها ٻڌي ويا، لکين لهرن ۾،
وڃي چاڙ ڪندڙين، پاڻان ٻوت ٻيا،
اصلَ تن پيا، جن چڙهي طلب تانگهي جي.

(۵)

چُڻندي چاڙ ۾، جائون پيم جي، *
منهنجو تان ٻاڻ سين، ساهه وٺي ويا سي،
لالون لٽن ري، ڪونه ڏيندم ڪو ٻڌو.

---

* جائون = زهريلا جيت

(٦)

ڪونه ڏينڊم ڪو ڏيو، لٽن ري لالون،
تن لاءِ ٿمر ڇڻي، ٿيون جانيون زواليون، *
ساريو سنڀالون، تو آئي جون اڄ ڪري.

(٧)

اڄ ٻڻ لڳيس اداس، آيو ڇنڊي پکڙا،
ويا سڀ وٽانس، هنج هنياري جن سين.

(٨)

سر ۾ پکي ڪيترا، تـوڙي هـُـونِ هزارَ،
هيرو هنجانِ ڏار، جُڙي نه ٿيءُ جات ڪي.

(٩)

ڪينجهر ٻنهي ڪنڌين، منجهه، ڇڻيو چانگاري، ٢
قضا جا ڪريم جي، پکيڙو پاري،
وٽان ويچاري، وڳر سڀ وهي ويا.

(١٠)

اڇا پکهه ۽ ٻس، مٽر مهرائـي هنجڙا،
تني لڳي نه ڪس، رتا جي رحمان سان.

(١١)

سڀي سـڏ سموند جي، هنجان هنج هلن،
ناريون جي نڪونج جون، ٽتائين ترن،
موتي جي مهراڻ جا، پورا ٻنج چڻن،
تـوڙا تـري تـن، آڏي اماهه اوليا.

---

* نُ

٢ سر ۾ پکي هيڪڙو، منجهه، ڇڻيو چانگاري،
جيڪا رضا رب جي، پکيڙو پاري،
وٽان ويچاري، لاٺڪ هنج لـڏي ويا.

(١٢)

پکي سپ مڇڻ، هنج سدائين ڏيرا،
ساريءَ سنڌو من ۾، ورھ ويچارن،
چيتاريو چڳڻ، موتي جي مهراڻ جا.

(١٣)

سج اُلهي سانجهي ٿي، وڻن هنئي وڪ،
سڄڻ تنهنجي سڪ، موٽيو ماڳ نهاريان.

(١٤)

سج اُلهي سانجهي ٿي، وڻي هيءَ ويرَ، *
ڪٿي هوندا هيرَ، صاحب منهنجا سپرين!

(١٥)

اڄڻ ويـر ٽشانِ، ڪئيو نيڻ نهاريان،
سون ورنا سپرين، لاڪيئي لوڏانِ،
موتيڙا مٽانِ، آھ ڦانڊو ڪيو ڦگيان.

(١٦)

ڪڇن ڪين مٺا، اوت ڏين اکين سين،
انهيءَ وات ويا، پاڻوندر ماڻڪ پرين.

(١٧)

پاڻوندر ماڻڪ پرين، عطر سپ امل، ٢
تن گندي منهن ڪل، پوري لوڪ نه لڪنا.

(١٨)

پالوندر مالڪ پرين، عطر سين آهين،
گهنڊڙي نه لاهين، سڄڻ ڏيهي وار جيئن.

---

* سج لهي سانجهي ٿي، وڻن ڪياڻون ويرَ
٢ پاڻوندر ماڻڪ پرين، عطر سي امل
گهنڊي تن ڳل، پوري لوڪ نه لڪنا

(١٩)

چارو هنيو ڪارو ڪري، لڙ ڪان لاشڪ ٿيءُ،
اڏاڻو اچي ساهون، پاڪ نهاري پيءُ، •
چلڙ ۾ چنج هڻي، جوڪي وجهه مَ جيءُ،
هنج حضوري ٿيءُ، ته ماڻيين ڳوڙر ڳلاب جا.

(٢٠)

چارو هنيو ڪارو ڪري، لڙ ڪان ٿي لاشڪ،
معرفت جو من ۾، سوڏو پڙهه سبق،
اڏامي عميق جو، ورائج ورق،
هنج سچائج حق، ته ماڻيين ڳوڙر ڳلاب جا. ٢

(٢١)

چارو هنيو ڪارو ڪري، چيلڙ ڏيج ۾ چس،
ٻگهن سين ٻيلهه ٻڌي، ڳنب نهار ۾ ڳس، ٣
پکي سي ٿي پس، جن ماڻيا ڳوڙر ڳلاب جا.

(٢٢)

اوطاق جن اريج ۾، مٽيا تن مٿن، ٤
ماڻو مرتبو تن جو، ڪچيا ڪين ڪچن،
اوڏو وڃي آن، جوڪو ٿئي جيءَ ڪي.

• آڏر اچي ساهون، پاڪ نهاري پيءُ
ٻگهل سين ٻيل ٻڌي، جوڪي وجهه مَ جيءُ
هنج حضوري ٿيءُ، ته ماڻيين ڪوڙر ڪلاب جا
٢ هنج پروڙج حق، ته ماڻيين ڪوڙر ڪلاب جا
٣ ٻگهن سين ٻيلهه ٻڌي، ڪنب نهار مَ ڪسُ
پکي سي ٿي پسُ، جن ماڻيا ڪوڙر ڪلاب جا
٤ اوطاق جن اريج ۾، مٽيون تن مٿن
ماڻو مرتبو تن جو، وسان ڪين ڪچن

(٢٣)

اوطاق جن اريج ۾، تن ڏٺن ئي صورت،
آيا جي اري ۾، مڙ ڪيائون مٽ، *
ڪاري جي قوت، جوڪو ٿئي جيءَ ڪي.

(٢٤)

اوطاق جن اريج ۾، تن جي وهه، جو ورن ٿيو، ٢
تن جا مُنهن ملائڪن جهڙا، ڏڪو ڪن ڏريو،
واعدو جن وريو، اوڏو وڃ م ان ڪي.

(٢٥)

نير ورنا نانگڙا، اڇا پيٽ سندان،
جي ٿيو ٻير مٿان، ته جوڪو جنگن ڪي ٿئي. §

(٢٦)

نير ورنا نانگڙا، ڪارا جني پيٽ،
تني جي جهپيٽ، جوڪو جنگن ڪي ٿئي.

(٢٧)

ڦورڻ ڪاري سپ تي، جيڪو رکي پير، π
ڪٿي ڪر قصد مان، ڏوندي ڪري تنهن ڏير،
جانسين نه وٺي وير، تان ڪاري ڪُر لڄائي.

(٢٨)

سٽي ڪاري سپ تي، جيڪو ٻاري ٻاهه، +
جانسين نه ڪاري ڏانهن، تان ڪاري جي ڪُر لڄي.

---

* آيا جي نه آڻ ۾، سي منٺ ٿين نه مٽ
٢ اوطاق جنهن اريج ۾، تنهن جي وهه، جو ورن ڪرو
منهن ملائڪ جهڙو، ڏڪر ڪين ڏريو
واعدي جو نه وريو، اوڏو وڃ مَ ان ڪي
§ جي ٿيو ٻير مٿان، ته آن جي ڪنڌي مان ڪم ٿئي
π سٽي آن سپ تي، جيڪو رکي پير
+ سٽي ڪاري سپ تي، جيڪو رکي ٻانهن
جانسين نه ڪاري ڏانهن، تان ڪارايل ڪُر لڄي

سُر مارئي

(١)

عمر ماڙي مُون، ڪين نيتهندءَ سومرا،
نيئي ڏريندءِ ڏوڙ ۾، ڏيهان ڪري ڏور،
ڪل نفس ذائقة الموت، ڪِر اڏائين پروڙ،
جا اندر جي اروڙ، تنهن بنديائيءَ بيدا ڏي. *

(٢)

اوٺي ڏي اچن، ڳوٺي اچي ڪونه ڪو،
آهه هڏ جهليس سومري، مارو ٻوهيا ڪن،
پکا پنهوارن، ڪيوَندي ڪنهن ڪيوڻ ويا.

(٣)

اڄ پڻ اوٺي آيو، پارڪران پري،
ساريو سانبيڙن کي، ڳوڙها ڳل ڳڙي،
اڄ ڪِر ڪالهه مري، جنهن جو وڇن ويڙهيچن سين.

(٤)

اڄ اوٺي آئيو، پارڪران پاندي،
سندي خبر خير جي، تنهن آتاهين آندي،
هيڪر هوڪاندي، ميان ڪيچ ملير ۾.

---

* جا آنديئي ازور، تنهن بنديائيءَ بدا ڏي

(٥)

اڄ پڻ اوٺي آيو، ماڙيران ماڻهو، *
پاڻُر سڀ پڇي پيو، ڏيهه ڏاڏاڻو،
عمر آماڻو، ثابت ڏيج سومرا.

(٦)

اڄ پڻ اوٺي آيو، ٽاريلو ٽران،
عمر آنديس آڻ تي، گهراڻي گهران،
پنوهارن پَران، حرف نه آهي هيڪڙو.

(٧)

عمر اوٺي آيو، ڏيهي سانيهي،
مارن مَتّهن آڏيا، نئين سر نيٺي،
پکن منجهه پيهي، ڏسان ملڪ ملير جو.

(٨)

آءٌ بنديائي بند ۾، ڪر ڪي بند ٻيا،
مون کي مليران نڪتي، ٽِتي پهر ٿيا، ٢
جيڪس مون ڪيا، اوڳڻ اباڻن سين.

(٩)

اوڳڻ اباڻن سين، جيڪس مون ڪيا،
سڳ چڻي سيج ڪري، ويڙهيچا ويا،
تهان پوءِ ٿيا، سُڪنئون سور گهڻا.

---

* عمر اوٺي آيو، مليران ماڻهو
پاڻُر سڀ پڇي پيو، ڏيهه، سڀ ڏاڏاڻو
عمر آماڻو، ثابت رکج سومرا.

٢ مون کي مليران نڪتي، ٽِتي ڏينهن ٿيا
هڪ مارو ٿر ٿيا، پيو عمر منڊيو مامرو

(١٠)

مُندون مُند تَمام، ڏني ڏونڙن کي،
ڀِڙا ٻاندي ٻند ۾، ڪڏهين ڪين ڇڏام،
هتين هِن وڏام، هينئڙي پرتم هُن جا.

(١١)

هتين پيم زنجير، هينئڙي پرتم هُن جا،
مارو منجهه ملير، آهُ اڪنڊي ڪوٽ ۾.

(١٢)

مٿيندي موهر جا، جڏن جڏن وڻ وِيا،
ونهين وِڙهيچن جا، تڏن تڏن پور پيا،
ڪنديس ڪين ڀيا، جي اکين کان آجي ٿيان.

(١٣)

سڪان، سارِيان، سڏ ڪريان، ماڙيچن مٿي،
پيئون مينهن پچايون، پٽي چنن رات چٽي،
نئين سچ نيڻ نهاريان، ڪاهُنڙ ڏانهن ڪٽي،
تن ڦوڪن هيٺ ڦٽي، واسي ڏيان وارن کي.

(١٤)

ماندي ٿيءُ م مارئي، ورق ورندا پُسُ،
جڻو زنجيرن ۾، جال نه آهي جُسُ، *
مارو آئي مُسُ، ڪنڌءِ آجي ڪوٽ کان.

(١٥)

ماندي ٿيءُ مَ مارئي، وطن ڪيم وسار،
پانهين وَرَ پنوهار، مَ سَهُءُ آرَ عمر جا.

---

* جڻو زنجيرن ۾ جالق آهي جس
مارو آئي مُسُ، ڪنڌءِ آجي آڳ سين

(١٦)

ماڙيءَ چڙهيو مارئي، پَنڪي پنيءَ رات *
ساريو وڻ سانيهه جا، آئي آڌيءَ رات،
وهائي پرڀات، الله اوڏي آئين.

(١٧)

سيلُ م پڇ ستين جو، عمر ڪنهن ضرورَ،
ڏينهن ڏهلا مون ٿيا، پهس پرين جا پور،
مون ڪي مور نه وسري، مارن ماهيت مور،
ڏيهي جي مون ڏور، هو پڪا پرنئي سومرا.

(١٨)

واجهائي وطن کي، آهه جي هت مران،
سيري منهنجي سومرا، پهچائج ترا ن،
آءٌ ميائي جيان، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

(١٩)

واجهائي وطن کي، آءٌ جي مران ايئن،
پاسا پولڙين ۾، مٿان وڻن ميهن،
ته ڪرُ منهنجي نيهن، تازيون لائون لڏيون.

(٢٠)

ٻانهن ٻنهي ٻيڙيون، مٿي ڪانن ڪندَ،
ميان آءٌ ملير جو، ويٺي پچان پندَ، ٢
هوند نه ساريم بند، جي ڪر لڏائون ڪڏهين.

---

* ماڙيءَ مٿي مارئي، پڪي پنيءَ رات
ٿهاري نيڻ ڪئيو، آئي آڌيءَ رات

٢ مامن سين ملير جو، ويٺي پچان پندَ

(٢١)

ڪتي ڀلي ڪيئن جي، ڪوهه جلم جا جورا،
ساڪيان سڻا پانڌيان، ڏيهه سندا ڏورا،
گهوريان پٽ پٽيهر پاندڙيون، ڪپڙ تو ڪورا،
ٿر وڃي ٿورا، سڀ مڃيندس سومرا.

(٢٢)

ڇڙن ڇنڪڻ ڇيت ۾، هڙن منجهه هنيان،
ونهين ونڙيچن ڏي، موڪل ڏي ميان، *
تہ پاڻي پاڪي پٽڙي، پرڏيهن سان پيان،
وڃي ڏيهه ڏيان، ڪيرون ڪٽيرن کي.

(٢٣)

ڇڙن ڇنڪڻ ڇيت ۾، سڄڻ سڏائين،
آلا مَ سڻان آنِ جي، نير نِلائين، ٢
مون کي ملائين، مارو ڇام ملير جو.

(٢٤)

مارئيءَ منڪا مارئين، ڏوراپا ۽ ڏک،
آن جي سانگ سڪ، منهنجي بابِ بندُ ٿيو.

(٢٥)

مارئيءَ منڪا مارئين، ڏکيا ڏوراپا،
منهنجي موٽي ڪانہ ڪئي، پنوهارن پچا،
ماريس انهيءَ مامري، منهنجي ڪانڪا،
ساريو سانيڙا، وٺي گوڙها گاڙهان.

(٢٦)

مارئيءَ منڪا مارئين، ڏوراپا ڏيٺي،
ڪٿي آيا ڪوهه تان، وٺان آن ويٺي،
آئين ڳذ سيٺي، آءٌ هت بنديائي بند ۾.

---

* ڪيڏ بنديائي بند مان، موڪل ڏي ميان
٢ عمر مَ سڻان آن جي، نير نلائين

(٢٧)
ڪيم عرض الله کي، پرهه پانڌ ڪٽي،
تہ مارو جي ملير جا، مون کي ميڙ ڏٽي،
اندر آس گهٽي، ڏن ونهين ويڙهيچن جي.

(٢٨)
ڀينيءَ ڏسا ڀٽن، اوڙڪ اباڻن جا،
ڏَساريون ڏڙن تي، پاهو ڪنڌ گڙن،
سودريون سهڙن، ڪينءَ سي ڪتيرن جون.

(٢٩)
عمر آيو اوچتو، ڪرڻ نہ ڏنائين ڪڙڪ،
ويندي ڏٺم ويڙهه جا، مارو مُنهن ملوڪ،
هيءَ هيءَ پيئي هوڪ، وٺي ويو وطن مان.

(٣٠)
عمر آيو اوچتو، جڏهن ڏٺو جوهہ، *
ويڙهس ورت هٿن مان، روح ۾ آيي روهہ،
سومرا سندوهہ، ڪو عڪس عاجزن سين! ٢

(٣١)
عمر آنديئي ماروئي، متان تڙ تڙي،
جهڙو زنجيرن ۾، راتو ڏينهن رڙي،
عمر اکڙين کي، پاڻ پند پڙي،
قيدن ۾ ڪڙي، سگ نہ ونجن سومرا.

(٣٢)
عمر آنديئي ماروئي، متان تڙ تڙي،
ويندس وطن سامهين، ملير منهن ڪري،
هنيون منهنجو هُن لاهہ، ڪُوڙها ڪهو ڪري،
بي زوري بند ڪري، سيلُ ۾ پيجي سومرا.

---

* عمر آيو اوچتو، جيڪس ڏٺو جوهہ
٢ سومرا سندوهہ، ڪو عڪس آجڙين

(٣٣)

عمر آنديئي مارئـي، متان کوهه کٺي،
چلهيون آن نه چاڙهيون، جني ايءَ چٽي،
ڏکينده ڏٺي، پوءِ شرع پڇنديئن سومرا.

(٣٤)

عمر آنديئي مارئـي، متان کوهه کٺي،
هاڃي منجهه هٿي، بي زوري بند ڪيئي.

(٣٥)

عمر ارڏايون ڪرئين، چڙهيو متي ڪٽ،
اينديئي عزازيل جـي، وٺيءَ منجهان وٺ،
بازاريون ۽ هٽ، ساڻ نه هلنديءَ سومرا.

(٣٦)

سهڻو لڏم سومرا، چانڪ ڪتان ويٺي ڪالهه،
حيف منهنجي حالهه، جيئن وڃڙيس ويڙهيچن ڪان.

(٣٧)

خواب لهان تـي سومرا، اباڻن لئه اڄ،
مٿي مڪ ملير جي، چاڙهيو پريان چڄ،
ميندا ملير چائيين، ڏوتم ڪارڻ ڏڄ، •
ڏورن ۽ پسيءَ جو، ساٿم ڪن سهڄ،
عمر پانيم اڄ، ته مليس مـارن ڪي.

(٣٨)

مـارو ملير ڪنڌئين، الله واري آڻ،
آت آڪنڊي آهيان، سرتين جـي سانجاڻ،
مان ڏي ڪوه موڪليو، ڪو اباڻن اهڃاڻ،
وڃي وينا ويڙهه ۾، ڪري ويڙهيچا وٿاڻ،
هيڪر ڏسان هـاڻ، پکا پنوهارن جـا.

• ميندا ملير چلئيين، ڏوتم وانگر ڏڄ

(٣٩)

مينهن ڪڇاڙو ڪن، مون هان پوءِ ملير ۾، *
مارُهس ان مامري، جاد نہ ڪيس جيڏَن،
ڪر نہ لڌي ڪڏهين، منهنجي ماڙيچن،
وڃون پوءِ وسن، آءٌ اباڻن اڳ وڃان.

(٤٠)

واري وڃڙين، عمر اڄ آداس ڪيو،
وٺا مينهن، وس ٿي، سائيهہ ۾ سُڄن،
ڪينوري ڪيوڻين، پڌا موڙ ملير ڪي.

(٤١)

وڃڙين واري، پڌا موڙ ملير ڪي،
ڦوڙائو فقير ڪي، مارن جو ماري،
ڏاٿر ڏيکاري، ستهُن ماروءَ چام جو.

(٤٢)

ستهُن ماروءَ چامَ جو، وڃي ڏيهہ ڏسان،
ڏوٿيڙا ڏور ٿيا، ڪنهن سان آءٌ ڪڇان،
ساريو سانبيڙن ڪي، لوهن منجهہ لڇان،
ويٺي پڇي پڇان، اوٺي اباڻن جا.

(٤٣)

اوٺي ابالي پار جا، الله ڪي آڻ!
ڦالي ڦارون ٿيو، هينئڙو منهنجو هاڻ،
ساهہ منهنجو سومرا، جڙيو جيڏن ساڻ،
نيئي راڄ رساڻ، متان ماڙين ۾ مري وڃان.

---

* مر ٿا مينهن وسن، مون هان پوءِ ملير ۾

(٤٤)

متان ماڙين ۾ مري وڃان، عمر لاهه اڙڪل،
ڪانهه پڌيسون ڪڏهين، متي جهانگين جهل،
سيل پڇڻ جي سومرا، حاڪم لاهه هڪل،
مون کي ڏي موڪل، ساٿيهه جي سيد چئي.

(٤٥)

جا پر ڪن پنوهار، وڻڇيچا وڻ سين،
ڪپي کهاڙن سين، ڏور ڪترن ڏار، *
سي نه مورن مينهن تي، نه ڪنهن رڻج لغار،
تن سڪن کهڙي سار، ته اُنا مينهن ملير تي.

(٤٦)

وٽا، ڪي وسندا، مينهن نه مارن تي،
ڪين جهليندم ڪوٽيون، جيئري هونديس جي،
ملي مارن کي، سڪ لاهينديس سومرا.

(٤٧)

پانڌي پرينءَ پنوهار کي، چئج چڱيءَ چال،
آن جي عمر سومري، ضبط ڪئي زال،
سا ثابت آهي سيل سان، چڱيءَ چائت چال،
وٽي وڃجا نال، نه ته ماڙين ۾ مريو وڃي.

(٤٨)

ويٺي هيت واڃهايان، ساريو سانگين سڪ،
مهر سندا ڏسي موڙيين، لاهيندي لڪ،
آن آپر آجڪو، قيمت پانهو ڪک،
سندا پيرين ٻڪ، ماروءَ ڏيکاري مران.

---

* ڪپي کهاڙن سين ڏاريو رکن ڏار

(٤٩)

عمر اوٺي آيو، ڪاڪوٺيا ڪال،
آنا مينهن ملير تي، جر ٿر پريا جال،
حيف منهنجي حال، مند ساريو نه مران.

(٥٠)

عمر اوٺي آيو، مليران ماڻهو،
وٺا مينهن ملير تي، سائون ساماڻو،
لوئيءَ جو لطيف چئي، پلئه پاراڻو،
عمر اباڻو، ڪٿو پي خوش ٿيان.

(٥١)

عمر اوٺي آيو، ماڻهو مليران، *
جنهن ڪر پڇان خبرون، آٿي آڪهران،
ڄٺو زنجيران، فارغ ٿيو فقير جو.

(٥٢)

پکي A پرياڻ، مارن ميڙي جو ڪيو،
ڪالهه پنوهارن لڏيو، وريو ڪونه وٽان،
عمر انهين ساڻ، منهنجو وڃي روح رهون ڪيو.

(٥٣)

ٿر ٿاڏيليون ٿيون، پهريو چران پن، ٢
هينئڙي رات آڪيريو، ماروءَ ڪارڻ من،
زيريون لاهه ضعيف تان، الله ساڻ امن، ٤
سرتين ساڻ سمن، آئڻي ولهارن A.

---

* اوهير اوٺي آيو، ماڙهو مليران
٢ ٿر وٺا ٿاڏيل ٿي، پهريو چران پن
٤ زيريون لاهه ضعيف تان، عمر ساڻ امن

(٥٤)

ڙرن ڦيلهي نہ مران، مارو نہ، ڦيلهين،
پٽ پرٺي پنوهار جا، مر تا ڏونگها ڏين، *
امر جي نہ مڃين، سي ڏوٿي ڏولائي پيا.

(٥٥)

ڪنهن لب لڏياڏون، سندن ڪو سانگ پيو،
وڃي ويـنـا وبـرهـہ ۾، اڏي آجهائون،
ڪو ڏورائي ڏيهہ جو، سانوڻ سارياڻون،
ماروئـڙن آئون، جيڪس ويس وسري.

(٥٦)

عمر اسان جي ڏيهہ ۾، کہڙيون ڪاريون، ٢
سي ڪيئن وڃن وسري، پائر پنوهاريون،
آنهين لاءِ آريون، هنيون ٿو هيت ڪري.

(٥٧)

عمر اسان جي ڏيهہ ۾، ڪاريون کہڙيون،
مون جيڏيون ملير ۾، ميڙين مکئيون،
عمر اکڙيون، سکن ٿوون سائيهہ کي.

(٥٨)

عمر اسان جي ڏيهہ ۾، ڳولاڙا ڳولون،
مون جيڏيون ملير ۾، جهليو کن جهولون،
اتـان آئي سومرا، عمر ڪير اولون، ٤
راڳا رتولون، پيون پائر وٽ ۾.

---

* پٽ پرٺي پنوهار جا، مر تا ڏونگها ڏين

٢ عمر اسان جي ڏيهہ ڏي، کہڙيون ڪاريون

٤ آنان آئي سومرا، عمر ڪيئي اولون
ور رنگ راتولون، پيون پائر وٽ ۾

(٥٩)

چيلا ٤ چارا، مارن جا ملير ℓ،
اٺيو پرين اسور جو، ويڙهيچون وارا، ٭
چڏي کوه، کارا، مٽي مٽي موٽيا.

(٦٠)

مارو رهن منهي، ڪڙي رهن ن، ڪڏهين،
عمر ابائڻ ڪي، تيم ڏينهن ڏني،
آنهين ساڻ آئي، گڏ ت، گوندر نہ پٽان. γ

(٦١)

آمان پانيان آڪَ، کيڙ کٿوريان وِترا،
ڪتا پيتا پتنگين، ماکيان مينِي تَڪَ، ȣ
ڪوڪڙ ڪوڏيرن جا، ڦوڪيو پريان ڦنڪَ،
ور ملان سين حق، کوء واڏايون وڙن جون. π

(٦٢)

چسا چانور چورمان، ڪي موڪليان آن، +
جيڪي آڇي سومرو، مور نہ باسي مَن،
پوئين رات پنوهارن جي، جي پيڙ پئي مون ڪن، β
تاجو پانيان تَنُ، سانبيڙان ساڏوهيون.

٭ اٺيو پرين اسور جو وَرتَنِ سين وارا
γ آنهين ساڻ آئي، گڏ گذاريم ڏينهڙا
ȣ ڪٽيان ڀليان پيٽ ڪي، ماکوان مينِي مَڪَ
π ور هلاڪي سين حق، کوء وڏايون وڙن سين
+ چسا چانور چورمان، قيمون قلمو آن
β پوئين رات پڙ پئي، جي مون مانيء ڪَنِ،
تاجو پانيان تَن، ڏؤ پيرا سانيھ، ℓ

(٦٣)

كيما كاڏم كيت سين، ماني ماڳ ميسي، *
پائم تنهنجا بنگلا ڏکيم ڏيل ڏسي،
ڦاڙي هنيون ڦارون ٿيو، ڦوڙائي کان ڦسي،
جي هونديم سان سيسي، ته وينديم نه ويڙهه وري.

(٦٤)

دل دالين ۾ سومرا، منهنجي راز نه رضامند،
آڻي امر واڙئين، ڪيئي بنديائي بند، ٢
روح رهيو هٿن هند، سو وطن وساريان ڪينڪي.

(٦٥)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، اي غريبن گذران،
آن اوڍڻ آن جو، کن سائين جو سامان،
آگا ڪر احسان، ته ويناهون ويڙهه ۾.

(٦٦)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، اي گذر غريبن،
اول ۽ آخر جو قوت ڏهاڙي ڪن،
الله ڪر امن، ته ويناهون ويڙهه ۾.

(٦٧)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، مارو ڪاهين مالَ،
آئيو روز رسول کي، سانگي کن سوالَ،
هيڙا جني حالَ، تن سان سڳ ڪرين تو سومرا.

(٦٨)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، اي مارو ڙن مرڪ،
کوکڙ جو کنڊن ۾، ڏهائي ڏرڪ،
جي ڪرين غير عرق، ته ويناهون ويڙهه ۾. ٤

---

* كيما كاڏم كيت سين، ماني ماڙ ميسي
٢ آڻي اوجهڙوال کي، ڪيئي بنديائي بند
٤ والي وار ورق، ته ويناهون ويڙهه ۾

(٦٩)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، اي مارن جو ميڻ،
ڏوٿي پهرن ڏٿ کي، نسوري نهان،
آءٌ هت بنديائي بند ۾، هت ويڙهيچن وهانءُ،
ڪنهن کي ڏوهه ڏيان، قضا آنديس ڪوٽ ۾.

(٧٠)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، آهن ڏڻ ڏٺي،
مون کي ماروئڙن جي، آهي گهرج گهڻي،
وهان اڏي ولن گڏي، پڙ ۾ پٽ هٺي،
مون کي واهه وڻي، مجلس ماروئڙن جي.

(٧١)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، ايءُ پنوهارن جي پڙ،
سونهن سنگهارن جا، تالا تروتڙ،
ڪر الاهي امر، ته وڃائون ويڙهه ۾.

(٧٢)

آءٌ ڪوهه ڪريان ڪوٽ کي، منهنجا پرين پنوهار،
مور نه آچيان من کي، هندورا ۽ هار،
پٽي ساڻ پٽار، پاڏر پيرون چونديان.

(٧٣)

پٽڙ پرالا وسيا، اچي چياڻون،
ڏونڏرا پسي ڏيهه ۾، ساماڻو ساڻون،
هيت هيڪلي اڏون، هٿ سگهر ساهوڙين جا.

(٧٤)

ڏهڙ ڪتين، ڏيريون ولين، ڏاس جني ڏاجو،
پهن پيس پنوهاريون، تلين ۾ تاجو،
الله ڪر آجو، وطن ويڙهيچن جو. *

---

* الله ڪر آجو، ملڪ ماروءَ چام جو

(٧٥)

ڏٻر ڪتين، ڍيريون وتين، اوڇڻ جني اَنَ،
ڪتيريون ڪتين ۾، نالئو وجهن تَن،
سرتين ساڻ سمن، آهن آئي مينهڙين.

(٧٦)

ويڙهيون جن هٿن ۾، ڍيريون سي ڍيرين، *
ڪوڪڙ پنهنجي قوت لاءِ، ويڙهين مان ميڙين،
هي پيل نه ڪا پيلين، تن جي سام پرتيئي سومرا.

(٧٧)

اڏ لوئي انگ تي، اڏ ۾ آل عيالُ،
ههڙو جني حال، تن جي سام پرتيئي سومرا!

(٧٨)

اڏ لوئي انگ تي، اڏ گوڏن تي گَسي،
سگ نه ونجن سومرا، ڪوهن تا ڪَسي،
سا مترُ راڄ رَسي، هيءَ سام پرتيئي سومرا.

(٧٩)

اڏ لوئي انگ تي، اڏ ۾ ٻچا ٻار،
مت رڇيءَ جي رنگ ۾، ٻرچن ڦال پنوهار،
ورهي جن جو واريءَ ۾، ويڙهين ۾ واپار،
چوندو آئيو چاڙهين، سندا ڏؤنرن ڏار،
لاڪيتا لطيف چئي، سهن ڪين سنگهار،
ٻاهي پاڪي پٽڙي، ٻين ٻيچ پنوهار،
اهڙا جن آچار، تن جي سام پرتيئي سومرا.

---

* ويڙهيون جن ٻانهن ۾، ڍيريون تا ڍيرين
ڪوڪڙ پنهنجي قوت لاءِ، وٿن ۾ ووڙين

(٨٠)

لاکيون مٿن لوئيون، هيٺ ٻاڪ ٻڙيون،
سگر جون سيد چئي، آئين ڳوٺ ڳڙيون،
جن سان جيءُ جڙيون، ملان تن ماروئڙن کي.

(٨١)

لاکيون مٿن لوئيون، هيٺ ٻاڪ ٻڙا،
کلن خوش کٿيريون، وڏي مُنهن-وڙا،
سگر جا سيد چئي آئين ڳوٺ ڳڙا،
جن سان جيءُ جڙا، ملان تن ماروئڙن کي.

(٨٢)

لاکيون مٿن لوئيون، هيٺ، پرهڻ ٻاڪ،
سٿيءُ جي سيد چئي، سچي رکج ساک،
تر جني جا ٿاڪ، ملان تن ماروئڙن کي.

(٨٣)

لاکيون مٿن لوئيون، اچي اوڍين آنءُ،
ويڙهه وچڻ جي سومرا، سرتيون کن سمنءُ،
آڳا ساڻ امن، مون کي مارن ميڙئين!

(٨٤)

ٿر ٿاڏيليون ٿيون، ماکون مينهن ملير تي،
ماريچون محلن ۾، ميٺ نه مٿو ڌون،
جيڏين ٻنان جُون، عمر کاڏي آهيان.

(٨٥)

ماڙهين مينهن نه ٿيون، ساوا گاهه نه سومرا،
ساهيڙيون ۽ سرتيون، مٿر هيڪانديون هون،
جيڏين ٻنان جُون، عمر کاڏي آهيان.

(٨٦)

هن ٻرندڙيءَ ٻون، ڳس م لڳي ڳس جي،
اچي عمرڪوٽ ۾، تيا مينڌا ميرا مون،
جادن پيون جُون، آءُ ڪيئن مرڪان ماڙهين.

(٨٧)

صورت ليکي هيٺ، مان ليکي ماروئين،
عمر اسان چيٺ، اوطاقون آريج ۾.

(٨٨)

عمر تيو آريج، منهنجو من سومرا،
ساري سانيڙن کي، رڳن ڇڏيو ريج،
کهڙو ڪَٽيمي ڪيچ، مون کي بنديائي ڪري.

(٨٩)

عمر آت اسائيين، جت ويڙهيچا وسيل،
ملائيين ملير کي، ستي پنهنجي سيل،
سڪندي کي سڄڻين، نيڻ لماڀم نيل،
جن کي آڳ نه لڳي ايلَ، سي مچڻ راجَ رُلائيين.

(٩٠)

عمر آت اسائيين، سانبي جت سنگهار،
مارئيءَ پوه ملير ۾، وَٺيي سيڪنهن سارَ،
وانڍيون نه چرن وَسُونهڻ ۾، جهنگيڙن نا
جهونگار،
جا ڏُرپائين ڏرار، تنهن جا مچڻ راج رلائيين.

(٩١)

عمر اڄ عرفات تي، واءُ، وڄون ۽ وَسَ،
مينهن مانداڻا ڪيا، گاهن لٽيا گَسَ، *
مُوتو قبل انت موٽو، مون تو سورَ سرسَ،
جيڏين ماٺيا جَسَ، پيان طهورا تن سان.

---

* آنا مينهَن ملير تي، گاهن لٽيا گس
مُوٽو قبل انت مُوٽو، سي مون سور سرسَ

(٩٢)

عمر اڄ عرفات تي، واءُ-وڇون ورهيون،
سڪن ٿمون سيد چئي، اوڏانهن اکڙيون،
جمجم جيڏڙيون، پيان طهورا تن سين. *

(٩٣)

عمر اڄ عرفات تي، وڄن ڪي وراڻ،
کهو آکنديي آهيان، پنوهارن ڪي پاڻ،
السم تر الهيا، ڀروڙڄ ڀرياڻ،
جمجم جيڏين ساڻ، پيان طهورا تن سان.

(٩٤)

هي پُنگا هي پيهٽيون، چانگون نه چيلن،
نوٽيون پسيو بت نجهري، ترسي تَنُ تڙن،
جڏو جيئڻ جيڏيون، منهنجو ري مارن،
ڏيئي منجهه ڏکن، آئي وڏا آکري.

(٩٥)

هي پُنگا هي پيهٽيون، ڪر نه ٻوليون ڪن،
بهشڪ پٽون لنگهيون، ٻرتي پنوهارن،
تن ڪيا تمر چئي، ڏاڍا منجهه ڏرن، ٢
ڏيئي وچوڙو ورهن، آئي وڏا آکري.

(٩٦)

هي پُنگا، هي پيهٽيون، چانگون نه چيلا،
بختين ٿمن پٽن تي، مارن سين ميلا،
جي سهڙن سويلا، سي آئي وڏا آکري.

---

* جمجم = زمزم

٢ ڏُنُ

(٩٧)

هي پَنگا، هي پيٽيون، هي ڪنيائون ڪُوهه،
تن ونهين ويڙهيچن جا، سڻيا تان نه صُبوح،
سي هنڌ پسي سومرا، رنو منهنجي رُوح،
مارو مٿي مُوهه، آئي ويڙا آڪري.

(٩٨)

هي پَنگا، هي پيٽيون، هي تر، توهر، تاڻا،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ميڙيا ماندڻا،
سي هنڌ پسي سومرا، پڇي رهيس پاڻا،
ڏوٿي ڏاڏاڻا، آئي ويڙا آڪري.

(٩٩)

هي پَنگا، هي پيٽيون، هي گاموين جا گس،
ڪي ڏينهن هيت جيڏئين، ڪيا رهائيون رس،
سي هنڌ پسي سومرا، لڙڪ وهايان لسَ،
ڏوٿي پڇي ڏَسَ، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٠)

هي پَنگا، هي پيٽيون، هي گس گاموين،
ڪي ڏينهن هت جيڏيون ڦليون ڦل چرن،
سي هنڌ پسي سومرا، اکيون رت رُئن،
ڏيهي وڇوڙو ورهن، آئي ويڙا آڪري.

(١٠١)

هي پَنگا، هي پيٽيون، هي پنوهارن جا پار،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، واسيو ويڙهيا وار،
سي هنڌ پسي سومرا، رنم رت اپار،
سانبيڙا سنگهار، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٢)

هي ٻُنگا، هي ٻيٺيون، هي ٻنوهارن جا ٻُور،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪِي وڻن ۾ وهلور،
سي هنڌ ٻسي سومرا، ساهان تيم سور،
مارو ڪنهن ضرور، آڻهي ويڙا آڪري.

(١٠٣)

هي ٻنگا هي ٻيٺيون، هي چلها هي چٽ،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، سنها ڪتيا سٽ،
سي هنڌ ٻسي سومرا، لڙڪ وهايان لٽ،
مارو منهنجا مٽ، اڻي ويڙا آڪري.

(١٠٤)

هي ٻنگا، هي ٻيٺيون، هي ٻڪا، هي ٻٽ،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، موڪ ولوڙيا مٽ،
سي هنڌ ٻسي سومرا، گهاوَ لڳا مون گهٽ،
مارو منهنجا مٽ، اڻي ويڙا آڪري.

(١٠٥)

هي ٻنگا، هي ٻيٺيون، هي چلها هي چوغان،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪيا سائڻن جا سامان،
سي هنڌ ٻسي سومرا، ڪڙهه ۾ لڳم ڪان،
مارو هئا مزمان، آڻي ويڙا آڪري.

(١٠٦)

هي ٻنگا، هي ٻيٺيون، هي ٻڪا هي ٻٽ پاڪ،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ملير چوندِي ماڪ،
سي هنڌ ٻسي سومرا، فنا ڪيا فراق،
ماروئڙا مشتاق، آڻي ويڙا آڪري.

(١٠٧)

هي پُنگا، هي پيٺيون، هي مارن جا مڪان،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪيا گهيٽن سين گذران،
ڇيڪ چرندا هئا ڇيلڙا، ڪندا طرح طرح تان،
سي هند پسي سومرا، مون هنيون ٿيو حيران،
ماروئڙا مزمان، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٨)

هي پُنگا، هي پيٺيون، هو ابانا آنڱ جهڱل،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪي ڇيلن سين ڇلّ،
سي هند پسي سومرا، اچي آب اڇل،
ماروئڙا امل، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٩)

هي پُنگا، هي پيٺيون، هي خانن جا کيل،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪيا رس رهائيون ريل،
سي هند پسي سومرا، مون اچن هزارين حيل،
ڏيو ٻاري ڏڀل، آئي ويڙا آڪري.

(١١٠)

نڱان جن تنوار، سي ڪاهي "عنڪبوت" ويا،
رسيا در "دخان" جي، ڏلي ڪياڻون ڏار،
جهوريءَ ۾ "جوءِ" جي، تا رُون رت اپار،
ويچارا پنوهار، لڏي لوءِ ڇڏي ويا.

(١١١)

گهيڙ گهڙندي گهيڙ، ٻوڙيون ٻوڙين تي چڙهيون،
تي سيائي "مسئي"، ڪير جبل سين جهيڙ؛
منٿهين تنهنجي مارئي، مرڪي ابندي ميڙ،
ونءُ واندي ڪر ويڙهه، صلح ڪر سين سومري.

(١١٢)

ٻنيو جهاڳو مارئي، واريو واريو وار،
پنيءَ رات پوڻ جون، سرليون سپيثي سار،
جان جان ڪري جانڪيتان، ٻرُ وهي ٿي ٻار،
ڦرهي تي پانهنجي، درست ڏين ٻيهار،
ڏيهه ڳڻن، ڏيهه منجهون، چوڏهن چوڏار،
ڇهه ويهون تنهن مال جون، ساڍ تن جي سار،
ٻڪر ٻاٻاڻن جا ڀورا پنج پيار،
نه ڪوهر ڪارو نه ٿئي، ڪامل انهيءَ ڪار،
صبح ويل سهڊ ڇٽي، ٻولي ڀڙهه ڀچار،
آت ٿيندا ڦول قرار، جت جال مڙنديون جيڏيون.

(١١٣)

اوتيم پيتم جن سين، سانبي ساريم سي،
سنيهڙو سانڊيهه جو، ڪو اچي ڏاڏاڻان ڏي،
اتان ڪو اچي، جو بلو ڪري هن بند جو.

(١١٤)

اوتيم پيتم جن سين، سي ڪالهه، ويا ڪاهي،
من ۾ ماروئڙن جي، ساڙيس سانباهي،
لاڪاپا لاهي، موٽي مارو هليا.

(١١٥)

سي ٿي ساريان سومرا، مارو منهنجا مٽ،
پسان پنوهارن جا، سندا چونئرن چٽ،
ڪريان ولهارن وٽ، وڃي ويڙهيچن سين.

(١١٦)

سي ٿي ساريان سومرا، جن جا ترن ۾ تاڻا،
چاريان شال چڱو ڪري، ٻڪر ٻاٻاڻا، *
جن جا واريءَ وچاڻا، سي ٿي ساريان سومرا.

---

* چاريان شال چڱون ڪري، ٻڪر ٻاٻاڻا

(١١٧)

ماروئي نه چائي، ته کهڙو ٿورو ٿر کي،
نکو حق همير جو، نه عمر وٽ آئي،
لڏي لوه چڙي ويا، نکي ويڙهيچن وائي،
هيتي جن هُتي جن کان، حقيقت هلائي،
لا اِلٰه الاالله محمد الرسول‌الله، کي ويڙهيچن وائي،
لطف ساڻ لطيف چئي، ٻنئي سيڻن سرهائي،
سومرا سائي، موکل ڏي ته ملير وڃان.

(١١٨)

ماروئي نه چائي، ته سارو نه پيا ماسري،
مٿي ساماٽيي، جنهن ٿيلهايا ٿر ڏٺي.

(١١٩)

ونهين ويڙهيچن کي، آکنڊي آئون،
ميڙيان شال ملير ۾، سرتين سين سائون، *
اياڪيي آئون، ويٺي جهجهان جهل ۾.

(١٢٠)

ويٺي جهجهان جهل ۾، ٿيو نئون نياڪڻ،
مون جيڏيون ملير ۾، سرتيون چونڊن ساڳ،
ويچاريءَ ويراڳ، ونهين ويڙهيچن جو.

(١٢١)

ونهين ويڙهيچن جو، سدا آهه سور،
جن جو سنجي سائيڪن تي، مٿي تلين نور، ٢
سائين سندو سور، سو ٿي آهه سومرا.

---

* مون جيڏيون ملير ۾، کڻن سرتيون سائون

٢ جن جو سنجڻ سائيڪن تي، مٿي تلين نور
سائيهه سندو سور، سو مون آهي سومرا

(١٢٢)

سو مون آهي سومرا، ورهه وڙهيچن،
ڪولاڙا ۴ ڪڪرڻون، ڀاڻر ۸ ڀچن،
اوطاقي اچن، جي مون ڪي نين ملير ڏي.

(١٢٣)

مون ڪي نين ملير ڏي، آءُ بنديائي بند،
وينئي لکيو لوڙيان، هالي هيني هند،
پنهان پاڻر پند، جي وري ورق وصال جو.

(١٢٤)

پر پروڪي سومرا، سڻ هيءُ حڪايت،
ڏوني ڏاڏائي ڏيهه جو، آنداڻون عجائت، *
ونو نور نبيءُ جو، ڪي نندي نهايت،
پره ويل پنوهاريون، ڪن نوري نزاڪت،
مارن ڏانهن رحلت، ڪڏهن ٿينديم ڪوٽ مان.

(١٢٥)

پر پروڪي سومرا، هو جي ڏنم هٿ، ٢
ساريو سنگهارن کي، وينئي رئان رت،
هينڙو هٿي هيريو، ٻاڏي رهيو ٻت،
ارواح رهيو آت، هت قيد قضا جو ڪاٽهان.

(١٢٦)

پر پروڪي سومرا، موڻي سڻ مقال،
رهيس آن جي راڄ ۸، چڱي جن جي چال،
ايذاءُ ڪن نه عام سين، هين هيٺو حال،
جيڏين جو جمال، ساريو رئان سومرا. ٨

---

* ڏت ڏاڏائي ڏيهه مان، آنياڻون عجائت
٢ پر پروڪي سومرا، هو جي هٿا هٿ
٨ جيڏين جو جمال، ساربان گهڻو سهد چوي

(١٢٧)

ڀر ڀروڪي سومرا، هـُـت سرتين جا سينگار،
اڇـايــل ابـر ڏي، نت نت ڪن نهار،
مرڪي تـن ملير تـي، ستايـو ستـار،
يدالله فوق ايـديھم، ايءُ پنوهـارن پچار،
رضا ساڻ رحمان جي، بادل ڪئي بهار،
آن جا عبداللطيف چئي، تيڙا ڦول قرار،
سي ماروئڙا مهندار، سارڀو رئان سومرا. *

(١٢٨)

ڀر ڀروڪي سومرا، ڪيوڙين ڪيل ڪيڙا،
تـرت تجلي پسي، مـارن ڪيا ميـڙا،
سائيھ ۽ سيد چئي، ونـو وڏيءَ وڀـرا،
سي سامهون پسي ڀيرا، عمر آئيو ٿي مران.

(١٢٩)

اباڻـن جـي آسري، ڏنجها ڏينهن ڏئـام،
ويڙهيچا وجـود مـان، وڀل نه وسريام،
هتي هول ٿيـام، سرتيون سنگهارن جـا.

(١٣٠)

سنگهارنُ جي سٽ، مون کي نئي موڙئين،
ويندي ويڙهيچن ڏي، ڪنديس ڪانه ڪٽ،
هـُـنجن هالا هٽ، وڃي ڏيکاريان ڏيھ کي.

(١٣١)

وڃي ڏيکاريان ڏيھ کي، هيئو پنهنجو حال،
ونـا مينهن ملير تـي، سرهـو ٿيو سال،
قـادر لائـو ڪالُ، عمر اباڻن تـان.

---

* مرا سنگهار، سارڀو رئان سيد چئي

(١٣٢)

ابالڻ جي آسري، آبني آهيان،
اميدون ارواح جون، موران نه لاهيان،
ويٺي واجهايان، وڃان شال وطن ڏي.

(١٣٣)

وڃان شال وطن ڏي، جت ساهيڙيون سرتيون،
سون جيڏيون ملير ۾ ڪن لوئيون لاڪ رتيون،
ڪاهڙ جون ڪتيون، مري شال ماڻيان.

(١٣٤)

مري شال ماڻيان، تن سرتين جا سينگار،
قضا آندس ڪوٽ ۾، عمر تنهن اپار،
پنوهارڪا پار، ڏاتر مون ڏيکارئين.

(١٣٥)

ڏاتر مون ڏيکارئين، ملڪ ماروءَ جو،
جت وسن مينهن وڏڦڙا، سدا ساوڻ هوءِ،
هيت آوسر هوءِ، هٿ ويڙهيچن وسون ٿيون.

(١٣٦)

هٿ ويڙهيچن وسون ٿيون، ڀلر پيو پچي،
وٺا مينهن ملير تي، ميوا پيا مچي،
جن جي ساک سچي، ملير سي ماڻيندئون.

(١٣٧)

ملير سي ماڻيندئون، جن اوسيڙو آهي،
تنهنجو هت چاهي، هي ملڪ مارو چام جو.

(١٣٨)

اڄولي اڄ، مارو هٿا هن ماڳ تي،
سڪان سارئان سومرا، تن سيڻن جا سهڄ،
ڳالهه هنڙم ڳڃ، تن ڳوڙين ڳالهائو نه سگهان.

(١٣٩)

ٿر وَٺي، ڳهر ساٿهان، ڏهاڙي ڏجن،
اوچا آهن اڏيا، جهوپا جهانگيئڙن،
مون کي منجهان تن، ڪڏ مَ ڪانياري ڪري.

(١٤٠)

تلول ڪندي سومرا، ويندي گذاري ڏينهن،
چئي لڳي چڱان جي، عمر نه ڪجي ايئن،
ملير وسندا مينهن، ڻيندءون ساڃهون ڳالهيون سومرا.

(١٤١)

شال ڪٿن ڪوهه، پلر پيين اوڏڙو،
ويڙهيچا وس چري، موٽي اچن موهه،
تن پکن جي پاروهه، منان مور نه وسري.

(١٤٢)

ماڙو مار مَ سومرا، ماري مير مڃاءِ،
مڙد آنِ جا مجلس ۾ ڪوٺي قيد ڪراءِ،
لنڊا تني تان لاهه، جي قيد نه ويٺيون ڪڍهين.

(١٤٣)

هي دس چڙياڻون، هُن دس ويڙهيچا ويا،
آڻي ڪان عبداللطيف چئي، لڏ نه لاتائون،
ڪنبندي ڪاٽيائون، جيڪي جيئڻ ڏينهڙا.

(١٤٤)

ورت ورها چڙهيو، ڪٺي ويا ڪنهن ڪُوڙِ،
ڏسائيجي ڏور ويا، هاٿي هت نه هُونِ،
ڪنهن کي ايئن چُونِ، ته عمر اسان سان ڪيو!

(۱۴۵)

تدبيران تقدير، آهي جابر جيڏيون،
جف القلم بما هو ڪائن، هاڻي سڄ همير، *
هٿا ويڙهيچا وير، پر قانع رهيا ڪوٽن سين.

(۱۴۶)

ٿورا ٿر چاڙين، سون سين جي ڪيا،
آءٌ تن ڳڻن، عمر ساري آهيان.

(۱۴۷)

پنوهارن ڏي پور، اڄ اڳوڻائي آڪرو،
ٻن جهري جڪ ٿئي، ٻڪر چرن ٻور،
آءٌ آنهيءَ جو ٿور، جي جهانگي هلن جهنگ ۾.

(۱۴۸)

ڳوليان ڳوليان نه لهان، تن پنوهارن ٻهي،
سا جڙ جيڏري نه لهي، جا هنيجن هنئي،
وڃي ماڳ ملير جو ڪيو سنگهارن سهي،
متي ٿر رهي، ويا گذاري ڏينهڙا.

(۱۴۹)

ڇن نه ڇڄي آهيان، ڪڇان ۾ ڪوٽن،
ابندي پيم آبتا، پيڪڙا پيو...
هٿوڙيون هٿن، چنگهون ٻانهون ڪاٽ ۾.

(۱۵۰)

ساري عمر سومرا، ڦر نه ڦنديا،
ويندهه ڪوٽ ڪلر تي، ڀون ٻڻ ڀيڙيندياءِ،
نيٺ لتيندهه ڏوڙ ۾، عمر نه ڇونداءِ،
تهان ڀوءِ ڀونداءِ، قدر ڪاڻيارن جو.

---

* يفعل الله ما يشاء، هاڻي سڄ همير
هٿا ويڙهيچا وير، ڪانهه ڀنين ڪوٽ سين

(١٥١)

آءٌ مارن جي آهيان، گولي گنهگار،
ٻيون ستيون سومرا، آءٌ آهيان عيبدار،
قبوليندين ڪينڪي، ڏوڙي هلين تڪرار،
ڏاڍي رب سرڪار، جا آهي سرڪارن سرڪار،
جف القلم بما هو ڪان، اي پڻ آگي جي اختيار،
قلم ڪياڙيءَ نه ٿئي، جو لکيو منجهه نراڙ،
ڪل نفس ذائقه الموت، ايءَ پنوهارن پچار،
ٻاڪارون ٻڪرار، ڪندي ويٺي ڪوٽ ڏي.

سُر ڪاپائتي

(۱)

جان ڀيريم ڀليءَ ڀٽ، تان ڪاپي مان ڪين ٿيو،
نه سنوت آيم سُٽ جي، پاڻان موڙهيم مٽ،
انـدر وهي آبٽ، سپيريان جـي ڳالهڙي.

(۲)

ليجهون ڪيم لڪاءِ، اندري عجيب جي،
ڏاجي ۾ ڏينداءِ، ڪِتيءَ مقابل ڪپڙا.

(۳)

ويـٺـي ڀيرم ڀيـر، ارٽ جـم آلائين،
سٽيءَ جو سيد چئي، ڪت سانگاهي سير،
ڦنگ ڏهاڙي ڦير، ته انگ اگهاڙي نه ٿئين.

(۴)

ڪتن سـي ڪنبن، سـدا نيهه واريـون،
ڀڄو ڀڙا ڀڙيون، لينجهون ليڪ نه ڪن،
ته پڻ ٿيون ڏڪن، متان تند تپاس ٿئي.

(۵)

نڪي آٽ ڪاتـار، نڪي ڪتي چاڙـان،
آجهي جنهن جي آهيان، سو سين جو سردار،
جيئيم سو يٽار، جو ڪوئي ڏيندم ڪپڙا.

سُر پرڀاتي

(١)

ڏاتار ڏهاڙي ڏي، اڄ ۽ ڀَلي ڪالهه،
صبح جو سيد چئي، ميڙيو ڏئي مال،
جنهين تند نه تال، تن ڌرا ٿي دانَ ڏئي.

(٢)

ڏرن جي ڏيئي، سي تون مڱ مَ مڱڻا، *
سدا سپڙ در تـي، ڪر وينتي ويهي،
ٻيهي نه ڏيئي، ڏيئي ليکو نـه ڪري.

(٣)

ڪاٽي آهي ٽُنبيرَ، جي هٿا هنهين پيٽين، ٢
ويـا وڏيءَ ويـر، ڪلهي رکي ڪينرا.

---

* ڏمرن جي ڏيئي، سي تون مڱ نه مڱڻا
سدا سپڙ سندي، ڪر وينتي ويهي
ٻيڄاءِ نه ڏيئي، وري ليکو نه ڪري

٢ ڪاڏي سي تنبير، جني ريجهايو راڄيو

سُر ڪاموڏ

(١)

هٿي مهڻن جهڙي مٿهي، نِپٽ نوازي،
جن ويهڻُ نه وچ ۾، تيسا سلامي سي،
چاڙ تماچيءَ کي، نيلانهن رهي روح ۾.

(٢)

آيو ڄام ڇُلِي، مَٿَهن ملاحن جي،
عطر ۽ عنبير جي اچي ڇول ڇُلِي،
ڪينجهر سڀ ڪُلي، آني ڪي انعامي ٿيو.

(٣)

سا ڄا ٻونڊيءَ ٻيل، رڃ سندي راڄ ۾،
واري ٿي وارن ڪي، ڏيو تيل قليل،
ناز ڪري ناڳيل، آئي سمي جي سلام تي.

(٤)

ڪالوڙا ڪري، اچي رهل آڪتي،
ٻُر ڪمائين پينديون، منجهان پَنَ ٻَري،
تماچيءَ جي تڪي، ڏَنَ سيڪا ڏي،
نوريءَ نماز ڪري، عالم انعامي ڪيو.

(٥)

تخت، ٻخت، ڏڙ، تماچي، ڄمن نوريءَ کي،
عالم سڀڪي ڄام کي، ڄام سڀڪي کي مهي،
سڀ سڄڻ سان سڏ هوڪڙو، سو جو ڪنهن ٻئي،
جي نه حب رکي، تي ريس نه ڪريو راڻيون.

(٦)

هٿين پيرين نُورَ سڀني، تنهن ۾ نُور سنداس،
مورڇل مٿاس، هٿئي ڄام هٿن سين.

ڀلنامون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٩	١١	ولاانس	والانس
٩	١٨	نادر	نادار
١٢	١۴	گريجوئيٽس سنڌ	گرئجوئيٽس آئسوسئيشن
٢٣	١۴	فقير تي	فقير کي
٢٦	فوٽ نوٽ	نرها	مترحا
٢٩	٢٣	الاهامي	الهامي
٣٢	١۷	اولياء .... قبا	اوليائي .... قبائي
٣۴	٢٢ ۽ ٢۷	تيڏائپ	تيڏائپ
٣٩	۷	وضوع	وضوء
۴٠	٨	ناخذا	ناخدا
٥٣	بيت ٨	ڇپين	ڇپاهين
۷٢	بيت ١۷	جڙن	ڇڙن
٨١	بيت ۴	عاصبن	عاصين
٨۴	بيت ٢	مينهن	نينهن
٨٩	بيت ٢٨	رهائي	رهائي
٩٥	بيت ٢	ونگرين	ڏونگرين
١٢٢	بيت ٨	الاالرسل	الاالرسول
١٢٩	بيت ٣٦	پرين حاضر	حاضر پرين
١۴٢	بيت ١	ماءِ	مٿا

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
١٤٣	بيت ١٠	پٽس	پٽسن
١٤٤	بيت ١٥	سبحان،	سبحان جا،
١٦٣	بيت ٢٣	هر	هيرَ
١٧٢	بيت ٧	ولقد	والقدر
١٩٠	بيت ٤٥	مينهن	ميهنهن
١٩٠	بيت ٤٧	چکيءَ	چڱيءَ
٢٠٣	بيت ١١٢	سرايون	سٽرليون
٢٠٤	بيت ١١٧	محمد الرسول الله	محمّد رسول الله (صلعم)

شاھ عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڦُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙھندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناھي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُھديدار يا پايو وِجھندڙ نہ آھي. جيڪڏھن ڪو بہ شخص اھـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُھو ڪُوڙو آھي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏھن ڪـو اھڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُھو بہِ ڪُوڙو آھي.

جھڙيءَ طرح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اُھڙيءَ طرح پَڙھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آھـن ۽ ھوندا. اُھي ساڀِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪـن آھي تـہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ ھِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ ھيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي -non commercial رھنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏھن ڪـو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن ڪي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن ڪي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ ڪي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ ڪي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٹَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڌِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)